سال (18) اڱارو 27 آڪٽوبر 2026ع 15 جمادي الاول 1448ھ صفحا 6 - ملهه 30 روپيه شمارو (36)

ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
69 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (95) اڱارو 27 آڪٽوبر 2026ع 15 جمادي الاول 1448ھ صفحا 6 - ملهه 30 روپيه شمارو (73)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

افغانستان جا بي بنياد الزام رد، ٽي ٽي پي، فتنه الهندستان ۽ بي ايل اي خطي جي استحڪام لاءِ خطرو آهن: پاڪستان

گمراهه ڪندڙ معلومات ۽ منفي بيانيو افغان سرزمين تان سرگرم دهشتگرد نيٽ ورڪس جي خطري کي لڪائي نه ٿو سگهي، نه ئي افغان طالبان رجيم کي ذميواري کان آزاد ڪري سگهي ٿو

افغانستان پنهنجي سرزمين کي پاڪستان خلاف حملن جي منصوبابندي ۽ ڪارروائين لاءِ استعمال ٿيڻ کان روڪي، دهشتگرد ڪارروائين ۽ حملن ۾ رڳو 2026ع دوران 3500 کان وڌيڪ جاني نقصان ٿي چڪو آهي

طالبان رجيم، وڏي لنگر ۾ دهشتگرد تنظيمن کي بنا رڪاوٽ پناهه فراهم ڪري رهي آهي، جيڪو عالمي برادري جي لاءِ شديد ڳڻتي جو سبب آهي، پاڪستان جو ردعمل خطري جي نوعيت سبب هو

دهشتگرد حملن جي نتيجي ۾ هزارين پاڪستاني شهري شهيد ٿي چڪا آهن، انهن حملن جي منصوبابندي، مالي مدد، سرپرستي ۽ عملي ڪارروايون افغان سرزمين تان ڪيون وڃن آهن

دهشتگرد حملن جي جواب ۾ کنيل قدم، پنهنجي دفاع جي حق تحت لازمي ضرورت ۽ آخري آپشن طور کنيا ويا، اهي ڪارروايون رڳو افغانستان ۾ دهشتگردن ۽ انهن جي پٺڀرائي وارن مددي مرڪزن خلاف ڪيون ويون

عالمي برادري گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي لاڳاپيل قراردادن ۽ بين وابستگين تحت پنهنجون ذميواريون پوريون ڪرڻ ۾ ناڪامي تي طالبان رجيم جو گهيرو ۽ احتساب ڪري

پاڪستان پنهنجي خودمختياري، علائقائي سالميت ۽ پاڪستاني شهرين جي جان ۽ سلامتي جي تحفظ جي لاءِ سمورا ضروري قدم، کڻڻ جو حق محفوظ رکي ٿو: پرڏيهي آفيس جو ترجمان

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان دهشتگردي جي خاتمي جي ڪارروائين سان شهرين جي مارجڻ بابت افغان طالبان رجيم جي بي بنياد ۽ غيرتصديق ٿيل الزامن کي سختي سان رد ڪندي چيو آهي ته گمراهه ڪندڙ معلومات ۽ منفي بيانيو افغان سرزمين تان سرگرم دهشتگرد نيٽ ورڪس جي خطري کي لڪائي نه ٿو سگهي ۽ نه ئي افغان طالبان رجيم کي ان جي ذميواري کان آزاد ڪري سگهي ٿو ته هو افغان

ڏکڻ ايشيا ۾ پائيدار امن ۽ استحڪام ڪشمير تڪرار جي منصفاڻي ۽ پرامن حل کانسواءِ ممڪن ناهي: وزيراعظم

اڄ جو ڏينهن جمون ۽ ڪشمير جي تاريخ جو هڪ افسوسناڪ باب جي شروعات جي ياد ڏياري ٿو 79 سال اڳ ڀارتي فوج سرينگر ۾ داخل ٿي، ان جي اثر ۾ خطي تي اونداهي چادر ڦهلائي رکي آهي

ان ڏينهن کان هيستائين جمون ۽ ڪشمير جي عوام کي گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي لاڳاپيل قراردادن ۾ تسليم ٿيل، فتح نه ٿيڻ جوڳي خودمختياري جي حق حاصل ڪرڻ کان محروم رکيو ويو آهي

والاريل ڪشمير جي عوام بي پناهه مشڪلاتن، مصيبتن ۽ ڏکن کي منهن ڏنو آهي، ان جي باوجود پنهنجو بنيادي حق حاصل ڪرڻ لاءِ انهن جي جرئت، ثابت قدمي ۽ اٽل عزم ۾ ڪا گهٽتائي ناهي آئي

ڀارت ڪشميري عوام جي جائز سياسي اظهار کي دٻائڻ ۽ انهن جي ترجماني ڪندڙ آوازن کي خاموش ڪرائڻ جون مڪروهه ڪوششون جاري رکيون آهن، ڪشميري سياسي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن جي ڏکي قيد تي ڳڻتي آهي

آئون انهن بي شمار ڪشميري مردن، عورتن ۽ ٻارن کي خراج عقيدت پيش ڪريان ٿو جن پنهنجو حق حاصل ڪرڻ لاءِ عظيم قربانيون ڏنيون آهن، انهن جون ڪوششون سدائين ياد رکيون وينديون

ڏاڍ ۽ ظلم جي ذريعي ڪشميري عوام جي امنگن کي دٻائي نه ٿو سگهجي، پاڪستان ڪشميري عوام جي اخلاقي، سفارتي ۽ سياسي حمايت جاري رکندو: وزيراعظم شهباز شريف جو خصوصي بيان

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف ڀارت جي غيرقانوني قبضي هيٺ جمون ۽ ڪشمير جي عوام سان پختي يڪجهتي جو ورجاءُ ڪندي چيو آهي ته ڏکڻ ايشيا ۾ پائيدار امن ۽ استحڪام جو قيام جمون ۽ ڪشمير جي تڪرار جي منصفاڻي ۽ پرامن حل کانسواءِ ممڪن نه آهي هن اها ڳالهه ڪشمير ڪاري ڏينهن جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ چئي جيڪو اڄ 27 آڪٽوبر تي ملهايو پيو وڃي

فيلڊ مارشل سيد عاصم منير سرڪاري دوري تي تهران پهچي ويو

راولپنڊي (اي پي پي) چيف آف آرمي
بقايا نمبر 22 صفحو نمبر2

نائب وزيراعظم اسحاق ڊار جي بحرين جي پرڏيهي وزير ڊاڪٽر عبداللطيف بن راشد الزياني سان فون تي ڳالهه ٻولهه، خطي جي صورتحال تي ڳالهيون

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار بحرين جي پرڏيهي وزير ڊاڪٽر عبداللطيف

عالمي برادري والاريل ڪشمير ۾ انساني حقن جي سنگين خلاف ورزين جو نوٽيس وٺي: صدر

27 آڪٽوبر 1947ع اسان کي ان افسوسناڪ ڏينهن جي ياد ڏياري ٿو جڏهن ڀارتي فوج سرينگر ۾ لٿي

گذريل 8 ڏهاڪن کان ڀارتي غيرقانوني قبضي هيٺ والاريل ڪشمير جو عوام تشدد ۽ ڏاڍ ڀوڳي رهيو آهي

اٿندڙ حالتن باوجود ڪشميرين جو حوصلو ۽ عزم پنهنجي نصب العين تي پختي وابستگي جو واضح ثبوت آهي: صدر آصف زرداري

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري عالمي برادري خاص طور تي گڏيل قومن ۽ عالمي انساني حقن جي تنظيمن تي زور ڀريو آهي ته ڀارتي غيرقانوني قبضي هيٺ جمون ۽ ڪشمير ۾ انساني حقن جي صورتحال جو سنجيدگي سان

ايندڙ 24 ڪلاڪن دوران ملڪ جي اڪثر علائقن ۾ موسم خشڪ رهڻ جو امڪان

اسلام آباد (اي پي پي) موسميات کاتي اڳڪٿي ڪئي آهي ته ايندڙ 24 ڪلاڪن دوران ملڪ جي اڪثر علائقن ۾ موسم خشڪ رهڻ جو امڪان آهي جڏهن ته

پيٽروليم وزير علي پرويز ملڪ سان آمريڪي سفير نيٽلي اي بيڪر جي ملاقات

پاڪستان ۾ توانائي سلامتي ۽ پاڻ جي بنا رڪاوٽ فراهمي جي قدمن تي خيالن جي ڏي وٺ

پاڪستان ۽ آمريڪا جون ٽيمون توانائي جي شعبي ۾ تعاون لاءِ نوان موقعا ڳولي رهيون آهن: علي پرويز ملڪ

اسلام آباد (اي پي پي) پيٽروليم واري وفاقي وزير علي پرويز ملڪ سان آمريڪي ناظم الامور نيٽلي اي بيڪر ملاقات ڪئي جنهن ۾ وچ اوڀر جي صورتحال جي روشني

27 آڪٽوبر 1947ع ڪشميري عوام جي تاريخ جو هڪ المناڪ ۽ ڪارو ڏينهن آهي: وڏو وزير

ڀارتي ظلم، پابندين ۽ انساني حقن جي ڀڃڪڙين باوجود ڪشميري عوام جي حوصلي کي شڪست نٿي ڏئي سگهجي

پيپلز پارٽي جو موقف آهي ته ڪشميري عوام کي پنهنجي مستقبل جو فيصلو ڪرڻ جو پورو حق حاصل آهي

ڪشمير پاڪستان جي شهه رڳ آهي ۽ اسان ڪشميرين جي حقِ خودارادیت جي حمايت ڪندا رهنداسين

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ڪشمير جي ڪاري ڏهاڙي جي موقعي تي پنهنجي خصوصي پيغام ۾ چيو آهي ته 27 آڪٽوبر 1947ع ڪشميري عوام جي تاريخ جو هڪ المناڪ ۽ ڪارو ڏينهن آهي جڏهن ڀارتي فوجن سرينگر ۾ لهي جمو ۽ ڪشمير تي غير

دوحا: وفاقي وزير جام ڪمال جو قطر جي چيئرمين بزنس ايسو سيئيشن اڳواڻ سان ورتل فوٽو

ٽرمپ جي اسرائيلي عوام کي چونڊن ۾ نيتن ياهو جي حق ۾ ووٽ ڏيڻ جي اپيل

واشنگٽن (مانيٽرنگ ڊيسڪ) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ اسرائيل ۾ چونڊن کان هڪ ڏينهن اڳ اسرائيلي عوام کي وزيراعظم بينجمن نيتن ياهو جي حق ۾

برازيل جو صدر لوئيزا ناسيو لولاڊاسلوا چوٿون ڀيرو صدر چونڊجي ويو

ريوڊي جنيرو (اي پي پي) برازيل جو موجوده صدر لوئيزا ناسيو لولاڊاسلوا آڄر تي

ضابطاجاتي ۽ ٽيڪس بابت التوا ۾ پيل مسئلا حل ڪيا وڃن: ناڻي وزير

ناڻي وزير جي صدارت هيٺ اجلاس ۾ ٽيڪس معاملي تي ڪميٽي پرائيويٽ ايڪوٽي فنڊز لاءِ متوقع ٽيڪس نظام ٺاهڻ جي تجويزن جو جائزو

پرائيويٽ ايڪوٽي مارڪيٽ جي قيام لاءِ ضابطي جاتي ۽ ٽيڪس سٽارن ۾ اڳڀرائي کي تيز ڪيو وڃي: سينيٽر اورنگزيب

ملڪي سرمائي کي متحرڪ ڪرڻ سان گڏ قابل عمل سيڙپڪاري جي موقعن جي نشاندهي تي ڪم تيز ڪيو وڃي

اسلام آباد (اي پي پي) ناڻي واري وفاقي وزير سينيٽر محمد اورنگزيب ملڪ ۾ مضبوط ۽ ڪارآمد پرائيويٽ ايڪوٽي مارڪيٽ جي قيام لاءِ نيشنل پرائيويٽ ايڪوٽي فريم ورڪ جي روشني ۾ لاڳاپيل ادارن کي ضابطي جاتي ۽ ٽيڪس سٽارز ۾ اڳڀرائي تيز ڪرڻ ملڪي سيڙپڪاري جا وسيلا متحرڪ ڪرڻ ۽ قابل عمل سيڙپڪاري موقعن جي نشاندهي جو عمل اڳتي وڌائڻ جي هدايت ڪئي آهي هن اها ڳالهه سومر ڏينهن هتي نيشنل پرائيويٽ ايڪوٽي فريم ورڪ جي قيام لاءِ قائم

دوائن جي قيمتن ۾ اضافو ڪنهن به صورت ۾ قبول ناهي: احد چيمه

دوائن جي قيمتن جي تعين ۾ عوامي مفاد حڪومت جي اولين ترجيح آهي

اسلام آباد (اي پي پي) اقتصادي معاملن ۽ اسٽيبلشمينٽ ڊويزن واري وفاقي وزير

صدر ۽ وزيراعظم سميت سياسي ۽ عسڪري قيادت پاران تعزيت

جنرل (ر) عبدالوحيد ڪاڪڙ جي خاندان سان دلي تعزيت ڪريون ٿا: صدر آصف زرداري

الله تعاليٰ سوڳوار خاندان کي اهو صدمو برداشت ڪرڻ جو حوصلو ڏي: وزيراعظم شهباز شريف

سينيٽ چيئرمين، ڊپٽي چيئرمين، قومي اسيمبلي جي اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر جون پڻ تعزيتون

اسلام آباد (اي پي پي/م ڊ) صدر آصف علي زرداري اڳوڻي چيف آف آرمي اسٽاف جنرل (ريٽائرڊ) عبدالوحيد ڪاڪڙ جي لاڏاڻي تي تعزيت جو اظهار ڪيو آهي

لبيا ۾ آمريڪا جو سفير طلب، صدر ٽرمپ جي توهين آميز بيان تي احتجاج

ڪنهن به افڙي بيان کي رد ڪريون ٿا، جيڪي عوام جي عزت نفس کي نقصان پهچائي

اسان گڏيل احترام جي بنياد تي آمريڪا سان پنهنجن لاڳاپن جا خواهشمند آهيون: پرڏيهي سفير

طرابلس (اي پي پي) لبيا جي پرڏيهي وزارت طرابلس ۾ مقرر آمريڪي وقتي سفير کي طلب ڪري صدر ڊونلڊ ٽرمپ جي گڏيل ڏينهن چونڊ جلسي دوران ڏنل انهن بيانن

آمريڪا ٻه طرفي ڳالهين بابت سنجيده ناهي ۽ صرف پنهنجي مرضي مڙهڻ چاهي ٿو: ايران

سفارتڪاريءَ لاءِ پرعزم آهيون، ڳالهين جا دروازا ڪڏهن به بند نه ڪيا آهن، ڌمڪيون ڏيڻ واري ٻوليءَ سان ڪم نٿيون سگهن

گذريل ٻن سالن دوران، آمريڪا حقيقي ڳالهين ۽ پنهنجون شرطون مڙهڻ جي وچ ۾ فرق ڪرڻ ۾ ناڪام رهيو آهي: اسماعيل بقائي

تهران (م ڊ) ايران جو چوڻ آهي ته آمريڪا صرف پنهنجي مرضي مڙهڻ چاهي ٿو ۽ ٻه طرفي ڳالهين بابت سنجيده ناهي ايران آمريڪا تي الزام لڳايو آهي ته هو ڳالهين بابت سنجيده ناهي جڏهن ته ان ڳالهه تي زور ڏنو آهي ته هو سفارتڪاريءَ لاءِ پرعزم آهي ۽ ڳالهين جا دروازا ڪڏهن به بند نه ڪيا آهن بين الاقوامي خبرن جي ايجنسين موجب، ايراني پرڏيهي وزارت جي ترجمان

ايراني صدر مسعود پزشڪيان سان پاڪستان، سعودي عرب ۽ ترڪي جا اڳواڻ ملاقات ڪندي

دهشتگردن خلاف ڪامياب ڪارروائين تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪريون ٿا: بلاول ڀٽو

پي پي پي چيئرمين بلاول ڀٽو پاران ڊيره اسماعيل خان ۽ بلوچستان ۾ دهشتگردن خلاف ڪامياب ڪارروائين تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين

قلعه سيف الله ۾ دهشتگرد ڪمانڊر جو مارجي وڃڻ سيڪيورٽي فورسز جي موثر ڪارروائين جو ثبوت آهي: پ پ چيئرمين

يومِ 27 اکتوبر
استحصال کشمیر
فقید المثال جدوجہد
حقِ خود ارادیت کے 79 سال
"کشمیر ہماری شہ رگ ہے"
(قائدِ اعظم محمد علی جناح)
#KashmirBlackDay
ایک قوم
ایک ایمان
کشمیر بنے گا
پاکستان
ہم پاکستانی ہیں، پاکستان ہمارا ہے
HUM PAKISTANI HAIN, PAKISTAN HAMARA HAI

"میں اپنے کشمیری بہن بھائیوں سے کہتا ہوں کہ حقِ خودارادیت کیلئے آپ کی جدوجہد میں آپ تنہا نہیں ہیں پاکستان مضبوطی سے آپ کے ساتھ کھڑا ہے۔"
آصف علی زرداری
صدر اسلامی جمہوریہ پاکستان

"میں اپنے کشمیری بہن بھائیوں کو مکمل ذمہ داری کے ساتھ یقین دلاتا ہوں کہ ہم انہیں ان کا حقِ خودارادیت ملنے تک اپنی مکمل سفارتی، سیاسی اور اخلاقی حمایت فراہم کرتے رہیں گے۔"
محمد شہباز شریف
وزیر اعظم اسلامی جمہوریہ پاکستان
اقوامِ متحدہ کی جنرل اسمبلی کے 81 ویں سیشن سے خطاب

"کشمیر ہماری شہ رگ تھی اور رہے گی آزادی کی اس جدوجہد میں ہم اپنے کشمیری بہن بھائیوں کو تنہا نہیں چھوڑیں گے۔"
فیلڈ مارشل سید عاصم منیر
نشان امتیاز (ملٹری) ہلال جرات
چیف آف ڈیفنس فورسز ، چیف آف آرمی سٹاف

3817-D/26

بقايا 1 روزاني عبرت

جيڪو اڄ 27 آڪٽوبر تي ملهايو پيو وڃي، وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو ته اڄ جو ڏينهن جمون ۽ ڪشمير جي تاريخ جو هڪ افسوسناڪ باب جي شروعات جي ياد ڏياري ٿو جڏهن 79 سال اڳ ڀارتي فوج سرينگر ۾ داخل ٿي، ان جا اثر اڄ به خطي تي اونداهي ڇانئو ڦهلائي رکي آهي. ان ڏينهن کان هيستائين جمون ۽ ڪشمير جي عوام کي گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي لاڳاپيل قراردادن ۾ تسليم ٿيل فتح نه ٿيڻ جوڳي خودمختياري جي حق حاصل ڪرڻ کان محروم رکيو ويو آهي هن چيو ته ڀارت جي غيرقانوني قبضي هيٺ جمون ۽ ڪشمير جي عوام بي پناهه مشڪلاتن مصيبتن ۽ ڏاڍ کي منهن ڏنو آهي. ان جي باوجود پنهنجي بنيادي حق کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ انهن جي جرئت، ثابت قدمي ۽ اٽل عزم ۾ ڪا گهٽتائي ناهي آئي نسل در نسل ڏني ويندڙ قربانيون، آزادي، وقار ۽ انصاف حاصل ڪرڻ جي لاءِ انهن جي مستقل جدوجهد جو روشن ثبوت آهي وزيراعظم چيو ته ڀارت ڪشميري عوام جي جائز سياسي اظهار کي دٻائڻ ۽ انهن جي امنگن جي ترجماني ڪندڙ آوازن کي خاموش ڪرائڻ جون مڪروهه ڪوششون جاري رکيون آهن. ڪشميري سياسي اڳواڻن ڪارڪنن ۽ انساني حقن جي محافظن جي بدستور ڊگهي قيد ڳڻتي جوڳي آهي اها صورتحال قانوني گهرجن جي پاسداري، بنيادي آزادين جو احترام ۽ جمون ۽ ڪشمير جي مجموعي خراب ٿيندڙ حالتن تي عالمي برادري جي وڌيڪ ڌيان جي گهرجائو آهي هن چيو ته 5 آگسٽ 2019 ع کان ڀارت والاريل جمون ۽ ڪشمير ۾ هڪطرفي قدمن جو هڪ سلسلو اختيار ڪري رکيو آهي جنهن ۾ بنيادي آزادين تي وسيع پئماني تي پابنديون پڻ هڻيون ويون آهن. انهن قدمن ان علائقي جي سياسي، قانوني ۽ آبادياتي حيثيت کي متاثر ڪيو آهي جن طرف عالمي سطح تي سنجيده ڌيان جي ضرورت آهي وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو ته جمون ۽ ڪشمير بابت پاڪستان جو موقف واضح، مستقل ۽ اصولي آهي ڏکڻ ايشيا ۾ پائيدار امن ۽ استحڪام جو قيام جمون ۽ ڪشمير جي تڪرار جي منصفاڻي ۽ پرامن حل کانسواءِ ممڪن نه آهي. اهڙو حل جيڪو گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي لاڳاپيل قراردادن ۽ ڪشميري عوام جي امنگن موجب هجي هن چيو ته ان موقعي تي آئون انهن بي شمار ڪشميري مرد ۽ عورتن ۽ ٻارن کي خراج عقيدت پيش ڪريان ٿو جن پنهنجي حق کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ عظيم قربانيون ڏنيون آهن انهن جون ڪوششون سدائين ياد رکيون وينديون ڏاڍ ۽ ظلم جي ذريعي ڪشميري عوام جي امنگن کي دٻائي نه ٿو سگهجي وزيراعظم چيو ته ڪشمير بليڪ ڊي جي موقعي تي حڪومت ۽ پاڪستان جي عوام ڀارت جي غيرقانوني قبضي هيٺ جمون ۽ ڪشمير جي عوام سان پنهنجي اٽل يڪجهتي جو ورجاءُ ڪري ٿي ٿي پاڪستان ڪشميري عوام جي اخلاقي سفارتي ۽ سياسي حمايت جاري رکندو ۽ هر قومي ۽ عالمي فورم تي انهن جي جائز حقن جي لاءِ آواز اٿاريندو رهندو هن دعا ڪئي ته جمون ۽ ڪشمير جي عوام کي پائيدار امن، وقار ۽ سلامتي تي ٻڌل مستقبل نصيب ٿئي ۽ انهن جون امنگون بشمول خودمختياري جو حق پورو ٿئي

بقايا 2 روزاني عبرت

ايڪويٽي فريم ورڪ جي قيام لاءِ قائم ڪيل ڪميٽي جي اجلاس جي صدارت ڪندي چيو ته اجلاس ۾ ضابطي جاتي سڌارن تجويز ڪيل ٽيڪس فريم ورڪ ۽ ملڪي سرمائي کي متحرڪ ڪرڻ ۽ سيڙپڪاري جا موقعا پيدا ڪرڻ لاءِ جاري قدمن جو جائزو ورتو ويو ناڻي واري وزير مختلف شعبن ۾ ٿيل اڳڀرائي کي ساراهيندي ان ڳالهه تي زور ڀريو ويو ته پاليسي ۽ ضابطاجاتي سڌارن کي عملي سيڙپڪاري جي موقعن ۾ تبديل ڪيو وڃي هن چيو ته هڪ شفاف تجارتي اعتبار سان قابل عمل ۽ سيڙپڪار دوست نظام ملڪي بچت کي پيداواري سرگرمين ڏانهن منتقل ڪرڻ اداره جاتي سيڙپڪاري کي راغب ڪرڻ ۽ نجي شعبي کي قيادت ۾ معاشي ترقي کي هٿي ڏيڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو اجلاس ۾ پاڪستان جي پرائيويٽ ايڪويٽي مارڪيٽ جي امڪانن جو جائزو وٺندي ڪاروباري ادارن کي حاصل ڪرڻ ڪمپنين جي ضم ۽ استحڪام نون منصوبن ۽ موجوده سيڙپڪارن طرفان سيڙپڪاري مان نيڪال جي موقعن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. اجلاس ۾ ملڪي اداره جاتي سرمائي کي متحرڪ ڪرڻ تي خاص ڌيان ڏنو ويو جنهن ۾ بينڪن انشورنس ڪمپنين ميوچل فنڊن پينشن اسڪيمن ۽ ترقياتي مالياتي ادارن جي دستياب وسيلا شامل آهن ان کان سواءِ مقامي ڪاروباري ادارن ۽ خانداني آفيسن جي امڪاني شرڪت تي پڻ غور ڪيو ويو ان موقعي تي اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان پاران تازين ضابطاجاتي تبديلين بابت بريفنگ ڏني وئي جنهن ۾ بئنڪن لاءِ ڪنهن هڪ پرائيويٽ ايڪويٽي فنڊ ۾ سيڙپڪاري جي قابل اجازت واري حد کي 10 سيڪڙو کان وڌائي 20 سيڪڙو ڪرڻ به شامل آهي ٽيڪس جي معاملي تي ڪميٽي پرائيويٽ ايڪويٽي فنڊز لاءِ هڪ واضح، مقابلي واري ۽ متوقع ٽيڪس نظام ناهڻ جي تجويزن جو جائزو ورتو ناڻي واري وزير لاڳاپيل عالمي ٽيڪس ماڊلز جو جامع جائزو وٺڻ ۽ انهن کي پاڪستان جي معاشي ۽ ضابطاجاتي ماحول سان هم آهنگ ڪرڻ جي ضرورت تي زور ڀريو هن چيو ته تجويز ڪيل ٽيڪس انتظامن سان جائز سيڙپڪاري جي حوصلا افزائي ٿيڻ گهرجي، پر ان جي ذريعي ٽيڪس کان بچڻ جي غير مناسب موقعا غير ارادي معاشي بگاڙ يا ضابطاجاتي ٽڪراءُ پيدا نه ٿيڻ گهرجن ڪميٽي ان ڳالهه تي به زور ڀريو ته ضابطاجاتي ۽ ٽيڪس سان لاڳاپيل ادارن وچ ۾ هڪ مربوط حڪمت عملي اختيار ڪئي وڃي ته جيئن سيڙپڪاري جي مختلف قسمن ۽ ذريعن لاءِ هڪجهڙا ۽ هم آهنگ اصول جوڙي سگهجن ۽ پرائيويٽ ايڪويٽي مارڪيٽ جي اثرائتي ترقي ممڪن ٿي سگهي. ناڻي واري وزير لاڳاپيل ڌرين کي هدايت ڪئي ته هن وقت تائين حاصل ڪيل اڳڀرائي کي اڳتي وڌايو وڃي، ضابطاجاتي ۽ ٽيڪس بابت التوا ۾ پيل مسئلا حل ڪيا وڃن ۽ ملڪي سرمائي کي متحرڪ ڪرڻ سان گڏ قابل عمل سيڙپڪاري جي موقعن جي نشاندهي تي ڪم تيز ڪيو وڃي ته جيئن قومي پرائيويٽ ايڪويٽي فريم ورڪ تي عملدرآمد طرف اڳڀرائي ممڪن ٿي سگهي

بقايا 3 روزاني عبرت

اسٽيبلشمينٽ ڊويزن واري وفاقي وزير سينيٽر احد چيما چيو آهي ته دوائن جي قيمتن جي تعين ۾ عوامي مفاد حڪومت جي اولين ترجيح آهي ۽ جائز سببن کان سواءِ قيمتن ۾ اضافو ڪنهن به حالت ۾ قابل قبول ناهي قيمتن جو تعين ڪندي وقت عوامي مفاد کي ترجيح ڏني ويندي، دواسازي شعبي ۽ امپورٽ ڪندڙن لاءِ غير ضروري رڪاوٽون به پيدا نه ڪيون وينديون. هن اها ڳالهه سومر ڏينهن هتي ڊرگ ريگيوليٽري اٿارٽي آف پاڪستان (ڊريپ) بابت اجلاس جي صدارت ڪندي چئي اجلاس ۾ دوائن جي قيمتن جي التوا واري ڪيسن ۽ موجوده قيمت جي فارمولي جو جائزو ورتو ويو اجلاس کي بريفنگ ڏيندي عملدارن ٻڌايو ته دوائن جي قيمتن سان لاڳاپيل التوا واري ڪيسن جو جائزو تقريبن مڪمل ٿي چڪو آهي سينيٽر احد چيما هن اڳڀرائي کي ساراهيندي لاڳاپيل اختيارين کي هدايت ڪئي ته انهن ڪيسن کي وڌيڪ ڪارروائي لاءِ اڳتي وڌايو وڃي. هن ڪيسن جي جائزي کي مڪمل ڪرڻ جي سلسلي ۾ موسمياتي تبديلي واري وفاقي وزير ڊاڪٽر مصدق ملڪ ۽ ڊريپ عملدارن جي ڪوششن کي به ساراهيو. اجلاس کي ٻڌايو ويو ته صحت واري عالمي اداري جي تجويز ڪيل ڪرائي ويلنٽ فلو ويڪسين مارڪيٽ ۾ ڪافي مقدار ۾ موجود آهي عملدارن موجب عالمي مارڪيٽ ۾ ويڪسين جون قيمتون ضابطي ۾ اچڻ سبب ڊريپ ان بابت هارڊ شپ ڪيس واپس وٺي چڪيو آهي بريفنگ ۾ وڌيڪ ٻڌايو ويو ته ڊريپ دوائن جي قيمتن جي موجوده فارمولي جو جائزو وٺي رهيو آهي ۽ اهڙين شقن جي نشاندهي ڪئي پئي وڃي جيڪي قيمتن جي منصفاڻي ۽ صحيح تعين ۾ رڪاوٽ بڻجي سگهن ٿيون وفاقي وزير احد چيما ڊريپ کي هدايت ڪئي ته دوائن جي قيمتن جي وڌيڪ آزاد ۽ اثرائتي جائزي لاءِ لاڳاپيل ڊيٽا بيسز جي سبسڪرپشنز خريد ڪرڻ جي امڪان تي غور ڪيو وڃي

بقايا 4 روزاني عبرت

موجب ايراني پرڏيهي وزارت جي ترجمان اسماعيل بقائي صحافين کي ٻڌايو ته گذريل ٻن سالن دوران آمريڪا حقيقي ڳالهين ۽ پنهنجون شرطون مڙهڻ جي وچ ۾ فرق ڪرڻ ۾ ناڪام رهيو آهي بقائي موجب، آمريڪي ڌر ڳالهين جي عمل بابت سنجيده ناهي سندن رويي مان ظاهر ٿئي ٿو ته هو ڳالهين کي باهمي سمجهه (mutual understanding) جي ذريعي طور نه پر پنهنجون شرطون مڙهڻ جي هڪ اوزار طور ڏسن ٿا

بقايا 5 روزاني عبرت

ناڻي جي بچت ۽ آبادگارن جي آمدنيءَ ۾ واڌ ۾ مدد ملندي هڪ بيان ۾ سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سنڌ ۾ سرنهن جي پوک جو رقبو 51 هزار 870 هيڪٽرن مان وڌي 61 هزار 165 هيڪٽر ٿي ويو آهي، جڏهن ته تر ۽ ڪينولا جي پوک ۾ به واڌ رڪارڊ ڪئي وئي آهي سنڌ جي هيٺاهين وارن علائقن ۾ سرنهن جي پوک کي هٿي وٺرائڻ جا وسيع موقعا موجود آهن جن مان فائدو وٺي زرعي پيداوار ۾ وڌيڪ واڌ ڪري سگهجي ٿي هن چيو ته سنڌ حڪومت آبادگارن جي مالي مدد، زرعي خرچن ۾ گهٽتائي ۽ مقامي زرعي پيداوار وڌائڻ لاءِ عملي قدم کڻي رهي آهي آبادگارن کي مالي مدد فراهم ڪرڻ، ڀاڻ تي سبسڊي، جديد زرعي مشينريءَ جي واڌاري ۽ آبپاشيءَ جي وسيلن جي اثرائتي استعمال کي حڪومت جي اولين ۾ شامل ڪيو ويو آهي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته بينظير هاري ڪارڊ ذريعي آبادگارن کي مالي مدد ڏني پئي وڃي، جڏهن ته آبادگارن لاءِ 14.9 ارب رپين جي اضافي امدادي پيڪيج تحت ڊي اي پي ڀاڻ تي سبسڊي پڻ ڏني پئي وڃي سنڌ حڪومت آبادگارن جي سهائتا، زرعي شعبي کي مضبوط بڻائڻ ۽ مقامي پيداوار ۾ واڌ لاءِ پنهنجا قدم جاري رکندي، ته جيئن هاري خوشحال ٿين ۽ ملڪ کاڌي جي تيل جي درآمدات تي دارومدار گهٽائي سگهي

بقايا 6 روزاني عبرت

ڪئي جنهن دوران گلگت بلتستان جي سياسي صورتحال انتظامي معاملن ۽ عوام کي درپيش مسئلن تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي ملاقات دوران وڏي وزير امجد حسين ايڊووڪيٽ پيپلز پارٽيءَ جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداريءَ کي گلگت بلتستان جي موجوده انتظامي صورتحال، حڪومتي ڪارڪردگي ۽ عوامي مسئلن جي حل لاءِ کنيل قدمن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني ان موقعي تي گلگت بلتستان جي سياسي صورتحال ۽ علائقي ۾ عوام کي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ سميت مختلف انتظامي معاملن تي پڻ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي وڏي وزير امجد حسين ايڊووڪيٽ بلاول ڀٽو زرداريءَ کي علائقي جي عوام کي درپيش مسئلن انهن جي حل لاءِ جاري ڪوششن ۽ حڪومتي قدمن بابت آگاهه ڪيو ملاقات ۾ گلگت بلتستان جي مجموعي صورتحال جو جائزو وٺندي عوام جي مسئلن جي حل ۽ علائقي ۾ انتظامي معاملن کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ بابت پڻ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ٻئي پاسي پ پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سان بلاول هائوس ڪراچي ۾ وزير محنت افرادي قوت ۽ سماجي تحفظ واري صوبائي وزير سعيد غني سان پڻ ملاقات ڪئي

بقايا 7 روزاني عبرت

تڪميل ۽ تعميراتي ڪمن جو معيار يقيني بڻائڻ لاءِ انهن منصوبن جي پاڻ نگراني ڪري رهيو آهيان شهرين کي پيش ايندڙ ڏکيائين جو احساس آهي ۽ اسان جي ڪوشش آهي ته ترقياتي ڪم جلد مڪمل ڪري عوام کي بهتر سفري سهولتون فراهم ڪيون وڃن اهڙن خيالن جو اظهار هن لياري ۾ تعمير هيٺ مرزا آدم خان روڊ جي دوري دوران ڪيو جتي انجنيئرنگ ڪاتي جي آفيسرن کيس جاري ترقياتي ڪمن جي اڳڀرائي بابت بريفنگ ڏني ميئر ڪراچي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب چيو ته مرزا آدم خان روڊ لياري جي اهم رستن مان هڪ آهي جنهن تان روزانو هزارين شهري گذرن ٿا. هن روڊ جي بحاليءَ سان علائقي جي رهواسين کي آچ وچ ۾ سهولت ملندي ۽ ٽريفڪ جي رواني بهتر بڻائڻ ۾ مدد ملندي هن ٻڌايو ته روڊ جي چئن ڪلوميٽرن ڊگهي حصي جي بحاليءَ جو ڪم جاري آهي ۽ هينئر تائين لڳ ڀڳ 70 سيڪڙو ڪم مڪمل ٿي چڪو آهي، جڏهن ته باقي حصي تي پيور بلاڪ لڳائڻ سميت ٻين ڪمن کي به تيزيءَ سان مڪمل ڪرڻ جون هدايتون ڏنيون ويون آهن هن چيو ته اسان جي ڪوشش آهي ته مرزا آدم خان روڊ جي باقي حصي تي پيور بلاڪ لڳائڻ جو ڪم ايندڙ هڪ مهيني اندر مڪمل ڪيو وڃي، جيئن شهرين کي جلد کان جلد بهتر ۽ محفوظ سفري سهولتون فراهم ڪري سگهجن لاڳاپيل آفيسرن کي هدايت ڪئي وئي آهي ته تعميراتي ڪم مقرر ڪيل معيار موجب مڪمل ڪيا وڃن ۽ منصوبي جي تڪميل ۾ غير ضروري دير کان پاسو ڪيو وڃي ميئر ڪراچي چيو ته ترقياتي منصوبن جي معيار تي ڪنهن به قسم جي سوديبازي نه ڪئي ويندي لاڳاپيل آفيسر ڪم جي رفتار سان گڏ تعميراتي معيار تي به خاص ڌيان ڏين هن واضح ڪيو ته ترقياتي ڪمن جي نگرانيءَ جو مقصد اهو يقيني بڻائڻ آهي ته عوامي وسيلن جو صحيح استعمال ٿئي ۽ شهرين کي انهن منصوبن جا فائدا جلد حاصل ٿين شهر جي مختلف علائقن ۾ جاري منصوبن جو جائزو وٺڻ جو سلسلو به ان ئي مقصد تحت جاري آهي، جيئن موقعي تي ڪمن جي اڳڀرائي جو جائزو وٺي ضروري هدايتون ڏئي سگهجن ميئر ڪراچي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب چيو ته ڪراچيءَ جي ترقي ۽ شهرين کي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ اسان جي ترجيحن ۾ شامل آهي لياري هجي يا ملير شهر جي سمورن علائقن ۾ بنا ڪنهن فرق جي ترقياتي ڪم جاري رکڻ چاهيون ٿا، جيئن هر علائقي جي رهواسين کي بهتر رستا ۽ معياري بلدياتي سهولتون فراهم ڪري سگهجن پاڪستان پيپلز پارٽي عوامي خدمت تي يقين رکي ٿي ۽ ڪراچيءَ جي تعمير ۽ ترقيءَ لاءِ پنهنجون ڪوششون جاري رکندي

بقايا 8 روزاني عبرت

ڏهاڙي جي حوالي سان سنڌ حڪومت جي ترجمان سعديه جاويد، سميتا افضل، سيده تحسين عابدي، سُکديو همناڻي ۽ مصطفيٰ بلوچ سان گڏ ڪاري پٽي ٻڌي پريس ڪانفرنس ڪئي سنڌ حڪومت جي ترجمان سعديه جاويد چيو ته 27 آڪٽوبر کي يوم سياهه ڪشمير طور ملهائڻ جو مقصد ڪشميري عوام سان يڪجهتي جو اظهار ڪرڻ آهي سڄي پاڪستان ۾ يوم سياهه ملهايو پيو وڃي، ڪشميري عوام اڄ به حقِ خوداراديت لاءِ جدوجهد ڪري رهيو آهي ڀارت پاڻ کي سيڪيولر ملڪ چوي ٿو پر اتي مسلمانن سميت ٻين اقليتن کي نشانو بڻايو پيو وڃي ڀارت ۾ ڪشمير کان مڻي پور تائين اقليتن کي نشانو بڻائڻ جون شڪايتون سامهون اچي رهيون آهن هن چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي ڪشمير کي پاڪستان جي شهه رڳ سمجهي ٿي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو گڏيل قومن ۾ ڪشمير جو مقدمو وڙهيو ۽ ان کي پاڪستان جي شاهه رڳ قرار ڏنو هو پاڪستان پيپلز پارٽي هميشه عالمي فورمن تي ڪشميري عوام جي حق ۾ آواز اٿاريو آهي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو شهيد بينظير ڀٽو صدر آصف علي زرداري ۽ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري هر عالمي فورم تي ڪشمير جو مقدمو وڙهيو يوم سياهه ڪشمير جي موقعي تي سڄي سنڌ ۾ احتجاجي پروگرام منعقد ڪيا ويندا سڄي سنڌ ۾ يوم سياهه ملهايو ويندو ۽ مختلف پروگرام منعقد ڪيا ويندا. يوم سياهه ڪشمير جي سلسلي ۾ سڄي صوبي ۾ احتجاجي سرگرمين جو بندوبست ڪيو ويو آهي سنڌ حڪومت جي ترجمان سميتا افضل چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي هميشه ڪشميري ڀائرن ۽ ڀينرن سان گڏ بيٺلي رهي آهي ڪشميري عوام جي تڪليفن ۽ پريشانين ۾ سندن سان گڏ آهيون. يوم سياهه ڪشمير جي موقعي تي سنڌ حڪومت ۽ پيپلز پارٽي مختلف احتجاجي سرگرمين جو پروگرام ترتيب ڏنو آهي. يوم سياهه ڪشمير جي پروگرام جي شروعات هڪ منٽ جي خاموشي سان ڪئي ويندي. يوم سياهه ڪشمير جي سلسلي ۾ پيپلز چورنگي کان مزار قائد تائين ريلي ڪڍي ويندي جنهن جي اڳواڻي صوبائي وزير ناصر حسين شاهه ۽ سعيد غني ڪندا. يوم سياهه ڪشمير جي پروگرام ۾ آل پارٽيز حريت ڪانفرنس جي اڳواڻ محمد شڪيل دار پڻ خطاب ڪندو سنڌ حڪومت جي ترجمان سيده تحسين عابدي چيو ته يوم سياهه ڪشمير صرف سوڳ جو ڏينهن ناهي پر عالمي ادارن ۽ تنظيمن جي ضمير کي لوڏڻ جو ڏينهن پڻ آهي. ڪشمير ۾ انساني حقن جي خلاف ورزين جي باوجود عالمي ادارن جي قراردادن تي عمل درآمد ناهي ڪيو ويو عالمي ادارن کي اپيل آهي ته ڪشمير بابت منظور ٿيل قراردادن تي عمل درآمد يقيني بڻايو وڃي جيڪڏهن عالمي ادارا مظلومن کي انصاف فراهم نه ڪندا ته دنيا انهن ادارن تي ڀروسو ڇو ڪندي. هن چيو ته شهيد بينظير ڀٽو صدر آصف علي زرداري ۽ بلاول ڀٽو زرداري هر فورم تي ڪشميري عوام جي حقن جي حمايت ڪئي پاڪستان پيپلز پارٽي هميشه ڪشميري عوام جي حقِ خوداراديت جي حمايت ڪئي آهي يوم سياهه ڪشمير جي موقعي تي عوام ۾ ڪاريون پٽيون پڻ ورهايون وينديون ڪراچي وانگر حيدرآباد ۾ پڻ يوم سياهه ڪشمير جي موقعي تي هڪ منٽ جي خاموشي اختيار ڪئي ويندي سنڌ حڪومت جي ترجمان مصطفيٰ بلوچ چيو ته يوم سياهه ڪشمير جو احتجاج پرامن انداز ۾ ملهائڻ جي ڪوشش ڪنداسين عالمي برادري تائين اهو پيغام پهچائڻو آهي ته ڪشميري عوام اڪيلو ناهي، پاڪستان جو هر شهري سندن سان گڏ آهي ڪشمير ۾ انٽرنيٽ جي بندش ۽ بنيادي انساني حقن کان محرومي تي خاموش نٿا ويهي سگهون. پاڪستان پيپلز پارٽي هميشه ڪشميري عوام سان گڏ بيٺلي رهي آهي ۽ ايندڙ وقت ۾ به گڏ رهندي سنڌ حڪومت جي ترجمان سُکديو همناڻي چيو ته ڀارت دنيا جي سڀ کان وڏي جمهوريت هجڻ جي دعويٰ ڪري ٿو پر ڪشمير ۾ انساني حقن جي صورتحال تي سوال اٿاريا پيا وڃن والاريل ڪشمير کي هڪ کليل جيل ۾ تبديل ڪيو ويو آهي اتي لکين ڀارتي فوجي مقرر آهن والاريل ڪشمير ۾ هر ستن شهرين لاءِ هڪ ڀارتي فوجي مقرر هجڻ جي دعويٰ ڪئي وڃي ٿي نريندر مودي جي دور ۾ فالس فليگ آپريشنز ذريعي مسلمانن کي نشانو بڻائڻ ۽ مذهبي نفرت ڦهلائڻ جا الزام آهن. ڀارت تي ڪشمير ۾ پنهنجي قبضي کي برقرار رکڻ لاءِ مذهبي نفرت کي هوا ڏيڻ جا پڻ الزام آهن ڀارت ۾ ڏهن ڏينهن دوران مسلم اقليت کي نشانو بڻائڻ جا 64 واقعا پيش اچڻ جي دعويٰ ڪئي وئي آهي 2019 جي بالاڪوٽ واقعي کانپوءِ ڀارت ۾ مسلم اقليتن ۽ ڪشميرين جي خلاف ڪاررواين ۾ اضافي جي دعويٰ ڪئي وئي آهي. آمريڪي ڪميشن برائي بين الاقوامي مذهبي آزادي پنهنجي رپورٽ ۾ ڀارت ۾ مذهبي آزادي جي صورتحال تي خدشن جو اظهار ڪيو آهي ڀارت ۾ مذهبي آزادي جي خلاف ورزين ۽ ڪشمير ۾ انساني حقن جي صورتحال تي عالمي سطح تي آواز اٿاريو پيو وڃي هن چيو ته سنڌ حڪومت سڀاڻي يوم سياهه ڪشمير ملهائيندي ۽ ڪشميري عوام سان يڪجهتي جي اظهار لاءِ احتجاج ڪيو ويندو

بقايا 9 روزاني عبرت

انويسٽيگيشن ايجنسي (اين سي سي آءِ اي) جي آفيسر جي نامزدگيءَ جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو آهي اين سي سي آءِ اي پاران سنڌ جي گهرو کاتي کي جوابي خط موڪلي ڊپٽي ڊائريڪٽر شهزاد اڪبر کي گڏيل جاچ ٽيم ۾ اداري جو نمائندو نامزد ڪرڻ بابت آگاهه ڪيو ويو آهي خط موجب شهزاد اڪبر سنڌ حڪومت پاران جوڙيل گڏيل جاچ ٽيم ۾ اين سي سي آءِ اي جي نمائندگي ڪندو ۽ ڪيس جي جاچ ۾ ٽيم سان مڪمل سهڪار ڪندو اين سي سي آءِ اي پاران مير رضا قتل ڪيس جي جاچ دوران ڊجيٽل فرانزڪس، موبائل فونن جي ڊيٽا جي ڇنڊڇاڻ ۽ ٻين ٽيڪنيڪي معاملن ۾ جاچ ٽيم کي مدد فراهم ڪئي ويندي ان کان علاوه مير رضا جي اسمارٽ واچ جي فني ۽ ڊجيٽل جاچ ۾ پڻ اين سي سي آءِ اي پاران سهڪار ڪيو ويندو، جنهن ذريعي ڪيس سان لاڳاپيل اهم معلومات ۽ ڊجيٽل ثبوتن جي ڇنڊڇاڻ ۾ مدد ملڻ جي اميد آهي گڏيل جاچ ٽيم ۾ اين سي سي آءِ اي جي آفيسر جي شموليت جو مقصد جديد ٽيڪنالاجي ۽ ڊجيٽل ثبوتن جي مدد سان ڪيس جي جاچ ۾ سهڪار فراهم ڪرڻ آهي

بقايا 10 روزاني عبرت

ڊي آءِ جيز هيڊڪوارٽرز، فنانس ۽ اي آءِ جيز فنانس ۽ ايڊمن وڊيو لنڪ ذريعي شرڪت ڪئي ڊي آءِ جي سکر ناصر آفتاب خان ۽ ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو شيراز نذير پاران لاڳاپيل ضلعن، خاص طور ڪچي وارن علائقن ۾ امن امان جي مجموعي صورتحال، ڌاڙيل عنصرن خلاف پوليس ڪاررواين ۽ امن جي قيام لاءِ کنيل قدمن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني وئي اجلاس ۾ ڪچي وارن علائقن ۾ قائم پوليس چوڪين، پوليس جي بنيادي ڍانچي، گاڏين افرادي قوت ۽ موجود سهولتن جو جائزو ورتو ويو جڏهن ته پوليس جي آپريشنل صلاحيتن کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ لاءِ گهربل وسيلن ۽ ضرورتن تي پڻ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو پاران ضلعي گهوٽڪي جي علائقي راونتي ۾ ٽن ڏينهن واري شهيد محترمه بينظير ڀٽو راونتي امن اسپورٽس فيسٽيول جي ڪامياب ۽ پرامن انعقاد تي سنڌ حڪومت، وفاقي سول ۽ حساس ادارن، ضلعي انتظاميا، سنڌ پوليس ۽ پاڪستان رينجرز سنڌ جي ڪوششن کي ساراهيو ويو ان موقعي تي آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ڊي آءِ جي سکر، ايس ايس پي گهوٽڪي ۽ پوري پوليس ٽيم کي اسپورٽس فيسٽيول جي پرامن، منظم ۽ شاندار انعقاد تي شاباس ڏيان ٿو" ڪچي وارن علائقن ۾ امن امان جي بحالي سنڌ پوليس ۽ ٻين قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي مسلسل محنت، پيشه ورانه صلاحيتن ۽ گڏيل حڪمت عملي جو نتيجو آهي هن چيو ته سنڌ حڪومت جي ڀرپور سهڪار ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي گڏيل تعاون سان ڪچي وارن علائقن ۾ امن جي بحالي لاءِ نمايان اڳڀرائي ممڪن ٿي آهي ڪچي وارن علائقن ۾ امن جي بحالي اسان جي شهيدن جي عظيم قربانين، غازين جي جرئت ۽ بهادري ۽ پوليس جوانن جي اٽل محنت جو نتيجو آهي انهن قربانين کي ڪڏهن به وساري نٿو سگهجي آءِ جي وڌيڪ چيو ته راهون هاڻي اڳ کان وڌيڪ محفوظ ۽ پرامن آهن، جنهن جو اعتراف ملڪ جي واپاري برادري پڻ ڪيو آهي. سنڌ حڪومت ۽ سنڌ پوليس ڪچي جي عوام سان ڪيل واعدو پورو ڪندي علائقي ۾ امن امان جي بحالي ۽ عوام جي جان ۽ مال جي تحفظ کي يقيني بڻايو آهي اسان ان عزم جو اظهار ڪريون ٿا ته ڪچي وارن علائقن ۾ قائم ٿيل امن کي هر صورت ۾ برقرار رکيو ويندو ۽ ڪنهن کي به امن امان جي صورتحال خراب ڪرڻ جي اجازت نه ڏني ويندي، ڪچي وارن علائقن ۾ پائيدار امن جي قيام لاءِ پوليس جي بنيادي ڍانچي کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ ضروري وسيلن جي فراهمي ۽ لاڳاپيل ادارن وچ ۾ اثرائتي رابطي کي يقيني بڻايو وڃي آءِ جي چيو ته رانديون سميت مثبت سماجي سرگرميون امن، پائيداري، گڏيل هم آهنگي ۽ صحتمند معاشري جي واڌاري ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿيون

بقايا 11 روزاني عبرت

ڪرڻيون پونديون ملڪ جي ضرورت پوري ڪرڻ کانپوءِ جيڪڏهن اهي ٻاهرين ملڪن ۾ روزگار حاصل ڪن ٿا ته ان عمل کي برين ڊرين (صلاحيتن جو ملڪ مان ٻاهر وڃڻ) نٿو چئي سگهجي، پر اهو ملڪي معيشت لاءِ سهارو بڻجي ٿو اسان کي ڊاڪٽرن ۽ نرسن جي تربيت ڏيندڙ ادارن جي سرپرستي ۽ حوصلا افزائي ڪرڻ گهرجي اهڙن خيالن جو اظهار هن گذريل ڏينهن هوراڻن انسٽيٽيوٽ آف هيلٿ سائنسز ۽ سواستو اسڪول آف نرسنگ اينڊ هيلٿ سائنسز جي ڇهين گڏيل ڪانووڪيشن کي خاص مهمان طور خطاب ڪندي ڪيو تقريب دوران ٻنهي ادارن جي 600 نرسنگ گريجوئيٽس کي ڊگريون ۽ سندون ڏنيون ويون، جڏهن ته نمايان پوزيشنون حاصل ڪندڙ شاگردن ۽ شاگردياڻين ۾ گولڊ، سلور ۽ برونز ميڊل پڻ ورهايا ويا. تقريب ۾ گريجوئيٽس جي والدين ۽ ٻين مهمانن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي صوبائي وزير سعيد غني چيو ته پاڪستان ۾ ڊاڪٽرن ۽ نرسن جي وڏي کوٽ آهي ٻين شعبن ۾ به ماهر ماڻهن جي ضرورت آهي، پر صحت جو شعبو اهڙو آهي، جتي ڊاڪٽرن ۽ نرسن جي کوٽ سبب رڳو مالي نقصان نه ٿيندو آهي، پر انساني زندگيون به متاثر ٿينديون آهن اهڙي نقصان جو بار ايندڙ نسلن کي به برداشت ڪرڻو پئجي سگهي ٿو هن چيو ته اسان لاءِ ضروري آهي ته پنهنجي معاشري جون ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ وڌ کان وڌ ڊاڪٽر ۽ نرسون تيار ڪيون ان سان گڏ پاڪستان وٽ اهو هڪ بهترين موقعو پڻ آهي ته ملڪ جي اندروني ضرورتن کان وڌيڪ طبي ۽ نرسنگ شعبي جا ماهر تيار ڪري عالمي سطح تي انهن جي گهرج پوري ڪئي وڃي سعيد غني چيو ته کيس ان ڳالهه تي حيرت ٿيندي آهي ته ميڊيا تي ويهي معاشي ماهر پڙهيل لکيل ماڻهن جي ٻاهرين ملڪن ڏانهن وڃڻ کي برين ڊرين قرار ڏين ٿا، جڏهن ته دنيا جا ڪيترائي ملڪ پنهنجي آبادي، خاص طور نوجوانن جي وڏي انگ کي پنهنجي ملڪي ترقي ۽ معيشت جي بهتري لاءِ استعمال ڪرڻ جون ڪوششون ڪندا آهن پاڪستان ۾ به نوجوانن جي وڏي آبادي موجود آهي، جنهن کي مناسب تعليم تربيت ۽ روزگار جا موقعا فراهم ڪري ملڪ جي ترقيءَ لاءِ استعمال ڪري سگهجي ٿو. هن چيو ته جڏهن اسان پنهنجي ملڪ ۾ پيشورانه صلاحيتن جا مالڪ ماڻهو تيار ڪريون ٿا ۽ اهي ملڪ جون ضرورتون پوريون ڪرڻ کانپوءِ ٻاهرين ملڪن ۾ روزگار حاصل ڪن ٿا ته ان کي برين ڊرين چوڻ درست ناهي اهڙا ماڻهو ٻاهرين ملڪن ۾ ڪم ڪندي پنهنجي خاندانن جي مالي مدد ڪرڻ سان گڏ پاڪستان جي معيشت کي به مضبوط ڪن ٿا صوبائي وزير چيو ته هن وقت پاڪستان جي معيشت کي سڀ کان وڏو سهارو انهن پاڪستانين جي موڪليل پرڏيهي ناڻي مان ملي رهيو آهي جيڪي ٻين ملڪن ۾ روزگار حاصل ڪري رهيا آهن. اهي نه رڳو پنهنجن خاندانن جي پرورش ڪن ٿا، پر پاڪستان ڏانهن پرڏيهي ناڻو موڪلي ملڪي معيشت کي به سهارو ڏين ٿا. هن وڌيڪ چيو ته ڊاڪٽرن ۽ نرسن جي عالمي سطح تي وڏي گهرج آهي جيڪڏهن پاڪستان ۾ وڌيڪ ڊاڪٽر ۽ نرسون تيار ٿينديون ته اهي ملڪ اندر به پنهنجون خدمتون سرانجام ڏئي سگهندا

بقايا 12 روزاني عبرت

دعويٰ ڪئي وئي آهي پوليس مقابلن ۾ ٢ مبينا ڦورو مارجي ويا ۽ ڪيترائي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيا ويا، جڏهن ته زهر جهڙي شيءِ کائڻ سبب هڪ شخص فوت ٿي ويو ۽ گهريلو جهيڙي دوران ٽلين جا وار لڳڻ سبب هڪ عورت پڻ حياتي وڃائي ويٺي. ٻئي طرف پوليس بين الاقوامي منشيات سپلاءِ نيٽ ورڪ ۾ مبينا طور ملوث مڙس ۽ زال کي گرفتار ڪري منشيات هٿ ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي آهي تفصيل موجب سولجر بازار جي علائقي ٿاروڙ لين ۾ غوثيه مسجد ويجهو گهر اندر زهر جهڙي شيءِ کائڻ سبب ٣٠ ورهين جو نور محمد ولد محمد فوت ٿي ويو جنهن جو لاش جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو پوليس موجب وارثن موت جي تصديق ڪانپوءِ قانوني ڪارروائي ڪرائڻ کان انڪار ڪندي لاش پاڻ سان گڏ کڻي ويا. ڪورنگي جي علائقي ڪرسچن ڪالوني ۾ گهر اندر جهيڙي دوران ٽلين جا وار لڳڻ سبب ۵۵ ورهين جي عورت پروين فوت ٿي وئي جيپا اختيارين موجب عورت جو لاش جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو جڏهن ته واقعي جا وڌيڪ تفصيل سامهون اچي نه سگهيا. ٻئي طرف ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ پوليس ۽ مبينا ڦورن وچ ۾ مقابلن دوران ٢ جوابدار مارجي ويا، جڏهن ته ڪيترائي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيا ويا. ڪورنگي انڊسٽريل ايريا پوليس موجب ڪاز وي ندي روڊ، شاهراهه ڀٽو ويجهو مبينا مقابلي ۾ ٢ جوابدار عامر علي ولد محمد عمر ۽ شاهد حسين ولد زاهد حسين مارجي ويا. پوليس دعويٰ ڪئي آهي ته مارجي ويل جوابدارن وٽان ٢ ٽائين ايم ايم پسٽول، گوليون ۽ موبائل فون هٿ ڪيا ويا. ڪورنگي انڊسٽريل ايريا ۾ ڪي ڊي اي نالي ويجهو هڪ ٻئي مبينا مقابلي دوران ۴ جوابدار آصف ولد محمد ايوب، سرفراز ولد عبدالرزاق، عبدالمالڪ ولد زاهد حسين ۽ اشاق علي ولد منظور زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيا ويا. پوليس موجب گرفتار جوابدارن وٽان ۴ پسٽول، گوليون ۽ ڦر ڪيل ٣ موبائل فون هٿ ڪيا ويا. پوليس جو چوڻ آهي ته شروعاتي جاچ دوران جوابدار شاهراهه ڀٽو جي ڀرپاسي ۽ گهرن ۾ ڌاڙن جي وارداتن ۾ ملوث هجڻ جو انڪشاف ٿيو آهي جڏهن ته سندن اڳوڻي ڏوهاري رڪارڊ ۽ ٻين وارداتن بابت وڌيڪ جاچ جاري آهي. شرافي گوٺ پوليس موجب ملير ندي بند ويجهو مبينا ڦورو ٽولي سان فائرنگ جي ڏي وٺ دوران نصرالله نالي جوابدار کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو جڏهن ته سندس ٦ کان ۷ ساٿي فرار ٿي ويا. پوليس دعويٰ ڪئي آهي ته گرفتار جوابدار وٽان هٿيار، موبائل فون ۽ روڪ رقم هٿ ڪئي وئي آهي گل بهار پوليس جي حاجي مريد گوٺ ۾ مبينا مقابلي دوران اسٽيفن مسيح نالي جوابدار کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو جڏهن ته منگهوپير ۾ اجتماع گاهه ويجهو مقابلي دوران ڪاشف ۽ نبيل نالي ٢ جوابدار زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيا ويا. امدادي ذريعن موجب زخمين کي طبي امداد لاءِ اسپتال ڏانهن منتقل ڪيو ويو ناظم آباد نمبر ٢ ۾ پڻ فائرنگ جو واقعو پيش آيو جتي شوريم نالي نوجوان زخمي ٿي پيو زخمي نوجوان موجب پوليس اهلڪارن کيس ڦورو سمجهي فائرنگ ڪئي ۽ بعد ۾ عباسي شهيد اسپتال ڇڏي هليا ويا. واقعي بابت وڌيڪ تفصيل سامهون اچڻا آهن هوڏانهن بلديه ٽائون جي علائقي بن منتن واري ڪٽ وٽ مبينا ڦورن سان فائرنگ جي ڏي وٺ دوران پوليس ڪانسٽيبل معين الدين ولد محمد ايوب، عمر ٢٢ ورهيه، زخمي ٿي پيو پوليس موجب جوابدار فرار ٿي ويا، جڏهن ته زخمي اهلڪار کي علاج لاءِ عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي آزاد خان ايسٽ زون پوليس پاران بين الاقوامي منشيات سپلاءِ نيٽ ورڪ خلاف ڪارروائي ڪندي مڙس ۽ زال کي گرفتار ڪرڻ ۽ منشيات هٿ ڪرڻ تي پوليس ٽيم جي ڪارڪردگي کي ساراهيو آهي. هن گرفتار جوابدارن کان جاچ ذريعي نيٽ ورڪ جي ٻين ڪارندن ۽ بين الاقوامي رابطن کي واڪو ڪرڻ ۽ ملوث ماڻهن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪرڻ جون هدايتون ڏنيون آهن بين الاقوامي منشيات سپلاءِ نيٽ ورڪ جا مبينا ڪارندا مڙس ۽ زال گرفتار ايسٽ زون پوليس نيو سبزي منڊي چوڪي جي اهلڪارن ذريعي چڪر هوٽل ويجهو ڪارروائي ڪندي بين الاقوامي منشيات سپلاءِ نيٽ ورڪ ۾ مبينا طور ملوث مڙس ۽ زال علي رضا ولد صفدر علي ۽ مريم زال علي رضا کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي آهي پوليس موجب جوابدارن جي ٿيلهي مان ١٣ چيلن ۾ مهارت سان لڪايل منشيات ۽ چرس جا ٢ پيڪٽ هٿ ڪيا ويا. پوليس جو چوڻ آهي ته شروعاتي جاچ دوران جوابدارن انڪشاف ڪيو ته هو ڪوئيٽا مان شعيب نالي شخص ذريعي بسن ۾ منشيات ڪراچي گهرائيندا هئا ۽ پوءِ اها آسٽريليا موڪلڻ جو بندوبست ڪندا هئا. پوليس موجب آسٽريليا ۾ موجود نيٽ ورڪ جو مبينا مک ڪارندو منشيات وڪرو ڪندو هو جڏهن ته وڪري مان حاصل ٿيندڙ رقم پاڪستان ۾ موجود ڪارندن ڏانهن موڪلي ويندي هئي جوابدارن خلاف ڪنٽرول آف نارڪوٽڪس سبسٽنس ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪري وڌيڪ جاچ شروع ڪئي وئي آهي ايسٽ زون ۾ سنيپ چيڪنگ، ٣٢ ڄڻا گرفتار ڪرڻ ۽ ڪيس داخل ڪرڻ جي دعويٰ ڊي آءِ جي ايسٽ زون ڊاڪٽر فرخ علي جي هدايتن تي ايسٽ زون جي مختلف ضلعن ۾ سنيپ چيڪنگ دوران پوليس ٣٢ ڄڻن کي گرفتار ڪري مجموعي طور ٢٧ ڪيس داخل ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي آهي پوليس موجب هٿيارن جي سرعام نمائش تي ١١ ڄڻا گرفتار ڪري ۷ ڪيس داخل ڪيا ويا، جڏهن ته ۵ سيڪيورٽي گارڊن کي گرفتار ڪري سندن قبضي مان ۵ رائفلون هٿ ڪيون ويون ان کانسواءِ ڪارن شيشن وارين گاڏين پوليس وردي جي مبينا غلط استعمال، نيري بتيون ۽ غيرقانوني نمبر پليٽن خلاف ڪارروائي ڪندي ٢١ ڄڻن کي گرفتار ڪري ٢٠ ڪيس داخل ڪيا ويا. پوليس موجب ٦٠ کان وڌيڪ گاڏين تان ڪارا شيشا پڻ لاهيا ويا. سٽي پوليس جون ڪارروايون هفتي دوران ۷۷ جوابدار گرفتار ڪراچي جي ڏاکڻي زون جي ضلعي سٽي پوليس موجب گذريل هفتي مختلف ٽارگيٽڊ ڪاررواين دوران ۷۷ جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو. پوليس موجب هڪ مقابلي دوران ٢ جوابدار زخمي حالت ۾ گرفتار ٿيا، جڏهن ته ڦرن ۽ اسٽريٽ ڪرائم ۾ ملوث ١١، منشيات جي سپلاءِ ۾ ملوث ١٩، موٽرسائيڪل چوري ۾ ملوث ٦، گٽڪي ۽ مين پڙي جي سپلاءِ ۾ ملوث ۷، اشتهاري ۽ فرار جوابدارن مان ۵ ۽ ٻين ڏوهن ۾ ملوث ٢٧ جوابدار گرفتار ڪيا ويا.

بقايا 13 روزاني عبرت

ڪميونٽي احتسابي فورم منعقد ڪيو ويو جنهن جو مقصد صحت، تعليم ۽ بلدياتي سهولتن جي فراهمي بابت شهرين جا تجربا، رايا ۽ خدشا سامهون آڻڻ سان گڏ عوامي خدمتن جي بهتري لاءِ گڏيل ڳالهه ٻولهه کي هٿي وٺرائڻ هو سٽيزن نيٽ ورڪ فار بجيٽ اڪائونٽيبلٽي (CNBA) سڄي ملڪ ۾ ڪم ڪندڙ سماجي تنظيمن جو هڪ گڏيل نيٽ ورڪ آهي، جنهن جي انتظامي ۽ فني رهنمائي سينٽر فار پيس اينڊ ڊولپمينٽ انيشيئيٽوز (CPDI) ڪري ٿو هن نيٽ ورڪ تحت سي پي ڊي آءِ تحقيق، فني سهڪار ۽ رهنمائي فراهم ڪري ٿو جڏهن ته ڀائيوار تنظيمون مقامي برادرين ۽ لاڳاپيل ادارن سان گڏجي شهرين جي شرڪت ۽ عوامي احتساب کي هٿي وٺرائڻ لاءِ ڪم ڪن ٿيون فورم ۾ مقامي رهواسين، استادن، صحت جي شعبي سان لاڳاپيل ماهرن ۽ عملي بلدياتي نمائندن، سماجي تنظيمن جي اڳواڻن ۽ ٻين لاڳاپيل ڌرين شرڪت ڪئي

بقايا 14 روزاني عبرت

بيان ۾ سيد نيئر حسين بخاري چيو ته پيپلز پارٽي حڪومتي ڪابينه ۾ شامل ناهي پارليامينٽ ۾ عوامي مسئلن تي آواز اٿاريندي آهي نيئر حسين بخاري چيو ته زرعي ملڪ پاڪستان کي ڪڻڪ امپورٽ ڪرڻي پئجي رهي آهي، ان جو مطلب آهي ته زرعي پاليسي تي نظرثاني اڻٽر آهي. ڪڻڪ جي لاباري جي موسم ۾ هارين کي رليف ڏيڻ گهرجي قومي حڪومت ۽ عوامي معاملن تي پيپلز پارٽي سان صلاح مشورو ڪري، مهانگائي، بي روزگاري ۽ هارين جا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ مستقل لائحِ عمل بڻايو وڃي. پارليامينٽ ۾ قانونسازي آئين ۽ پارلياماني قاعدي قانون مطابق هجڻ گهرجي نيئر حسين بخاري چيو ته آئين جي بالادستي ۽ پارليامينٽ جي وقار تي ڪو سمجهوتو نه ٿيڻ گهرجي

بقايا 15 روزاني عبرت

جنرل (ر) عبد الوحيد ڪاڪڙ جي لاڏاڻي تي ڏک جو اظهار ڪيو آهي آءِ ايس پي آر جو چوڻ آهي ته پاڪ فوج طرفان جنرل (ر) عبد الوحيد ڪاڪڙ جي شاندار فوجي خدمتن ۽ قيادت کي ڀيٽا ڪئي وئي، جڏهن ته سندس قومي ۽ عسڪري خدمتن جو اعتراف پڻ ڪيو ويو بيان موجب، پاڪ فوج پونئرن خاندان سان تعزيت جو اظهار ڪندي دعا ڪئي ته الله تعاليٰ مرحوم جنرل (ر) عبد الوحيد ڪاڪڙ کي جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام عطا فرمائي ۽ سندس خاندان کي صبر جميل عطا ڪري

بقايا 16 روزاني عبرت

رهائشگاهه پهچي پونئرن سان تعزيت جو اظهار ڪيو سومر ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري ڪيل بيان موجب وزيراعظم چوڌري محمد اشرف جي لاڏاڻي تي سندس پونئرن سان تعزيت جو اظهار ڪيو وزيراعظم محمد شهباز شريف ساهيوال ۾ صوبائي اسيمبلي ميمبر ۽ منصوبابندي ۽ ترقي واري صوبائي وزير مرحوم ملڪ نديم ڪامران جي گهر پهچي سندس پٽ پنجاب اسيمبلي جي ميمبر ملڪ قاسم نديم ۽ ڳوٺاڻن سان تعزيت جو اظهار ڪيو وزيراعظم مرحومن جي بلند درجن ۽ پونئرن لاءِ صبر ۽ جميل جي دعا ڪئي. وزيراعظم چيو ته چوڌري محمد اشرف ۽ ملڪ نديم ڪامران سدائين تڪ جي عوام ۽ جمهوريت جي خدمت ڪئي مرحومن جي پارٽي ۽ ساهيوال جي عوام لاءِ خدمتن کي سدائين ياد رکيو ويندو ان موقعي تي وزيراعظم جو صلاحڪار رانا ثناء الله ۽ وفاقي وزير سينيٽر اعظم نذير تارڙ ۽ عطاء الله تارڙ پڻ موجود هئا.

بقايا 17 روزاني عبرت

دعويٰ ڪندي رهي ته هو پنهنجي حڪومت جي دور ۾ تعليم تي سڀ کان وڌيڪ بجيٽ خرچ ڪري ٿي پر اسڪولن جون سامهون ايندڙ وڊيوز انهن دعوائن جي پٽ وائکي ڪرڻ جي لاءِ ڪافي آهي اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي پارلياماني سيڪريٽري بئريسٽر دانيال چوڌري ايڪس تي مالاڪنڊ جي هڪ سرڪاري اسڪول جي وڊيو شيئر ڪندي لکيو ته سوال اهو آهي ته جيڪڏهن تعليم تي بجيٽ خرچ ڪئي وئي ته پوءِ سرڪاري اسڪولن جي اها حالت ڇو آهي؟ 13 سالا اقتدار کانپوءِ به جيڪڏهن ٻارن کي بنيادي تعليمي سهولتون ميسر نه آهن ته اها رڳو بدانتظامي نه آهي پر صوبي جي مستقبل سان ناانصافي آهي، تعليم جي نالي تي دعويٰ نه عملي ڪارڪردگي ڏيکارڻ ضروري آهي

بقايا 18 روزاني عبرت

آپريشن ۾ شهادت ماڻيندڙ نائيڪ غلام مرتضيٰ ۽ سپاهي تاثير احمد کي خراج عقيدت پيش ڪندي شهيدن جي درجن جي بلندي جي دعا ۽ انهن جي خاندانن سان دلي تعزيت ۽ يڪجهتي جو اظهار ڪيو آهي هن چيو ته دهشتگردي خلاف جنگ ۾ سيڪيورٽي فورسز جي بهادري ۽ پيشيوارانه صلاحيتون واکاڻ جوڳيون آهن بلاول ڀٽو زرداري چيو ته قلعه سيف الله ۾ دهشتگرد ڪمانڊر جو مارجي وڃڻ سيڪيورٽي فورسز جي موثر ڪاررواين جو ثبوت آهي. هن جو چوڻ هو ته دهشتگردي جي مڪمل خاتمي ۽ ملڪ جي امن ۽ استحڪام لاءِ قومي عزم پختو آهي

بقايا 19 روزاني عبرت

ڏينهن چونڊ جلسي دوران ڏنل انهن بيانن تي شديد احتجاج رڪارڊ ڪرايو آهي جنهن کي لبيا ۽ ان جي عوام لاءِ توهين آميز قرار ڏنو ويو پرڏيهي ميڊيا مطابق لبيا جي پرڏيهي وزارت چيو ته هو اهڙي ڪنهن به بيان کي رد ڪن ٿا جيڪو ان جي عوام جي عزت نفس کي نقصان پهچائي. آمريڪي چونڊ پراپيگنڊا ۾ لبيا کي شامل ڪرڻ قبول جوڳو ناهي. واضح رهي ته صدر ٽرمپ جارجيا رياست ۾ چونڊ جلسي دوران چيو هو ته آمريڪي سينيٽر جون اوسوف لبيا، يمن هيٽي ۽ صوماليا جهڙن دهشتگردي سبب متاثر ملڪن مان پرڏيهين جي گروپن کي آڻڻ لاءِ هڪ قانون جي سرپرستي ڪئي هن وڌيڪ چيو ته ڇا توهان کي ياد آهي ته سان انهن کي ڇا چوندو آهيان؟ گندا ملڪ ان کي نظر ۾ رکندي لبيا جي وزيراعظم عبدالمجيد الدبيبه لبيا يا ان جي عوام خلاف ڪنهن به توهين کي رد ڪري ڇڏيو هن ان ڳالهه تي زور ڀريو ته لبيا هڪ خودمختيار رياست آهي. هن چيو ته اسان گڏيل احترام جي بنياد تي آمريڪا سان پنهنجن لاڳاپن جا خواهشمند آهيون ۽ اسان ان ڳالهه کي قبول نه ڪنداسين ته لبيا ۽ ان جي عوام جي عزت نفس کي چونڊ پروپيگنڊا جو موضوع بڻايو وڃي

بقايا 20 روزاني عبرت

لاڏاڻي تي تعزيت جو اظهار ڪيو آهي. پنهنجي بيان ۾ صدر مرحوم جنرل عبدالوحيد ڪاڪڙ جي خاندان سان دلي تعزيت ۽ همدردي جو اظهار ڪيو آهي صدر دعا ڪئي آهي ته الله تعاليٰ مرحوم کي جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام عطا فرمائي، جڏهن ته هن سوگوار خاندان لاءِ صبر ۽ جميل جي دعا پڻ ڪئي. ٻئي طرف وزيراعظم محمد شهباز شريف اڳوڻي چيف آف آرمي اسٽاف جنرل عبدالوحيد ڪاڪڙ (ريٽائرڊ) جي لاڏاڻي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي. سومر ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري ڪيل بيان موجب وزيراعظم محمد شهباز شريف جنرل عبدالوحيد ڪاڪڙ (ريٽائرڊ) جي پاڪ فوج لاءِ وڏين خدمتن کي خراج تحسين پيش ڪيو وزيراعظم محمد شهباز شريف مرحوم جنرل عبدالوحيد ڪاڪڙ جي خاندان سان دلي تعزيت ۽ همدردي جو اظهار ڪندي چيو ته الله تعاليٰ مرحوم کي جنت ۾ اعليٰ مقام عطا فرمائي ۽ سوڳوار خاندان کي اهو صدمو برداشت ڪرڻ جو حوصلو ڏي چيف آف آرمي اسٽاف ۽ چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل سيد عاصم منير ۽ پاڪ فوج جي سينئر رينڪس اڳوڻي چيف آف آرمي اسٽاف جنرل عبدالوحيد ڪاڪڙ جي لاڏاڻي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي. جيڪو سومر ڏينهن راولپنڊي ۾ لاڏاڻو ڪري ويو انٽر سروسز پبلڪ ريليشنز (آءِ ايس پي آر) موجب آرمي چيف، چيف آف ڊفينس فورسز ۽ پاڪ فوج جي سينئر رينڪس مرحوم جنرل جي شاندار فوجي ڪيريئر قيادت ۽ پاڪ فوج لاءِ قيمتي خدمتن کي خراج تحسين پيش ڪيو آهي بيان ۾ چيو ويو آهي ته پاڪ فوج سوگوار خاندان جي ڏک ۾ برابر جي شريڪ آهي ۽ انهن سان دلي تعزيت جو اظهار ڪري ٿي فوجي قيادت دعا ڪئي ته الله تعاليٰ مرحوم کي جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام عطا ڪري ۽ پونئرن کي هي صدمو برداشت ڪرڻ جي همت ۽ صبر ۽ جميل عطا ڪري. سينيٽ چيئرمين سيد يوسف رضا گيلاني اڳوڻي آرمي چيف جنرل (ر) عبدالوحيد ڪاڪڙ جي لاڏاڻي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي چيو آهي ته سندس لاڏاڻي جي خبر ملڪ ۽ قوم لاءِ افسوسناڪ خبر آهي. سينيٽ سيڪريٽريٽ جي ميڊيا ڊائريڪٽوريٽ پاران جاري بيان مطابق سينيٽ چيئرمين چيو ته جنرل (ر) عبدالوحيد ڪاڪڙ جي قومي خدمتن ۽ ملڪي دفاع لاءِ سندس خدمتن کي قدر جي نگاهه سان ڏٺو ويندو سيد يوسف رضا گيلاني مرحوم جي سوڳوار خاندان سان دلي همدردي ۽ تعزيت جو اظهار ڪندي دعا ڪئي ته الله تعاليٰ مرحوم کي جوار رحمت ۾ اعليٰ مقام ۽ پونئرن کي اهو صدمو برداشت ڪرڻ لاءِ صبر عطا فرمائي

بقايا 21 روزاني عبرت

ٿي افغان طالبان رجيم کي ان جي ذميواري کان آزاد ڪري سگهي ٿو ته هو افغان سرزمين کي پاڪستان جي خلاف حملن جي منصوبابندي ۽ ڪاررواين جي لاءِ استعمال ٿيڻ کان روڪي، انهن دهشتگرد ڪاررواين ۽ حملن ۾ رڳو 2026 ع دوران 3500 کان وڌيڪ جاني نقصان ٿي چڪو آهي پرڏيهي آفيس جي ترجمان پاران جاري بيان موجب گڏيل قومن جي لاڳاپيل ادارن بشمول مانيٽرنگ ٽيم پاران پڻ مسلسل رپورٽ ڪيو ويندو رهيو آهي ته طالبان رجيم وڏي انگ ۾ دهشتگرد تنظيمن کي بنا رڪاوٽ پناهه فراهم ڪري رهي آهي جيڪو عالمي برادري جي لاءِ شديد ڳڻتي جو سبب آهي. انهن تنظيمن ۾ تحريڪ طالبان پاڪستان (ٽي ٽي پي) / فتنہ الخوارج، بلوچستان لبريشن آرمي (بي ايل اي) / فتنہ الهندستان ۽ انهن جا اتحادي گروهه شامل آهن جيڪي خطي ۽ ان کان ٻاهر امن ۽ استحڪام جي لاءِ سنگين خطرو آهن بيان ۾ چيو ويو آهي ته دهشتگرد حملن جي نتيجي ۾ هزارين پاڪستاني شهري شهيد ٿي چڪا آهن. انهن حملن جي منصوبابندي، مالي مدد، سرپرستي ۽ عملي ڪارروايون افغان سرزمين تان ڪيون ويون آهن جڏهن ته افغان طالبان رجيم جي نگراني سرپرستي ۽ فعال سهولتڪاري پڻ انهن سرگرمين ۾ شامل رهي آهي پاڪستان واضح ڪيو ته ڪا به ذميوار رياست پنهنجي شهرين ۽ سيڪيورٽي فورسز کي مسلسل نشانو بڻائڻ تي خاموش تماشائي نه ٿي رهي سگهي. پاڪستان پاران اهڙن دهشتگرد حملن جي جواب ۾ کنيل قدم پنهنجي دفاع جي حق تحت لازمي ضرورت ۽ آخري آپشن جي طور تي کنيا ويا، اهي ڪارروايون رڳو افغانستان ۾ دهشتگردن ۽ انهن جي پهچ وارن مددي مرڪزن جي خلاف ڪيون ويون، پاڪستان جو ردعمل خطري جي نوعيت ۽ شدت جي مناسب هو ۽ ان دوران هدفن ۾ فرق ۽ احتياط جي اصولن جي سختي سان پابندي ڪئي وئي بيان ۾ چيو ويو ته پاڪستان کي درپيش دهشتگرد حملن جي شدت ۽ لاڳيتو ٿيڻ جي باوجود ڪاررواين جو دائرو ۽ ماپو تحمل جي عڪاسي ڪري ٿو پاڪستان عالمي برادري تي زور ڀريو ته اها گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي لاڳاپيل قراردادن ۽ بين واسطگين تحت پنهنجون ذميواريون پوريون ڪرڻ ۾ ناڪامي تي طالبان رجيم جو محاسبو ڪري ۽ افغان سرزمين کي دهشتگردي جي لاءِ استعمال ٿيڻ کان روڪڻ جا قدم يقيني بڻائي بيان ۾ وڌيڪ چيو ويو آهي ته پاڪستان پنهنجي خودمختياري، علائقائي سالميت ۽ پاڪستاني شهرين جي جان ۽ سلامتي جي تحفظ جي لاءِ سمورا ضروري قدم کڻڻ جو حق محفوظ رکي ٿو

بقايا 22 روزاني عبرت

اسٽاف ۽ چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل سيد عاصم منير سرڪاري دوري تي ايران جي گاڏي واري شهر تهران روانو ٿي ويو آهي آءِ ايس پي آر موجب فيلڊ مارشل سيد عاصم منير سرڪاري دوري جي سلسلي ۾ ايران جي گاڏي واري هنڌ تهران پهچي ويو آهي جتي سندس شاندار آجيان ڪئي وئي

بقايا 23 روزاني عبرت

بحرين جي پرڏيهي وزير ڊاڪٽر عبداللطيف بن راشد الزياني سان ٽيليفون تي ڳالهه ٻولهه ڪئي جنهن ۾ پاڪستان ۽ بحرين جي ويجهي ڀائيراڻي لاڳاپن ۽ گهڻ رخي فورمز خاص طور تي گڏيل قومن ۾ تعاون وڌيڪ مضبوط بڻائڻ تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي سماجي رابطي جي پليٽ فارم ايڪس تي پرڏيهي آفيس جي ترجمان جي پوسٽ موجب ٻنهي پرڏيهي وزيرن علائقائي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي ۽ گڏيل ترجيحن جي فروغ جي لاءِ باقاعده مشاورت ۽ ويجهي رابطي جي اهميت تي زور ڏنو

بقايا 24 روزاني عبرت

حقن جي صورتحال جو سنجيدگي سان نوٽيس وٺن ۽ جمون ۽ ڪشمير تڪرار جي منصفاڻي پرامن ۽ پائيدار حل جي لاءِ پنهنجو موثر ڪردار ادا ڪن هن اها ڳالهه ڪشمير ڪاري ڏينهن جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ چئي جيڪو 27 آڪٽوبر تي ملهايو پيو وڃي صدر آصف علي زرداري چيو ته 27 آڪٽوبر 1947ع اسان کي ان افسوسناڪ ڏينهن جي ياد ڏياري ٿو جڏهن ڀارتي فوج سرينگر ۾ لٿي ۽ جمون ۽ ڪشمير جي تاريخ ۾ هڪ ڊگهي دردناڪ باب جي شروعات ٿي هي ڏينهن ڪشميري عوام جي ڀرپاسي امنگن ۽ خودمختياري جي حق جي بنيادي ۽ فتح نه ٿيڻ جوڳي حق کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ انهن جي مسلسل جدوجهد جي حوالي سان اسان جي ڀرپور تائيد جو ورجاءُ آهي صدر چيو ته گذريل 8 ڏهاڪن کان ڀارتي غيرقانوني قبضي هيٺ جمون ۽ ڪشمير جي عوام تشدد، ڏاڍ ۽ بنيادي حقن جي سنگين خلاف ورزين جي ڪري شديد مصيبتون برداشت ڪيون آهن ڪشميرين جي نسلن انصاف، وقار ۽ آزادي کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ بي پناهه قربانيون ڏنيون آهن اڻٽندڙ حالتن جي باوجود انهن جو حوصلو ۽ عزم پنهنجي نصب العين تي پختي وابستگي جو واضح ثبوت آهي هن چيو ته 27 آڪٽوبر 1947ع کان هيستائين ڀارتي غيرقانوني قبضي هيٺ جمون ۽ ڪشمير جي عوام کيترن ئي ڏهاڪن کان تڪرارن پابندين ۽ بنيادي حقن کان محروم کي منهن ڏئي رهي آهي بنيادي آزادين تي مسلسل پابندين، فوجي موجودگي ۾ نمايان اضافي، گرفتارين ۽ انساني حقن جي خلاف ورزين جو رپورٽون بدستور ڳڻتي جوڳيون آهن ۽ عالمي برادري جي مسلسل ڌيان جي ضرورت کي اجاگر ڪن ٿيون هن چيو ته 5 آگسٽ 2019ع کانپوءِ صورتحال وڌيڪ خراب ٿي وئي جڏهن ڀارت هڪطرفي طور تي جمون ۽ ڪشمير جي آئيني ۽ قانوني حيثيت تبديل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي صدر آصف علي زرداري چيو ته ڪشمير ڪارو ڏينهن رڳو ياد ڏيارڻ جو ڏينهن نه آهي پر اهو جمون ۽ ڪشمير تڪرار جي پرامن ۽ منصفاڻي حل جي عزم جي ورجاءُ جو موقعو پڻ آهي هن چيو ته ڏکڻ ايشيا ۾ پائيدار امن استحڪام ۽ خوشحالي جو ان پراڻي تڪرار جي گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي لاڳاپيل قراردادن ۽ ڪشميري عوام جي امنگن موجب حل سان گهرو تعلق آهي صدر عالمي برادري خاص طور تي گڏيل قومن ۽ عالمي انساني حقن جي تنظيمن تي زور ڀريو ته اهي ڀارتي غيرقانوني قبضي هيٺ جمون ۽ ڪشمير ۾ انساني حقن جي صورتحال جو سنجيدگي سان نوٽيس وٺن، ڪشميري عوام جي بنيادي حقن جي تحفظ جي ڪوششن جي حمايت ڪن ۽ جمون ۽ ڪشمير تڪرار جي منصفاڻي پرامن ۽ پائيدار حل جي لاءِ موثر ڪردار ادا ڪن هن چيو ته پاڪستان ڀارتي غيرقانوني قبضي هيٺ جمون ۽ ڪشمير جي عوام جي اٽل اخلاقي سفارتي ۽ سياسي حمايت جاري رکندو اسان هر مناسب عالمي فورم تي ڪشميري عوام جو آواز بلند ۽ انهن جي جائز امنگن کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ وڪالت ڪندا رهنداسين. صدر آصف علي زرداري چيو ته هن ڏينهن اسان ڪشميري عوام جي بي پناهه قربانين کي سلام پيش ڪريون ٿا ۽ پنهنجي ڪشميري ڀائرن ۽ ڀينرن سان يڪجهتي جو ورجاءُ ڪريون ٿا. هن چيو ته پاڪستان انصاف، امن، وقار ۽ انهن جي جائز خودمختياري جي حق کي حاصل ڪرڻ جي جدوجهد ۾ ڪشميري عوام سان گڏ بيٺل آهي هن چيو ته اهو ڏينهن پري نه آهي جڏهن جمون ۽ ڪشمير جي عوام پنهنجي امنگن موجب پنهنجي مستقبل جو فيصلو ڪري سگهندي ۽ جمون ۽ ڪشمير تڪرار منصفاڻي ۽ پرامن حل طرف اڳڀرائي ڪندو

بقايا 25 روزاني عبرت

جنهن ۾ وچ اوڀر جي صورتحال جي روشني ۾ پاڪستان جي توانائي سلامتي ۽ ٻارڻ جي بنا رڪاوٽ فراهمي جي قدمن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. پيٽروليم ڊويزن جي ترجمان موجب وفاقي وزير آمريڪي ناظم الامور کي توانائي جي ضرورتن جي تحفظ لاءِ پاڪستان جي قدمن کان آگاهه ڪيو هن چيو ته وچ اوڀر ۾ جاري تڪرار جي ڪري ٻارڻ جي دستيابي جي حوالي سان چئلينجز پيدا ٿيا آهن جنهن کي نظر ۾ رکندي بنا رڪاوٽ فراهمي کي برقرار رکڻ لاءِ اڳواٽ قدم کنيا ويا آهن آمريڪي ناظم الامور نيٽلي اي بيڪر جي ٻارڻ جي فراهمي جي صورتحال کي موثر طريقي سان سنڀالڻ تي پاڪستان جي واکاڻ ڪندي چيو ته آمريڪا پاڪستان جي توانائي جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ ويجهي تعاون جو خواهشمند آهي پاڪستان ۾ آمريڪي ڪمپنين لاءِ ڪاروباري موقعا پيدا ڪرڻ ضروري آهي. نيٽلي اي بيڪر چيو ته پاڪستان ۽ آمريڪا وچ ۾ ڊگهي مدي واري توانائي جي فراهمي جا معاهدا ٻنهي ملڪن لاءِ فائديمند ثابت ٿي سگهن ٿا. پي ايس او ۽ پي ايل ايل جي ايم ڊيز جي آمريڪي ڪمپنين جي ايل اين جي جي فراهمي ۾ دلچسپي بابت اجلاس کي بريفنگ ڏني علي پرويز ملڪ چيو ته پاڪستان پنهنجي توانائي جي ضرورتن جي تحفظ لاءِ پرعزم آهي. پاڪستان ۽ آمريڪا جون ڪيمون توانائي جي شعبي ۾ تعاون لاءِ نوان موقعا کولي رهيون آهن پاڪستان جي ريفائنريز جي اپ گريڊيشن جا منصوبا آمريڪي مالياتي ادارن لاءِ سيڙپڪاري جا موقعا فراهم ڪري سگهن ٿا علي پرويز ملڪ آمريڪي ڪمپنين کي پاڪستان منرلز انويسٽمينٽ فورم ۾ شرڪت جي دعوت پڻ ڏني هن چيو ته پاڪستان جي معدنياتي شعبي ۾ سيڙپڪاري جا وسيع موقعا موجود آهن آمريڪي تعاون ۽ ٻطرفي رابطن کي هٿي ڏيڻ سان پاڪستان جي ڊگهي مدي واري توانائي سلامتي کي مضبوط بڻائڻ ۾ مددگار ٿيندو ان موقعي تي پيٽروليم واري وفاقي وزير علي پرويز ملڪ توانائي جي شعبي ۾ آمريڪي تعاون تي شڪرگذاري جو اظهار ڪيو

بقايا 26 روزاني عبرت

خشڪ رهڻ جو امڪان آهي جڏهن ته اترئين علائقن ۾ موسم جزوي جهڙالي رهڻ کانسواءِ صبح ۽ رات جي وقت ۾ موسم ٿڌي رهڻ جو امڪان آهي موسميات کاتي مطابق موجوده صورتحال کي نظر ۾ رکندي ملڪ جي اڪثر علائقن تي خشڪ هوائون موجود آهن گذريل 24 ڪلاڪن دوران ملڪ جي اڪثر علائقن ۾ موسم خشڪ رهي، جڏهن ته اترئين علائقن ۾ صبح ۽ رات جي وقت ۾ ٿڌ رهي سومر ڏينهن رڪارڊ ڪيل وڌ ۾ وڌ گرمي پد ليه ڪاٽو 04، اسڪردو ڪاٽو 01، زيارت 01، قلات 02، بابوسر ۽ استور ۾ 03 ڊگري سينٽي گريڊ رڪارڊ ڪيو ويو

بقايا 27 روزاني عبرت

سرينگر ۾ لهي جمو ۽ ڪشمير تي غير قانوني قبضي جو بنياد رکيو ان ڏينهن کان ڪشميري عوام مسلسل جبر ناانصافي ۽ انساني حقن جي سنگين خلاف ورزين جو منهن ڏسي رهيو آهي پر سندن آزاديءَ جو جذبو اڄ به پوري قوت سان قائم آهي هن والاريل جمو ۽ ڪشمير جي غيرتمند، بهادر ۽ ثابت قدم عوام جي حقِ خوداراديت لاءِ جاري جدوجهد کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو ته ڀارتي مظالم پابندين، ڊگهي لاڪ ڊائون ۽ انساني حقن جي بدترين پامالين جي باوجود ڪشميري عوام جي عزم ۽ حوصلي کي شڪست نٿي ڏئي سگهجي. سندن قربانيون ان حقيقت جون گواهه آهن ته آزادي ۽ حقِ خوداراديت جي جدوجهد کي طاقت جي زور تي دٻائي نٿو سگهجي. وڏي وزير چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي ۽ سنڌ حڪومت جو موقف هميشه چٽو ۽ واضح رهيو آهي ته ڪشميري عوام کي پنهنجي مستقبل جو فيصلو ڪرڻ جو پورو حق حاصل آهي. قائدِ عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو عالمي فورمن تي ڪشمير مسئلي کي ڀرپور انداز ۾ نمايان ڪيو، جڏهن ته قائد جمهوريت شهيد محترمه بينظير ڀٽو پڻ ڪشميري عوام جي حق خوداراديت جي مسلسل وڪالت ڪئي اڄ ملڪ جو صدر آصف علي زرداري ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي جو چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ان ئي اصولي موقف کي اڳتي وڌائيندي ڪشميري عوام جي جائز حقن لاءِ آواز بلند ڪري رهيا آهن هن چيو ته سنڌ حڪومت ۽ عوام پنهنجي ڪشميري ڀائرن ۽ ڀينرن سان اٽل يڪجهتي جو اظهار ڪن ٿا ۽ سندن اخلاقي سياسي توڙي سفارتي حمايت جاري رکڻ لاءِ پرعزم آهن ڪشمير پاڪستان جي شهه رڳ آهي ۽ اسان ڪشميري عوام جي امنگن ۽ سندن ناقابل تنسيخ حقِ خوداراديت جي حمايت ڪندا رهنداسين ته جيئن هو گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي لاڳاپيل قراردادن موجب پنهنجي مستقبل جو آزادانه فيصلو ڪري سگهن سنڌ جي وڏي وزير عالمي برادري، گڏيل قومن ۽ انساني حقن جي عالمي ادارن کي اپيل ڪئي ته هو والاريل جمو ۽ ڪشمير ۾ انساني حقن جي خلاف ورزين جو اثرائتو نوٽيس وٺن، ڪشميري عوام جي بنيادي حقن جي تحفظ لاءِ عملي قدم کڻن ۽ ڪشمير مسئلي جي منصفاڻي پرامن ۽ پائيدار حل لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪن هن چيو ته يوم سياهه ڪشمير اسان کي ياد ڏياري ٿو ته ڪشميري عوام جي جدوجهدِ آزادي رڳو هڪ خطي جو مسئلو ناهي

بقايا 28 روزاني عبرت

وزيراعظم بينجمن نيتن ياهو جي حق ۾ ووٽ ڏيڻ جي اپيل ڪئي آهي. سوشل ميڊيا تي جاري ڪيل بيان ۾ ڊونلڊ ٽرمپ چيو ته اسرائيلي عوام نيتن ياهو کي ووٽ ڏئي ته جيئن شروع ڪيل ڪم کي مڪمل ڪري سگهجي

بقايا 29 روزاني عبرت

ڪاميابي حاصل ڪندي چوٿون ڀيرو صدر چونڊجڻ جو اعزاز حاصل ڪري ورتو آهي پرڏيهي ميڊيا مطابق هن لبرل پارٽي جي اميدوار فلاويوبولسونارو کي شڪست ڏني، جيڪو پهرين مرحلي ۾ اڳتي هو آڪٽوبر 1945ع ۾ برازيل جي اتر اوڀر واري علائقي ۾ هڪ غريب ڳوٺ جي خاندان ۾ پيدا ٿيل لوئيزا ناسيو لولاڊاسلوا 7 ڀينرن ۽ ڀائرن ۾ ستين نمبر تي هو هن 1970ع جي ڏهاڪي جي شروع ۾ مزدور يونين جي اڳواڻ طور شهرت حاصل ڪئي ۽ غريب طبقي جو آواز بڻجي اڀريو هو فوجي حڪومت خلاف جدوجهد ۾ به اڳتي رهيو

بقايا 30 روزاني عبرت

پوائنٽس اضافو ڪري ڇڏيو آهي جنهن کان پوءِ وياج جي شرح 12 سيڪڙو ٿي وئي آهي. نئين وياج جي شرح 27 آڪٽوبر 2026ع کان لاڳو ٿيندي اجلاس کان پوءِ اسٽيٽ بئنڪ پاران سومر تي جاري ڪيل پاليسي بيان موجب ڪميٽي جي 10 مان 9 ميمبرن وياج جي شرح ۾ واڌ جي حمايت ڪئي، جڏهن ته هڪ ميمبر ان کان وڌيڪ واڌ جي حق ۾ راءِ ڏني ڪميٽي چيو ته وچ اوڀر ۾ تڪرار شدت اختيار ڪرڻ ويجهي مستقبل ۾ ان جي حل جي محدود امڪانن جي ڪري عالمي سطح تي توانائي جون قيمتون مسلسل بلند آهن جيتوڻيڪ محتاط مالياتي پاليسي قدمن ۽ مالياتي نظم ۽ ضبط جي ڪري عالمي مارڪيٽن ۾ انهن لوڏن جا ملڪي معيشت تي اثرات اڃا تائين محدود رهيا آهن جڏهن ته جاگرافيائي سياسي حالتن مهانگائي جي منظرنامي کي گذريل جائزي جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ غير يقيني بڻائي ڇڏيو آهي بيان موجب پرڏيهي ڪاٽن ۽ معاشي واڌ جا امڪان مجموعي طور تي گذريل اندازن موجب آهن

بقايا 31 روزاني عبرت

آهي. پوليس موجب گرفتار جوابدار جي قبضي مان ۴٠ موبائل فون ۽ هڪ پسٽول هٿ ڪئي وئي آهي پوليس جو چوڻ آهي ته جوابدار بابر چوڪيدارن کي نوڪري ڏيڻ جو آسرو ڏئي فارم هائوس تي گهرايو هو جتي هن سندن موبائل فون گڏ ڪرڻ کانپوءِ فرار ٿي ويو جاچ موجب وارادات جي رٿابندي به جوابدار بابر ڪئي هئي ۽ هو چوري ڪيل موبائل فون وڪرو ڪرڻ لاءِ وڃي رهيو هو جنهن دوران کيس گرفتار ڪيو ويو پوليس موجب واقعي ۾ ملوث ٻيا جوابدار اڳ ئي گرفتار ڪيا ويا آهن، جڏهن ته مک جوابدار بابر جو ڏوهاري رڪارڊ پڻ چيڪ ڪيو پيو وڃي پوليس واقعي بابت وڌيڪ جاچ جاري رکندي

بقايا 32 روزاني عبرت

سڃاڻپ اختيار ڪري نقصان ڏيندڙ فائل ۽ ڪارگيٽيڊ فشنگ لنڪس موڪلي رهيا آهن سرڪاري دستاويزن جي نالي تي موڪليل انهن فائلن ذريعي ونڊوز سسٽمز کي متاثر ڪيو پيو وڃي جنهن جي نتيجي ۾ ڪمپيوٽر جو غير مجاز ريموٽ ڪنٽرول حاصل ٿيڻ ڳجهن پاس ورڊز ۽ حساس ڊيٽا چوري ٿيڻ جو شديد خدشو آهي ايڊوائيزري ۾ خبردار ڪيو ويو آهي ته حملو ڪندڙ واٽس ايپ ويب سيشنز هاءِ جيڪ ڪري لاڳاپيل صارف جي نمبرن تان جعلسازي ڪري سگهن ٿا جيڪڏهن ڪنهن ڄاڻ سڃاڻ واري نمبر تان غير متوقع پيغام يا فائل ملي يا واٽس ايپ جي لنڪڊ ڊوائيسز ۾ ڪا اڻ ڄاتل ڊوائيس نظر اچي ته اهو ٽارگيٽنگ جي واضح علامت ٿي سگهي ٿي نيشنل سرٽ حساس معلومات رکندڙ سمورن آفيسرن ۽ ملازمن کي سختي سان هدايت ڪئي ته هو سرڪاري ونڊوز ڪمپيوٽرز تي واٽس ايپ ويب ۽ ڊيسڪ ٽاپ جو استعمال فوري بند ڪن ۽ ٻهرين کان لاڳ ان شڪي سيشنز کي فوري طور لاڳ آئوٽ ڪن

بقايا 33 روزاني عبرت

وئي آهي. شهر جي لڳ ڀڳ ڇهن هنڌن تان چونڊيل نمائندن کي ٿاڻن تي گهرائي حراست ۾ رکڻ ۽ هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ منتقل ڪرڻ جي مذمت ڪريون ٿا. چونڊيل يوسي چيئرمينن کي گهرن تان کڻي ٿاڻن ۾ ويهارڻ ڪهڙي قانون تحت جائز آهي؟ سنڌ جو وڏو وزير ۽ گهرو وزير ٻڌائين ته چونڊيل بلدياتي نمائندن کي ڪهڙي ڏوهه ۾ حراست ۾ رکيو ويو هن چيو ته نمائندن جي وارثن ۽ ساٿين کي به سندن باري ۾ ڪا ڄاڻ نه ڏني وئي جيڪا ڳڻتي جوڳي ڳالهه آهي پريس ڪانفرنس ڪندي منعم ظفر خان چيو ته ڇا ڪراچي ۾ روڊ ناهڻ پارڪ تعمير ڪرڻ ۽ تعليمي ادارن کي بهتر بڻائڻ ڏوهه آهي؟ جماعت اسلامي جا چونڊيل نمائندا عوام جي خدمت ڪري رهيا آهن کين هراسان ڪري عوامي خدمت کان روڪي نٿو سگهجي

بقايا 34 روزاني عبرت

زمان ٽائون ٿاڻي تي مقتولا جي والد عابد شاهه جي فرياد تي داخل ڪيو ويو آهي جنهن ۾ مقتولا جي وڏي ڀيڻ عليشه ڀيڻويو حيات جاکراڻي ۽ اڳوڻي مڙس رفيق جاکراڻي کي نامزد ڪيو ويو آهي ايف آءِ آر جي متن موجب نمره جي شادي کي سال اڳ رفيق جاکراڻي سان ٿي هئي جنهن جو رشتو سندس وڏي ڀيڻ عليشه ۽ سندس مڙس حيات جاکراڻي طئي ڪرايو هو شادي کانپوءِ نمره پنهنجي ساهرن وٽ جيڪب آباد وئي پر هڪ مهيني کانپوءِ مڙس سان گڏ گهگهر ڦاٽڪ پرسان رهڻ لڳي فريادي موجب نمره ڪيترائي ڀيرا شڪايت ڪئي هئي ته سندس مڙس جو رويو درست نه هو ۽ سندس غيرموجودگيءَ ۾ مڙس جا ڀائر ۽ ٻيا مرد مائٽ گهر اچي مٿس نظر رکندا هئا.

بقايا 35 روزاني عبرت

چيو آهي ته اسان والاريل ڪشمير جي عوام سان پنهنجي اٽل يڪجهتي جو اظهار ڪريون ٿا ۽ سندن ثابت قدمي، قربانين ۽ حق خوداراديت جي حاصلات لاءِ ڪيل ڊگهي جدوجهد کي خراج تحسين پيش ڪريون ٿا 27 آڪٽوبر 1947ع ڪشمير جي تاريخ جو هڪ اهم ۽ ڏکوئيندڙ ڏينهن آهي. ڪشمير تي ڀارت جو مسلسل قبضو هڪ تڪراري بين الاقوامي مسئلو آهي جڏهن ته ڪشميري عوام جي آزادي، وقار ۽ حق خوداراديت جي خواهشن کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. ڪشمير مسئلي کي گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي لاڳاپيل قراردادن موجب حل ٿيڻ گهرجي جيڪي جمو ۽ ڪشمير جي مستقبل جو فيصلو اتان جي عوام جي خواهشن مطابق ڪرڻ جي اهميت کي تسليم ڪن ٿيون

بقايا 36 روزاني عبرت

چيو آهي ته سنڌ جي قديمي ۽ تهذيبي وحدت کي ورهائڻ لاءِ ناٽڪي قومي ڊائلاگ سنڌ کي قبول ناهي. ووٽ کي عزت ڏيو وارا اسٽيبلشمينٽ کي ڪلهو ڏئي ملڪ جي تباهي ۽ بربادي جا ذميوار آهن. ملڪ ۾ آئين ۽ قانون جو جنازو ڪڍيو ويو آهي. سنڌ جي عوام کي ايڪي ۽ عوامي هلچل سان سنڌ ورهائڻ جي سازش ڪندڙن کي جواب ڏيڻو پوندو سنڌ جي سياسي قيادت کي اختلاف رکڻ بدران سنڌ جي وحدت جي مسئلي تي سنجيدگي جو مظاهرو ڪرڻ گهرجي. اهڙو اظهار هن ڪالهه آن لائن انڊس ميڊيا فورم پاران حيدرآباد پريس ڪلب ۾ سائنس ڪيل ڊائلاگ پروگرام ۾ ڳالهائيندي ڪيو هن چيو ته هن وقت سنڌ جي قومي تشخص ۽ قومي اهڃاڻن کي ورهائڻ جي سازش ڪئي پئي وڃي

نمبر: SO (IIR-I) M-823/2014

سنڌ حڪومت
ڪاليج ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ

تاريخ: 16 آڪٽوبر 2026ع

مسٽر محمد عبدالله،
ليڪچرار اسلامڪ اسٽڊيز (BPS-17)،
گورنمينٽ اسلاميه آرٽس اينڊ ڪامرس ڪاليج نمبر 2،
ڪراچي.

عنوان: فائنل شوڪاز نوٽيس

جڏهن ته توهان، مسٽر محمد عبدالله، ليڪچرر اسلامڪ اسٽڊيز (BPS-17)، گورنمينٽ اسلاميه آرٽس اينڊ ڪامرس ڪاليج نمبر 2، ڪراچي کي تاريخ 11-09-2026 تي سبب شوڪاز نوٽيس جاري ڪيو ويو هو.

2. جڏهن ته توهان، مسٽر محمد عبدالله اڄ تائين شوڪاز نوٽيس جو جواب جمع نه ڪرايو آهي ۽ لڳاتار سرڪاري ملازمت کان غير حاضر رهيا آهيو، جيڪو بدسلوڪي ۽ ضابطن جي خلاف ورزي جي زمري ۾ اچي ٿو.

3. تنهنڪري، مان هن نوٽيس ذريعي توهان کي آگاهه ڪريان ٿو ته سنڌ سول سرونٽس (اهليت ۽ نظم و ضبط) ضابطا، 1973 جي ضابطي 4(1)(b)(iii) تحت توهان تي "ملازمت مان برطرفي" جي وڏي سزا لاڳو ڪرڻ جي تجويز آهي.

4. توهان، مسٽر محمد عبدالله کي هدايت ڪجي ٿي ته هن فائنل شوڪاز نوٽيس وصول ٿيڻ جي ستن (07) ڏينهن اندر پنهنجو جواب جمع ڪرايو. جيڪڏهن توهان جواب جمع ڪرائڻ ۾ ناڪام رهيا ته مٿي ذڪر ڪيل وڏي سزا توهان تي لاڳو ڪئي ويندي.

5. توهان اهو پڻ واضح ڪري سگهو ٿا ته ڇا توهان ذاتي طور تي پيش ٿي ٻڌڻ چاهيو ٿا.

(نديم الرحمٰن ميمڻ)
سيڪريٽري
۽ مجاز آفيسر

WORK FOR SINDH www.iwork4sindh.com
JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT
INF/KRY/4680/2026

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل
ڪروم بڪس جي ورڇ ۽ تعليمي تبديليءَ جون گهرجون
صفحو 4

مير اعظم علي ٽالپر
'اين ايونگ اِن پيرس'
صفحو 4

امريڪا، اسرائيل، برازيل ۽ سربيا ۾ چونڊون
اسد حبيب
صفحو 4

رميش راجا
علم جا ڏيئا ٻاريندڙ استاد مولا بخش ٿاريجو جي شخصيت!
صفحو 4

لطيف آباد جي شاهه لطيف ٽائون جي ملازمن جو بااثر خانگي ماڻهو خلاف احتجاجي مظاهرو

بااثر خانگي ماڻهو پاران ٽائون جي سرڪاري ڪمن ۽ ٺيڪن ۾ غيرقانوني مداخلت خلاف مظاهرو ڪيو ويو

شاهه لطيف ٽائون جا سرڪاري معاملا تحريڪ انصاف سان لاڳاپيل ڪليم خانزادي ذريعي هلايا پيا وڃن: ملازم

ٽائون جا ٺيڪا سيپرا جي ضابطن جي ڀڃڪڙي ڪندي من پسند ماڻهن کي ڏنا ويا آهن، نوٽيس وٺي اعليٰ سطحي جاچ ڪرائي وڃي

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) تعلقي لطيف آباد جي شاهه لطيف ٽائون جي ملازمن بااثر خانگي ماڻهو پاران ٽائون جي سرڪاري ڪمن ۽ ٺيڪن ۾ غيرقانوني مداخلت خلاف غلام محمد قريشي عامر ناهڙ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي ۽ پتلي کي باهه ڏئي ساڙيو. جڏهن ته احتجاج ۾ يڪجهتيءَ جي اظهار طور مختلف ٽائونن جا ملازم پڻ احتجاج ۾ شامل ٿيا. ان موقعي تي اڳواڻن الزام هنيو ته شاهه لطيف ٽائون جا سرڪاري معاملا هڪ غير لاڳاپيل خانگي شخص ۽ تحريڪ انصاف سان لاڳاپيل ڪليم خانزادي ذريعي هلايا پيا وڃن جنهن سبب ٽائون جي حقيقي ملازمن لاءِ مسئلا پيدا ٿي رهيا آهن. هنن چيو ته ملازمن جون بنا جواز بدليون ڪيون پيون وڃن ۽ کين مختلف طريقن سان پريشان ڪيو پيو وڃي. ملازمن وڌيڪ الزام هنيو ته ٽائون جا ٺيڪا سيپرا جي ضابطن جي ڀڃڪڙي ڪندي من پسند ماڻهن کي ڏنا ويا آهن. هنن چيو ته ٽائون چيئرمين ۽ ٻين لاڳاپيل اختيارين کي شڪايتون ڪرڻ باوجود مسئلن جو ڪو به تدارڪ نه ٿيڻ سبب کين احتجاج جو رستو اختيار ڪرڻو پيو آهي.

نا منظور! نا منظور!
حيدرآباد شاهه لطيف ٽائون جا ملازم بااثر خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري رهيا آهن

ملڪ ۾ سيمينٽ جي ريٽيل قيمتن ۾ گذريل هفتي گڏيل رجحان رهيو

اسلام آباد (اي پي پي)ملڪ ۾ سيمينٽ جي في ٻوري جي ريٽيل قيمت ۾ گذريل هفتي دوران اترين علائقن ۾ 0.47 سيڪڙو جي لاٿ رهي جڏهن ته ڏاکڻين علائقن ۾ 0.12 سيڪڙو جو اضافو رڪارڊ ڪيو ويو. پاڪستان جي انگن اکرن واري اداري طرفان جاري ڪيل هفتيوار رپورٽ مطابق 22 آڪٽوبر تي ختم ٿيل هفتي دوران ملڪ جي اترين شهرن ۽ علائقن ۾ سيمينٽ جي في ٻوري جي ريٽيل قيمت 1,611 رپيا رڪارڊ ڪئي وئي جيڪا گذريل هفتي جي ڀيٽ ۾ 0.47 سيڪڙو گهٽ آهي. گذريل هفتي دوران اترين علائقن ۾ سيمينٽ جي في ٻوري جي قيمت 1,619 رپيا هئي. رپورٽ مطابق جائزي هيٺ هفتي دوران ملڪ جي ڏاکڻين شهرن ۽ علائقن ۾ سيمينٽ جي في ٻوري جي ريٽيل قيمت 1,571 رپيا رڪارڊ ڪئي وئي ، جيڪا گذريل هفتي 1,569 رپين جي ڀيٽ ۾ 0.12 سيڪڙو وڌيڪ آهي . انگن اکرن مطابق گذريل هفتي اسلام آباد ۾ سيمينٽ جي في ٻوري جي ريٽيل قيمت 1,569 رپيا، راولپنڊي ۾1,520 رپيه، گوجرانوالا ۾ 1,560 رپيه، سيالڪوٽ ۾ 1,647 رپيا، لاهور ۾ 1,650 رپيه ، فيصل آباد ۾ 1600 رپيه، سرگوڌا ۾ 1,628 رپيه ، ملتان ۾ 1,563 رپيا ، اهڙي طرح ڪراچي ۾ سيمينٽ جي في ٻوري جي ريٽيل قيمت 1,480 رپيا ، حيدرآباد ۾ 1563 رپيا، سکر ۾ 1650 رپيا ، لاڙڪاڻي ۾ 1,530 رپيا، ڪوئٽا ۾ 1560 رپيا ۽ خضدار ۾ 1650 رپيا رڪارڊ ڪئي وئي

مسوڀرڳڙي ۽ پرياسي جي علائقن ۾ اٽي جي اگهه ۾ رڪارڊ اضافو

دڪانن تي اٽو 150 روپين کان وٺي 180 روپيا في ڪلو تائين وڪرو ٿيڻ لڳو

اٽي جي اگهن ۾ گهڻي واڌ سبب غريب ۽ پورهيت طبقو ٻن ويلن جي ماني لاءِ پريشان

مسوڀرڳڙي (ن ع) مسوڀرڳڙي ۽ پرياسي جي علائقن ۾ اٽي جي قيمتن کي پر لڳي ويا آهن جنهن ڪانپوءِ اٽو 150 روپين کان وٺي 180 روپيا في ڪلو تائين وڪرو ٿيڻ لڳو آهي اٽي جي اگهن ۾ گهڻي واڌ سبب غريب ۽ پورهيت طبقو ٻن ويلن جي مانيءَ لاءِ سخت پريشان ٿي ويو آهي. تفصيل موجب شهر ۾ اٽي جو ملهه آسمان سان ڳالهيون ڪرڻ لڳو آهي. منافعي خور دڪاندارن ۽ چڪي مالڪن سرڪاري نرخنامي کي مڪمل طور تي رد ڪندي من مانيون شروع ڪري ڏنيون آهن. جنهن جي ڪري اٽو عام ماڻهو جي خريداريءَ جي پهچ کان ٻاهر نڪري ويو آهي. ٻئي طرف مارڪيٽ ڪميٽي ۽ ضلعي انتظاميا ان سڄي صورتحال تي خاموش تماشائي بڻيل آهي جنهن ڪري هٿراڌو مهانگائي ڪندڙن کي کليل ڇوٽ ملي وئي آهي. شهر جي پورهيتن ۽ مسڪين عوام دانهيندي چيو آهي ته هڪ طرف بيروزگاري ۽ مهانگائي ڪنڌ ڀڃي ڇڏيو آهي، ٻئي طرف اٽو به وڏي قيمت تي وڪرو ڪري غريبن کان جيئڻ جو حق کسيو پيو وڃي جنهن ڪري گهرن ۾ چلهي ٻارڻ به مشڪل بڻيل آهي. شهرين ڊپٽي ڪمشنر حيدرآباد ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر حيدرآباد رورل کان فوري نوٽيس وٺڻ، سرڪاري اگهن تي عمل درآمد ڪرائڻ ۽ منافعي خورن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي

حيدرآباد جي ڳوٺ حسين خان ٿوڙهو مان 4 ڏينهن اڳ مبينا طور اغوا ڄاڻايل ناري جي وارثن جو احتجاج

ڳوٺ حسين خان ٿوڙهو مان 4 ڏينهن اڳ مبينا طور اغوا ڄاڻايل ناري مدو ڀيل جي بازيابيءَ لاءِ وارثن دانهيو

مائٽ ڪيلاش جي مبينا طور غلط سرگرمين ۾ ملوث هئڻ سبب هن سان پنهنجي ڌيءَ مدو جي مڱڻي ٽوڙي ڇڏي هئي: وارث

ڪيلاش، ڪرشن ۽ ٻيا ڳنڍجي 4 ڏينهن اڳ ڌيءَ کي اغوا ڪري ويا آهن، واقعي جو ڪيس پڻ ٿاڻي تي داخل ڪرايو ويو آهي

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) پڻ ٿاڻي جي حد ڳوٺ حسين خان ٿوڙهو مان 4 ڏينهن اڳ مبينا طور اغوا ڄاڻايل ناري مدو ڀيل جي بازيابيءَ لاءِ سنڌس وارث عورتن ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي ناري جي امڙ جمنا ڀيل ۽ ٻين وارث عورتن چيو ته سندن نوجوان مائٽ ڪيلاش جي مبينا طور غلط سرگرمين ۾ ملوث هئڻ سبب هن سان پنهنجي ڌيءَ مدو جي مڱڻي ٽوڙي ڇڏي هئي، جنهن تان ڪيلاش، ڪرشن ۽ ٻين ڳنڍجي 4 ڏينهن اڳ سنڌس ڌيءَ کي اغوا ڪري ويا آهن چيو ته واقعي جو ڪيس پڻ ٿاڻي تي داخل ڪرايو ويو آهي جڏهن ته پوليس ڪجهه جوابدارن کي گرفتار پڻ ڪيو آهي پر سنڌس ڌيءَ اڃا تائين بازياب نه ٿي سگهي آهي جنهن سبب گهر ۾ روج راڙو مچيل آهي هنن ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي حيدرآباد کي اپيل ڪئي ته سندنجي مدو ڀيل کي جلد بازياب ڪرائي مبينا اغوا ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي

حيدرآباد ڳوٺ حسين خان ٿوڙهو مان مبينا طور اغوا ڄاڻايل ناري جا وارث احتجاج ڪري رهيا آهن

مورو ۾ درگاهه فقير محمد عثمان پنگر جي 35هين عرس مبارڪ ملهايو ويو

مورو(ن ع) مورو جي مشهور ۽ روحاني عقيدت جو مرڪز بڻيل درگاهه فقير محمد عثمان پنگر جي 35هين عرس مبارڪ جي سلسلي ۾ سنڌس مزار تي گلاب جي گلن جي چادر چاڙهي هڪ روزه عرس مبارڪ جو باقاعده افتتاح ڪيو ويو عرس مبارڪ جي موقعي تي درگاهه تي روحاني ۽ عقيدت ڀريو ماحول ڇانيل رهيو جتي عقيدتمندن پاران حضرت فقير محمد عثمان پنگر جي مزار تي حاضري ڀري گلن جي چادر چاڙهي فاتحه خواني ڪئي وئي ۽ ملڪ جي سلامتي، خوشحالي، امن محبت ۽ ڀائيچاري لاءِ خصوصي دعائون گهريون ويون عرس مبارڪ جي افتتاح ڪانپوءِ محفل سماع جو شاندار بندوبست ڪيو ويو جنهن ۾ سنڌ جي مشهور فنڪار سيد وزير علي شاهه پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيو هن پنهنجي سريلي آواز ۽ منفرد انداز سان محفل ۾ ويٺل حاضرين کي جهومائي ڇڏيو جڏهن ته محفل ۾ موجود عقيدتمندن ۽ موسيقيءَ جي شوقينن سنڌس فن کي ڀرپور موٽ ڏني محفل سماع دوران صوفي رنگ ۽ روحانيت سان ڀرپور ماحول پيدا ٿي ويو جتي حاضرين فنڪار جي فن مان لطف اندوز ٿيندا رهيا درگاهه فقير محمد عثمان پنگر جي 35هين عرس مبارڪ جي موقعي تي عقيدتمندن ۾ وڏي دلچسپي ۽ عقيدت ڏسڻ ۾ آئي

حيدرآباد ۾ زرداري اتحاد ۽ سماجي تنظيم پاران مظاهرو

سول اسپتال حيدرآباد جي ڊاڪٽرن جي مبينا غفلت سبب سال اڳ پٽ فوت ٿيو: عامر زرداري

هيلٿ ڪيئر ڪميشن جي رپورٽ ۽ زميني حقيقتن کي سامهون رکي مون سان انصاف ڪيو وڃي

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد جي سول اسپتال ۾ سال اڳ ڊينگي جي بيماري ۾ مبتلا نوجوان جي ڊاڪٽرن جي مبينا غفلت سبب فوت ٿيڻ واري واقعي ۾ انصاف نه ملڻ خلاف زرداري اتحاد ۽ سماجي تنظيم پاران ايڊووڪيٽ عامر لطيف زرداري، ڪي ڪي زرداري ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي فوتي نوجوان ڊاڪٽر حسنين زرداري جي پي ايڊووڪيٽ عامر لطيف زرداري مظاهري کي خطاب ڪندي چيو ته 22آڪٽوبر2025 ڌاري منهنجو نوجوان پٽ حسنين زرداري سول اسپتال حيدرآباد جي ڊاڪٽرن جي مبينا غفلت سبب فوت ٿي ويو هو ڊاڪٽرن جي مبينا غفلت خلاف 6ڊاڪٽرن تي هيلٿ ڪيئر ڪميشن ۾ درخواست ڏني ۽ انهن خلاف ڪيس داخل ڪرايو منهنجي نوجوان پٽ جي فوت ٿيڻ واري ماهري جاچ ۾ هيلٿ ڪيئر ڪميشن 21وڌيڪ ڊاڪٽرن شامل ڪري انهن خلاف 3لک رپيا ڏنڊ مقرر ڪيو جڏهن ته هڪ ڪورٽ جي هڪ جج جو پٽ ڊاڪٽرن جي وڪالت ڪرڻ تي ڄاڻايل جج صاحب چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ کي گمراهه ڪندي سامهون ڊاڪٽر بيڏوهي قرار ڏنو جيڪو عمل انصاف جي ابتڙ آهي هن چيو ته آءُ پنهنجي پٽ حسنين جي ڪيس ۾ فقط 6ڊاڪٽر نامزد ڪيا هئا وڌيڪ ته هيلٿ ڪيئر ڪميشن ڊاڪٽرن کي ڪيس ۾ شامل ڪري انصاف طرف هڪ قدم وڌايو هن چيو منهنجي پٽ جي موت جا ذميوار سول اسپتال حيدرآباد جا 27ڊاڪٽرن آهن هن چيف جسٽس سپريم ڪورٽ ۽ چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ کي اپيل ڪئي ته منهنجي جي ڪيس ۾ هيلٿ ڪيئر ڪميشن جي رپورٽ ۽ زميني حقيقتن کي سامهون رکي مون سان انصاف ڪيو وڃي

حيدرآباد خدا جي بستي جي رهواسڻ ارشاد حيدرآباد پريس ڪلب سامهون پنهنجي ٻارن سان گڏ احتجاجي مظاهرو ڪري رهي آهي

ڪوٽڙي سائيٽ جي علائقي خدا جي بستي واسڻ جو حيدرآباد ۾ احتجاج

ارشاد ٻبر پنهنجي ٻارن سان گڏ مڙس جي ملڪيت تي قبضي خلاف دانهيو

مڙس جا مائٽ منظور ۽ امتياز اغوا ۽ موتمار ڌمڪيون ڏئي ويا آهن: ارشاد ٻبر

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر)ڪوٽڙي سائيٽ جي علائقي خدا جي بستي نمبر هڪ جي رهواسڻ ارشاد زال مختيار ٻبر ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون پنهنجي ٻارن سان گڏ مڙس جي مائٽن پاران ملڪيت تي قبضي ۽ موتمار ڌمڪين خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي هن چيو ته آءٌ مختيار جي ٻئي گهر واري آهيان منهنجي مڙس مون سان پهرين زال جي وفات بعد مون سان شادي ڪئي جنهن مان مونکي 4ٻارن جي اولاد آهي جڏهن پهرين زال مان 2ٻارن جي اولاد آهي جيڪا ٻه 6مهينا اڳ تائين اسان گڏ رهندي هئي. هن چيو ته 6مهينا اڳ منهنجي مڙس جي پهرين اولاد کي سندن ماما پاڻ سان وٺي ويا ۽ ان بعد هاڻ اسان تي هڪ گهر ۽ ڇهين دڪانن مان زبردستي حصو يا 50لک رپيا گهري رهيا آهن هن چيو ته جنهن علائقي ۾ سندن گهر ۽ دڪان آهن انهن جي ايتري ماليت ناهي هن چيو ته منهنجو مڙس ڪرڙ گيٽ ڪمپني ۾ ملازمت ڪندو جيڪو پڻ بيمار رهي ٿو هن الزام هنيو ته مڙس جا مائٽ منظور ۽ امتياز نامعلوم ماڻهن کي ساڻ ڪري گهر تي اچي اغوا ۽ موتمار ڌمڪيون ڏئي ويا آهن جن ڪري اسان کي جاني ۽ مالي خطرو آهي. هن ايس ايس پي ڄامشورو کي اپيل ڪئي ته ڄاڻايل ماهري جو نوٽيس وٺي انصاف ۽ تحفظ ڏنو وڃي

لڪي لڳ بگي واهه پرسان پاڻيءَ مان هڪ نامعلوم پيرسن شخص جو لاش هٿ

لڪي غلام شاهه(ن ع) لڪي غلام شاهه ٿاڻي جي حد ۾ سکر-شڪارپور روڊ تي بگي واهه پرسان پاڻيءَ مان هڪ نامعلوم پيرسن شخص جو لاش هٿ آيو آهي اطلاع ملڻ تي لڪي غلام شاهه پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش تحويل ۾ وٺي تعلقي اسپتال لڪي غلام شاهه منتقل ڪيو اسپتال جي ڊاڪٽرن موجب لاش لڳ ڀڳ 60 ورهين جي پيرسن شخص جو آهي، جنهن جي جسم تي زخمن جا ڪيترائي نشان موجود آهن

ڪوٽ غلام محمد ۾ 15 غريب، بي سهارا ۽ يتيم جوڙن جي اجتماعي شادي

ايل اي آءِ پاران تقريب ۾ نون جوڙن کي ڏاج سميت گهريلو ضرورت جون شيون ڏنيون ويون

انشاالله اهڙا فلاحي ۽ نيڪ ڪم اڳتي به جاري رکندا: ايل اي آءِ جي اڳواڻن جو اظهار

ڪوٽ غلام محمد(ن ع) ڪوٽ غلام محمد ۾ سماجي تنظيم ايل اي آءِ پاران فتح گارڊن هال ۾ 15 غريب، بي سهارا ۽ يتيم جوڙن جي اجتماعي شادي ڪرائي وئي تقريب ۾ نون جوڙن کي ڏاج سميت گهريلو ضرورت جون شيون ڏنيون ويون، جڏهن ته سوين مهمانن لاءِ وليمي جي دعوت جو پڻ اهتمام ڪيو ويو. تقريب تنظيم جي اڳواڻن جي جنيد، عاصم خليل محبوب احمد ۽ مير زمان جٽ جي ميزباني هيٺ ڪئي وئي. جنهن ۾ ڊاڪٽر منصور باجوه رئيس عمير ڀرڳڙي سميت جوڙن جي مائٽن عزيزن شرڪت ڪئي ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته غريب ۽ مسڪين جوڙن جي شاديءَ جو بندوبست ڪري کين نئين زندگيءَ جي شروعات ۾ سهارو ڏيڻ سندن لاءِ خوشي ۽ اطمينان جو سبب آهي هنن چيو ته انشاالله اهڙا فلاحي ۽ نيڪ ڪم اڳتي به جاري رکندا، جيئن الله پاڪ جي رضا حاصل ڪري سگهجي. اڳواڻن وڌيڪ چيو ته نون جوڙن جي چهرن تي مرڪ ڏسي کين دلي خوشي ٿي آهي نوجوانن جا نڪاح سنت محمدي صه موجب ڪرائڻ ۽ کين گناهن کان بچائڻ به هڪ قدم جو هڪ اهم مقصد آهي جڏهن ته اجتماعي شادي جي تقريب ۾ ڊاڪٽر منصور باجوا پاران 15 جوڙن کي نقد رقم جا تحفا پيش ڪيا ويا

حيدرآباد واٽر ۽ سيوريج ڪارپوريشن جي ملازمن مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج جاري

پگهار ۽ پينشن کان محروم ملازمن مطالبن جي مڃتا لاءِ ڪالهه 115 ڏينهن احتجاج ڪيو، نعريبازي

ڪارپوريشن ۾ سي اي او فنانس آفيسر ۽ من پسند اسٽاف کي هر مهيني پگهارون جاري ٿين ٿيون: مظاهرين

ماهري جو نوٽيس وٺي رهيل پگهارون ۽ پينشن جلد ادا ڪري ملازمن ۾ ڦليل بيچيني ختم ڪئي وڃي: وڏي وزير کي اپيل

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد واٽر ۽ سيوريج ڪارپوريشن جي ملازمن مطالبن جي مڃتا لاءِ ڪالهه 115 ڏينهن حيدرآباد پريس ڪلب سامهون ذاڪر الله محمد نديم شاهد خان،جاويد پٽني ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيوويو ان موقعي تي هنن چيو ته حيدرآباد واٽر ۽ سيوريج ڪارپوريشن جا ملازم ۽ رٽائر ملازم مهينن جي پگهار ۽ پينشن کان محروم آهن هنن چيوته 20 مهينن جون پگهارون ۽ پينشن نه ملڻ سبب ملازم سخت مالي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ تي مجبور آهن هنن چيوته ڪارپوريشن ۾ سي اي او فنانس آفيسر ۽ من پسند اسٽاف کي هر مهيني پگهارون جاري ٿين ٿيون ۽ سموريون مراعتون وٺي رهيا آهن پر ننڍن ملازمن لاءِ پگهارون ۽ رٽائر ملازمن لاءِ پينشن جي رقم ادا ڪرڻ لاءِ ناهي جيڪا مزدور دشمني آهي هنن چيو ته اداري جي هر مهيني ڪروڙين رپين جي وصولي هجڻ باوجود ننڍا ملازم پنهنجي حق کان محروم آهن هنن سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه، وزير بلديات کي اپيل ڪئي ته ماهري جو نوٽيس وٺي رهيل پگهارون ۽ پينشن جلد ادا ڪري ملازمن ۾ ڦليل بيچيني ختم ڪئي وڃي

COLLECTIVE NIKAH
ڪوٽ غلام محمد سماجي تنظيم ايل اي آءِ پاران بي سهارا ۽ يتيم جوڙن جي اجتماعي شادي جو ڏيک

نئون ڳوٺ قومپرست اڳواڻ ڪامريڊ دودوديشي ۽ ٻيا حاضري ڀري درگاهه تي چادر چاڙهي رهيا آهن

نئون ڳوٺ لڳ سائين محبڻ شاهه جو ساليانو ميلو پڄاڻي تي پهتو

قومپرست اڳواڻ ڪامريڊ دودوديشي ٻين اڳواڻن حاضري ڀري، درگاهه تي چادر چاڙهي

ميلي دوران ٽن ڏينهن تائين ملاڪڙي جا شاندار مقابلا ٿيا، پهلوانن خوب زور آزمايو

نئون ڳوٺ(ن ع) نئون ڳوٺ پرسان ڪچي جي مشهور تاريخي درگاهه سائين محبڻ شاهه جو ساليانو ميلو پڄاڻي تي پهچي ويو ميلي ۾ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان آيل زائرين عقيدتمندن ۽ پانڌيئڙن درگاهه تي قومپرست اڳواڻ ڪامريڊ دودوديشي ٻين اڳواڻن حاضري ڀري، چادرون چاڙهيون سنڌ جي خوشحالي، امن جي سلامتي لاءِ دعائون پڻ گهريون ميلي دوران ٽن ڏينهن تائين ملاڪڙي جا شاندار مقابلا ٿيا. ملاڪڙي جي انتظامن ۾ پهلوان مجيد اعوان ۽ سرور ٻهڻ اهم ڪردار ادا ڪيو ملاڪڙي ۾ ماجد ڏڪڻ شمن چنو محسن ٻهڻ فرزند اعوان مختيار ٻهڻ دل ملاح مور اعوان سيد علي اصغر شاهه مجاهد اعوان عاشق چنو ۽ غلام شبير شيخ سميت ٻين پهلوانن پنهنجي فن جا جوهر ڏيکاريا. ملاڪڙي جي پڄاڻيءَ تي محترم حاجي نظام الدين پتي دودو ديشي نظر محمد گاڏهي، آندل گاڏهي،باغ علي ٻگهيو محمد صالح آريجو سرمند پيرزادو فقير مختيار ٻگهيو سميت ٻين معزز شخصيتن پهلوانن کي انعام ڏئي سندن حوصلا افزائي ڪئي ان موقعي تي ملاڪڙي جي ڪميٽرنگ جا فرض منظار مقبول ذوالفقار جهتيال سرانجام ڏنا. ميلي جي آخري ڏينهن تي روايتي انداز ۾ منڊي ڪٽي وئي، جنهن دوران عقيدتمندن ۽ پانڌيئڙن درگاهه سائين محبڻ سرڪار جي مزار تي چادر چاڙهيون ۽ روحاني سڪون حاصل ڪرڻ لاءِ دعائون گهريون درگاهه جي متولي فقير مختيار احمد ٻگهيو ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته سائين محبڻ سرڪار جو ميلو تاريخي ۽ روايتي اهميت رکي ٿو جتي ايندڙ زائرين عقيدتمندن ۽ پانڌيئڙن کي عزت ۽ احترام سان ڀليڪار ڪيو ويندو آهي هن چيو ته ميلي ۾ ايندڙ ماڻهن جي سهولت لاءِ ڪاڌي پيتي جو سامان ۽ ٻيون ضروري سهولتون فراهم ڪيون وينديون آهن ان موقعي تي حاجي نظام الدين پتي نظر محمد گاڏهي ۽ جسقب جي اڳواڻ ڪامريڊ دودو ديشي سيد غلام مصطفي شاهه چيو ته درگاهه سائين محبڻ شاهه هڪ تاريخي ۽ روحاني ماڳ آهي، جتي هر سال ميلي جي انعقاد سان علائقي ۾ خوشيءَ جي لهر ڊوڙجي ٿي ۽ ماڻهن کي گڏجي رهڻ محبت ۽ ڀائيچاري جو موقعو ملي ٿو هنن چيو ته ميلي دوران مختلف ڌرين پاران سهڪار ڪيو ويو جنهن سبب ٽئي ڏينهن خوشگوار ماحول ۾ گذرندا آهن ميلي جي راتين ۾ روايتي صوفياڻي راڳ جون محفلون پڻ منعقد ڪيون ويون جن ۾ پري پري کان آيل زائرين ۽ عقيدتمندن شرڪت ڪري روحاني سڪون ماڻيو ميلي جي موقعي تي مقامي جي دڪاندارن سيٺ اسلم ابڙو ۽ نظير احمد ٻگهيو پنهنجا دڪان سهڻي نموني سينگاريا. جڏهن ته چوڏيل ڦرٽيون سرڪس موت جو کوهه ۽ منهارڪن سميت مختلف تفريحي شين ۽ ڪاڌي پيتي جي اسٽالن کي پڻ خوبصورتيءَ سان سينگاريو ويو ٻئي طرف فتح پور ٿاڻي جي پوليس پاران امن امان برقرار رکڻ لاءِ سيڪيورٽي جا انتظام ڪيا ويا ۽ اهلڪار مقرر ڪيا ويا. سيڪيورٽي انتظامن سبب ساليانو ميلو آخري ڏينهن تائين خوشگوار ماحول ۾ پڄاڻي تي پهتو

ملاڪاتيار ويجهو مقتول نوجوان عبدالعزيز جي وارثن سان تعزيت

جوابدارن کي بنا دير گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي: پير اشفاق جان

قانون موجب سخت کان سخت سزا ڏياري وڃي، جيئن مقتول جي وارثن کي انصاف ملي سگهي

ملاڪاتيار (ن ع) ملاڪاتيار ويجهو بيدرديءَ ڳوٺ جنگ ڪاتيار ۾ ٻه ڏينهن اڳ بيدردي سان قتل ٿيل 23 ورهين جي نوجوان عبدالعزيز پٽ محمد ابراهيم ڪاتيار جي تڏي تي سنڌ پبلڪ پارٽي جي چيئرمين پير اشفاق جان سرهندي ۽ عبدالحق ڙنو پهچي وارثن سان تعزيت ڪئي ۽ ڏک جو اظهار ڪيو ان موقعي تي هنن قتل جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي مطالبو ڪيو ته واقعي ۾ ملوث جوابدارن کي بنا دير گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي ۽ کين قانون موجب سخت کان سخت سزا ڏياري وڃي، جيئن مقتول جي وارثن کي انصاف ملي سگهي هڪ نوجوان جو بي رحماڻو قتل انتهائي افسوسناڪ واقعو آهي مقتول جي وارثن کي اڪيلو نه ڇڏيو ويندو سنڌ پبلڪ پارٽي ڏک جي هن گهڙيءَ ۾ وارثن سان گڏ آهي

گڏاپ ٽائون ۾ هڪ "مذهبي هم آهنگي ڪانفرنس" منعقد

مذهبي هم آهنگي، باهمي احترام ۽ رواداري هڪ پرامن سماج جو بنياد آهن: چيئرمين

اجتماعي ذميواري آهي ته اسان سڀني مذهبن جي پوئلڳن جي حقن ۽ عقيدن جو احترام ڪريون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن گڏاپ جي چيئرمين طارق عزيز بلوچ جي خاص هدايتن تي، گڏاپ ٽائون ۾ هڪ "مذهبي هم آهنگي ڪانفرنس" منعقد ڪئي وئي هن تقريب جي اڳواڻي ميونسپل ڪمشنر سالڪ احمد پتو پارليامانِي اڳواڻ ۽ ڪائونسل ميمبر مير عباس ٽالپر PS-85 جي صدر ۽ ڪائونسل ميمبر مرتضيٰ يار محمد بلوچ، گڏوگڏ ڪائونسل ميمبرن امان دين جوکيو سمينا زرداري ۽ سني عاشق مسيح ڪئي. ڪانفرنس ۾ مختلف مذهبن جي اڳواڻن، سماجي شخصيتن ۽ مقامي معززين کي دعوت ڏني وئي هئي، جنهن جو مقصد مختلف مذهبن جي پوئلڳن جي وچ ۾ باهمي احترام، مذهبي رواداري، امن، محبت، بردباري ۽ ڀائيچاري کي فروغ ڏيڻ هو. ڪانفرنس جو بنيادي مقصد سماج ۾ مذهبي هم آهنگي کي مضبوط ڪرڻ، سڀني مذهبي برادرين جي حقن ۽ عقيدن جي احترام جي اهميت بابت آگاهي پيدا ڪرڻ ۽ گڏاپ ٽائون ۾ امن ۽ محبت جو ماحول قائم ڪرڻ هو ان موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ گڏاپ ٽائون جي چيئرمين طارق عزيز بلوچ چيو ته مذهبي هم آهنگي، باهمي احترام ۽ رواداري هڪ پرامن سماج جو بنياد آهن هن ان ڳالهه تي زور ڏنو ته اهو اسان سڀني جي اجتماعي ذميواري آهي ته اسان سڀني مذهبن جي پوئلڳن جي حقن ۽ عقيدن جو احترام ڪريون ڪانفرنس ۾ سڀني مذهبن جي وچ ۾ احترام، رواداري، اتحاد ۽ ڀائيچاري کي فروغ ڏيڻ لاءِ گڏيل ڪوششون جاري رکڻ جي پختي عزم جو اظهار ڪيو ويو

ڪراچي ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن گڏاپ ۾ هڪ مذهبي هم آهنگي ڪانفرنس" منعقد ڪئي وئي آهي

ڏگهڙي جي مڪ شاهي بازار ۾ دڪاندارن وچ ۾ جهيڙو

دڪاندارن وچ ۾ جهيڙي دوران ڏنڊن ۽ لٺين جو آزاداڻي استعمال

جهيڙو ٽارڻ جي ڪوشش دوران صحافي توفيق سردار راجپوت سخت زخمي

ڏگهڙي (ن ع) ڏگهڙي جي شاهي بازار ۾ پرچون جي دڪانن جي دڪاندارن وچ ۾ معمولي ڳالهه تان جهيڙو ٿي پيو جنهن دوران ڏنڊن ۽ لٺين جو استعمال ڪيو ويو. ان موقعي تي جهيڙي کي وڌيڪ وڌڻ کان روڪڻ ۽ ڌرين وچ ۾ ٺاهه ڪرائڻ جي ڪوشش دوران ڏگهڙي پريس ڪلب جو جنرل سيڪريٽري توفيق سردار راجپوت ڏنڊي لڳڻ سبب سخت زخمي ٿي پيو جڏهن ته سنڌس هڪ هٿ جي ٻن آڱرين ۾ فريڪچر ٿي پيو واقعي کانپوءِ ڏگهڙي پريس ڪلب جي صدر آغا روز اماز مرغزاني، سرپرست اعليٰ نصير احمد قريشي پريس سيڪريٽري وسيم احمد قريشي دڪاندار ايسوسيئيشن جي اڳوڻي صدر ماسون رشيد قائمخاني عبدالغني منگي، عبدالرحمان آرائين ۽ ٻين زخمي توفيق سردار راجپوت جي عيادت ڪئي ڏگهڙي پريس ڪلب جي سمورن عهديدارن ۽ ميمبرن واقعي تي افسوس جو اظهار ڪندي توفيق سردار راجپوت جي جلد صحتيابي لاءِ دعا ڪئي

صوبائي محتسب اعليٰ جي ريجنل ڊائريڪٽر پاران ڪاوڙ جو اظهار

محتسب ايڪٽ 1991ع جي قلم 14 ۽ 16 تحت ڪارروائي جو اشارو

ڏگهڙي(ن ع) ڪجهه عرصو اڳ مقامي ڪائونسلر محمد حسن پتي پاران هاءِ اسڪول فاضل پتي تعلقو ڏگهڙي ۾ ايس اين اي (SNE)تحت گهربل پوسٽن جي منظوري ۽ فراهمي لاءِ صوبائي محتسب اعليٰ سنڌ وٽ درخواست داخل ڪرائي وئي هئي،جنهن تي صوبائي محتسب اعليٰ سنڌ پاران حڪم جاري ڪندي لاڳاپيل اسڪول ۾ گهربل تدريسي ۽ غير تدريسي عملي جون پوسٽون فراهم ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي هئي ته جيئن ڳوٺ جي ٻارن جي تعليم متاثر نه ٿئي پر لاڳاپيل کاتي پاران ڪجهه استادن جي پوسٽن جي منظوري جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو جڏهن ته هيلپن گريڊ جي عملي جي هڪ به پوسٽ منظور نه ڪئي وئي اسڪول ۾ چوڪيدار صفائي ڪندڙ مالهي ۽ نائب قاصد جون پوسٽون به منظور نه ڪيون وڃڻ وڌيڪ حيرت جوڳي ڳالهه اها آهي ته ڪجهه استادن جي پوسٽن جي منظوري باوجود اڃا تائين انهن تي به مقرريون نه ٿي سگهيون آهن ۽ سموريون منظور ٿيل پوسٽون خالي پيل آهن.ان حوالي سان صوبائي محتسب اعليٰ جي ريجنل ڊائريڪٽر ميرپورخاص پاران اسڪول ايجوڪيشن کاتي سنڌ کي خط جاري ڪري 4 نومبر تائين تفصيلي رپورٽ يا گهربل معلومات فراهم ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي ٻي صورت ۾ لاڳاپيل عملدارن خلاف ڪنٽيمپٽ آف ڪورٽ آرڊيننس 2004ع تحت توهين عدالت جي ڪارروائي شروع ڪرڻ جو اشارو ڏنو ويو آهي

پيپلز پارٽيءَ جي 18 سالن جي اقتداري دور باوجود ميهڙ شهر جا بنيادي مسئلا حل نه ٿي سگهيا

ميهڙ واسي پيئڻ جي صاف پاڻي، صفائي، صحت، تعليم، ترقياتي ڪمن ۽ جهڙين بنيادي سهولتن کان محروم

شهر جي سنگين مسئلن جي حل لاءِ شهري اتحاد ميهڙ جي سڏ تي 44 هين ڏينهن به احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

ڪالونيون، گهٽيون ۽ محلا گندگيءَ جي ور چڙهيل آهن، روڊ رستا کنڊرات بڻيل آهن ۽ شهر ۾ خاطرخواهه ترقياتي ڪم نظر نٿا اچن: شهري

ميهڙ(ن ع) پيپلز پارٽيءَ جي 18 سالن جي اقتداري دور باوجود ميهڙ جا شهري پيئڻ جي صاف پاڻي، صفائي، صحت، تعليم، ترقياتي ڪمن ۽ جهڙين بنيادي سهولتن کان محروم بڻيل آهن شهر جي سنگين مسئلن خلاف شهري اتحاد ميهڙ جي سڏ تي 44 هين ڏينهن به احتجاجي ريلي ڪڍي وئي، جنهن ۾ مظاهرين دهل شرنايون وڄائي، گيالپون ڪئي ۽ ٻانهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌي انوکو احتجاج ڪيو جڏهن ته چونڊيل نمائندن ۽ تعلقي توڙي ضلعي انتظاميا خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي شهري اتحاد ميهڙ جي چيئرمين نياز علي ٻرڙو پي ڪي آءِ تعلقي صدر محمد ايوب ڪوسو قومي عوامي تحريڪ جي اڳواڻ ايڊووڪيٽ مير ڪوسو لاڙڪاڻو هاءِ ڪورٽ بار جي وڪيل عابد حسين ڪلهوڙو وڪيل حافظ منظور چانڊيو محمد اسماعيل بروهي، عبدالمجيد مهيسر محمد هاشم ٻرڙو فتاح شاهه زبير سمون نبيل پنهور ۽ ٻين جي اڳواڻيءَ ۾ ٻيٽو چوڪ کان گهنٽا گهر چوڪ ۽ پيادل مارچ ڪيو ويو جنهن ۾ سياسي سماجي ۽ واپاري اڳواڻن سول سوسائٽيءَ جي نمائندن دڪاندارن چونڊيل ڪائونسلرن ۽ سوين شهرين شرڪت ڪئي ان موقعي تي مظاهرين چيو ته شهر ۾ واٽر سپلاءِ جو نظام تباهه فلٽر پلانٽ ناڪارا ۽ پاڻيءَ جون لائينون هنڌان هنڌان ٽٽل آهن جنهن سبب شهرين کي پيئڻ جي صاف پاڻيءَ لاءِ سخت تڪليفون برداشت ڪرڻيون پئجي رهيون آهن ڪالونيون گهٽيون ۽ محلا گندگيءَ جي ور چڙهيل آهن روڊ رستا کنڊرات بڻيل آهن ۽ شهر ۾ خاطرخواهه ترقياتي ڪم نظر نٿا اچن هنن چيو ته اسپتالن ۾ مريض دوائن لاءِ پريشان آهن مختلف شعبا غيرفعال بڻيل آهن بدامني وڌڻ سبب شهرين جو جيئڻ جنجال بڻجي ويو آهي جڏهن ته سرڪاري تعليمي ادارن کي خانگي حوالي ڪرڻ بجيٽ جي مبينا هڙپ ۽ مونو ٽيڪنيڪل ڪاليج بند ڪري زيبٽيڪ حوالي ڪرڻ جهڙن قدمن سان شهر جي مستقبل کي نقصان پهچايو پيو وڃي مظاهرين سخت احتجاج ڪندي چيو ته ميهڙ مسئلن جو ڳڙهه بڻجي چڪو آهي پر چونڊيل نمائندا ۽ انتظاميا عوام جي دانهن ٻڌڻ لاءِ تيار ناهن هنن الزام هنيو ته تعلقي ۽ ضلعي انتظاميا جي مبينا ملي ڀڳت سان ماهوار ڪروڙين رپين جي بجيٽ خرچ ٿيڻ باوجود شهر ۾ بنيادي سهولتن جو ڏڪار آهي جڏهن ته شهري 44 ڏينهن کان احتجاج ڪري رهيا آهن پر ذميوار ڌرين جي ڪن تي جونءِ به نٿي چري هنن مطالبو ڪيو ته ميهڙ ۾ فوري طور امن امان بحال ڪري شهرين کي صاف پيئڻ جو پاڻي فراهم ڪيو وڃي واٽر سپلاءِ ۽ فلٽر پلانٽ بحال ٽٽل لائينون مرمت، گندگيءَ جو خاتمو روڊ رستا تعمير اسپتالن ۾ دوائن جي فراهمي يقيني سرڪاري تعليمي ادارن جي بجيٽ ۽ ڪارڪردگيءَ جي شفاف جاچ ڪرائي مونو ٽيڪنيڪل ڪاليج بحال ڪيو وڃي شهري اتحاد اڳواڻن چتاءُ ڏنو ته ميهڙ جي بنيادي مسئلن کي وڌيڪ نظرانداز ڪيو ويو ته احتجاجي تحريڪ کي وڌيڪ منظم ۽ سخت ڪيو ويندو عوام پنهنجي حقن تان هٿ نه کڻندو ۽ مسئلن جي عملي حل تائين روزاني احتجاج جاري رهندو

احتجاج احتجاج احتجاج
شهر کي گندگي کان پاڪ ڪيو وڃي
احتجاجي مظاهرو
ميهڙ پيپلز پارٽيءَ جي 18 سالن جي اقتداري دور باوجود ميهڙ جا بنيادي مسئلا حل نه ٿيڻ خلاف عوام سراپا احتجاج بڻي ويو آهي

مورو ۾ بزم صوفيائي سنڌ پاران تاريخدان رسول بخش ڪڇيرائي جي سالگره ملهائي وئي

مورو(ن ع) بزم صوفيائي سنڌ پاران سنڌ جي مشهور ليکڪ اديب سماج سڌارڪ ۽ تاريخدان رسول بخش ڪڇيرائي جي جنم ڏينهن جي موقعي تي هڪ شاندار تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ مختلف علمي ادبي سماجي ۽ ثقافتي شخصيتن بزم صوفيائي سنڌ جي صدر صوفي جاويد مصطفي ڪانڌڙو صوفي هادي بخش چانڊيو وزير فرهاد سولنگي خليق ٻگهيو رضا لانگاهه شرڪت پروفيسر خالد ساحل ڪيريو محمد اسجل ڪانڌڙو ۽ ٻين ڪئي ان موقعي تي مقررين رسول بخش ڪڇيرائي جي علمي ادبي ۽ تاريخي خدمتن جي تعريف ڪئي ۽ ڪيس سنڌ جي علمي ۽ ادبي ورثي ۾ هڪ اهم حوالو قرار ڏنو مقررين پنهنجن خيالن جو اظهار ڪندي چيو ته رسول بخش پنهنجين لکڻين ۽ علمي ڪوششن ذريعي سنڌ جي تاريخ، تهذيب، ثقافت ۽ ادبي روايتن کي اجاگر ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي سنڌس خدمتون نه رڳو عالمن ۽ ليکڪن لاءِ قيمتي آهن پر نئين نسل لاءِ روشني جو هڪ ڪرشمو پڻ آهن

گولاڙچي ۾ قبضن کي ختم ڪرائڻ لاءِ انتظاميا پاران تياريون تيز

واٽر سپلاءِ جي ٽلائن پرسان قائم مبينا قبضن کي ختم ڪرائڻ لاءِ ڪارروائي

انتظاميا پاران واٽر سپلاءِ تي قبضو ڪندڙن کي 5 ڏينهن جي مهلت ڏني وئي

گولاڙچي(ن ع) واٽر سپلاءِ جي ٽلائن پرسان قائم مبينا قبضن کي ختم ڪرائڻ لاءِ انتظاميا پاران تياريون تيز ڪيون ويون آهن پوليس ۽ رينجرز سميت وڏي نفري پٽل روڊ تي پهچي وئي، جڏهن ته علائقي ۾ اچ وڃ کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ روڊ جي ٻنهي پاسن کان رستا بند ڪيا ويا، جنهن سبب ٽريفڪ ۽ شهري آمدرفت متاثر ٿي هوڏانهن انتظاميه وچ ۾ 4 ڪلاڪن جاکرا برادري ماڻهن وچ ۾ ڳالهيون ڪري انتظاميا پاران واٽر سپلاءِ تي قبضو ڪندڙن کي 5 ڏينهن جي مهلت ڏني وئي آهي مهلت ختم ٿيڻ ڪانپوءِ پوليس ۽ رينجرز جي نفري جي موجودگيءَ ۾ ڪٽيو روڊ تي قبضي هيٺ آيل جڳهين کي خالي ڪرائڻ لاءِ ڪارروائي ڪئي ويندي انتظاميا جي امڪاني ڪارروائي سبب علائقي ۾ صورتحال اهميت اختيار ڪري وئي آهي، جڏهن ته شهري ايندڙ ڏينهن ۾ ٿيندڙ اڳڀرائيءَ جا منتظر آهن

گولاڙچي قبضن کي ختم ڪرائڻ لاءِ پوليس ۽ رينجرز سميت وڏي نفري پهتل آهي

مسوڀرڳڙي ۾ شهري ايڪشن ڪميٽي پاران مظاهرو

روزانو 22 ڪلاڪ بجلي بند ڪرڻ سبب شهر جو ڪاروبار ٺپ ٿي ويو آهي: شهري

حيسڪو مٽياري جو ايس ڊي او ۽ لائين سپرنٽينڊنٽ رشوت طلب ڪري رهيا آهن

مسوڀرڳڙي (ن ع) مسوڀرڳڙي ۾ شهري ايڪشن ڪميٽي پاران پريس ڪلب مسوڀرڳڙي اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جنهن جي اڳواڻي پير بخش آرائين،عبدالستار ابڙو نثار لغاري، رفيق نونداڻي ۽ ٻين ڪئي هنن چيو ته جيئندل ڪوٽ فيڊر تي روزانو 22 ڪلاڪ بجلي بند ڪرڻ سبب شهر جو ڪاروبار ٺپ ٿي ويو آهي جنهن سان شهري سخت تڪليف کي منهن ڏئي رهيا آهن جڏهن ته ٻه ڪلاڪ ڏيندڙ بجلي دوران پڻ اک ٻوٽ جاري رکي وڃي ٿي

نيشنل بئنڪ پاران جاري ڪيل مختلف ملڪن جي ڪرنسين جي وڪري ۽ خريد جا اگهه جاري

ڪراچي(اي پي پي) نيشنل بئنڪ آف پاڪستان مختلف ملڪن جي ڪرنسين جي وڪري ۽ خريد جا اگهه هن ريت جاري ڪيا آهن آمريڪي ڊالر جي وڪري جو اگهه 278.59 رپيا ۽ خريد جو اگهه 275.59 رپيا، برطانوي پائونڊ جي وڪري جو اگهه 372.80 رپيا ۽ خريد جو اگهه 368.40 رپيا رهيو يورو جي وڪري جو اگهه 312.63 رپيا ۽ خريد جو اگهه 308.96 رپيا، جڏهن ته جاپاني ين جي وڪري جو اگهه 1.7760 رپيا ۽ خريد جو اگهه 1.7550 رپيا رهيو اماراتي درهم جي وڪري جو اگهه 75.86 رپيا ۽ خريد جو اگهه 74.96 رپيا، سعودي ريال جي وڪري جو اگهه 74.25 رپيا ۽ خريد جو اگهه 73.37 رپيا رڪارڊ ڪيو ويو

راضيديرو لڳ پورهيت پاران پاڪ ڪتاب کڻي احتجاج

پورهيت غلام النبي نياٽيون ساڻ ڪري احتجاج بااثرن خلاف دانهيو

وڏيرو ظهير کهڙو منهنجي گهر ۾ گهڙي ٻه مينهون ڪاهي ويو آهي: پورهيت

راضيديرو(ن ع) راضيديرو لڳ پورهيت پاران پاڪ ڪتاب کڻي نياٽيون ساڻ ڪري برادري جي بااثر خلاف احتجاج،انصاف ۽ تحفظ جو مطالبوراضيديرو ويجهو ڳوٺ سنابو واسي پورهيت غلام النبي کهڙو پاڪ ڪتاب کڻي نياٽيون ساڻ ڪري احتجاج ۽ مظاهرو ڪندي دانهون ڪندي چيو آهي ته برادريءَ جي بااثر وڏيرو ظهير کهڙو منهنجي گهر ۾ گهڙي هٿيارن جي زور تي يرغمال بڻائي 2 مينهون ڪٽي ويو آهي،سنڌس چوڻ هيو ته واپاري کين پيسا نه ڏئي ان جي بدلي موسان ناانصافي ۽ وڏوظلم ڪيو ويو آهي واپاري ساڻ منهنجو ڪو به تعلق نه آهي چون ٿا ته مينهون ان واپاري جون آهن پر پاڪ ڪتاب جو قسم کڻي چوان ٿو ته مينهون منهنجيون پنهنجيون آهن موسان ظلم ڪيو ويو آهي هن ايس ايس پي خيرپور ڊي آءِ جي سکر ۽ ٻين وس وارن کان مطالبو ڪيو ته مون کي مينهون واپس ڪرائي انصاف ڪيو وڃي.

راضيديرو پورهيت پاران پاڪ ڪتاب کڻي احتجاج ڪيو پيو وڃي

پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ ٻاڙائي، 100 انڊيڪس شروعاتي سرگرمين دوران 397 پوائنٽس جي گهٽتائي

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ سومر ڏينهن ٻاڙائي جو رجحان رهيو ۽ ڪي ايس اي 100 انڊيڪس 397.33 پوائنٽس جي لاٿ سان هڪ لک 61 هزار 977.84 پوائنٽس تي اچي ويو شروعاتي سيشن دوران مجموعي طورتي 122.64 ملين شيئرز جو ڪاروبار ٿيو جنهن جي ماليت 4.32 ارب رپيا رهي جڏهن ته فيوچر ٽريڊنگ تحت 2.88 ارب روپين جو سودو طئي ٿيو ڪاروباري سرگرمين دوران پرويز احمد ڪنسلٽنگ سروسز لميٽيڊ جي 12.16 ملين ايل ايس اي فنانشل سروسز لميٽيڊ جي 8.62 ملين ۽ لوٽي ڪيميڪلز پاڪستان لميٽيڊ جي 7.80 ملين شيئر جي ڏي وٺ ٿي

ميرپورخاص پوليس اهلڪار پاران حراسان ڪرڻ خلاف عورت احتجاج ڪري رهي آهي

ننگر پارڪر جي ڳوٺ ڏيڏراٽي واسڻ جو ميرپورخاص ۾ احتجاج

پوليس اهلڪار موهن دوستي رکڻ لاءِ جنسي حراسان ڪري رهيو آهي: ريشمان

موهن ۽ سنڌس ساٿي شراب جي نشي ۾ ڌت ٿي تنگ ڪندا آهن، تحفظ ڏنو

ميرپورخاص(بيورو رپورٽ) پوليس اهلڪار ۽ سنڌس ساٿي شراب جي نشي ۾ ڌت ٿي تنگ ڪندا آهن پوليس اهلڪار موهن دوستي رکڻ لاءِ جنسي حراسان ڪري رهيو آهي اهڙو اظهار ننگر پارڪر جي ڳوٺ ڏيڏراٽي واسڻ عورت ريشمان ڪولهڻ ميرپورخاص پهچي صحافين اڳيان دانهيندي ڪيو ريشمان ڪولهڻ وڌيڪ چيو ته موهن ۽ رميش پوليس اهلڪار جيڪي ناگجي ڪيمون ڪلچي ۽ جيئلو ڪولهي وارن جي گهر ايندا آهن جتي منهنجو به گهر آهي گهر جي ٻاهران ويهي شراب پيئن ٿا جڏهن ڪجهه ڏينهن پهريان آڌيگام پوليس پوسٽ تي مقرر پوليس اهلڪار موهن رات جو گهر اندر گهڙي آيو جنهن پاران دوستي رکڻ سميت جنسي طور حراسان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن تي مون رڙيون ڪيون رڙين تي منهنجو سهرو ۽ ڏير ڀڄندا جن کي ڏسي پوليس اهلڪار فرار ٿي ويو جنهن بعد سهرو ۽ ڏير اهڙي شڪايت ڪئي ٿاڻي تي ويا جتي پوليس اهلڪارن ڪيس داخل ڪرڻ بدران منهنجي سهري ۽ ڏير کي لاڪپ ڪري ڇڏيو جن کي شام جو ڇڏيو ويو ۽ ڌمڪي ڏني ڪنهن به پوليس اهلڪار خلاف شڪايت ڪئي ته سٺو نه ٿيندو عورت چيو ڄاڻايل ماڻهن مان زندگين کي خطرو آهي متاثر عورت واسطيدار اختيارين کان پر زور مطالبو ڪندي چيو ته ڄاڻايل ماڻهن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي

سنڌ زرعي يونيورسٽيءَ جا ٻئي سيمسٽر جا امتحان 5 نومبر کان شروع ٿيندا

حيدرآباد (اي پي پي) سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام تعليمي سال 2026ع جي ٻئي سيمسٽر جي باقاعده امتحانن جو شيڊيول جاري ڪري ڇڏيو آهي جنهن موجب امتحان 5 نومبر کان شروع ٿيندا، امتحانن واري ڪنٽرولر پاران جاري ڪيل پڌرائيءَ موجب امتحان ۾ يونيورسٽيءَ جي مک ڪيمپس ٽنڊوڄام سميت ان جي لاڳاپيل تعليمي ادارن شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ايگريڪلچرل ڪاليج ڏوڪري. خيرپور ڪاليج آف ايگريڪلچر اينڊ مئنيجمينٽ سائنسز ۽ سنڌ زرعي يونيورسٽيءَ جي سب ڪيمپس عمرڪوٽ جي سڀني ڪلاسن جا انڊرگريجوئيٽ شاگرد حصو وٺندا، پڌرائيءَ ۾ شاگردن کي هدايت ڪئي وئي آهي ته اهي پنهنجا امتحاني فارم عام فيس سان 30 آڪٽوبر تائين جمع ڪرائين جڏهن ته 2 کان 4 نومبر تائين فارم ليٽ فيس سان جمع ڪرائي سگهبا.

لڪي غلام شاهه ۾ ٽائون انتظاميه نااهلي جي انتها ڪري ڇڏي

آر او پلانٽ ۽ 3 ڊرينيج ڊسپوزل ٽائون ڪاميٽي حوالي ٿيڻ بعد تباهه

ناڪاره بڻيل واٽر سپلائي آر او پلانٽ کي فعال بڻائي عوام کي سهولتون فراهم ڪيون وڃن: شهري

لڪي غلام شاهه (ن ع) لڪي غلام شاهه ۾ پبلڪ هيلٿ کاتي پاران 2021ع ۾ صاف پاڻي جي فراهمي لاءِ قائم ڪيل واٽر سپلائي آر او پلانٽ ۽ 3 ڊرينيج ڊسپوزل ٽائون ڪاميٽي لڪي غلام شاهه جي حوالي ڪيا ويا هئا، جيڪي هن وقت ڊرينيج ڊسپوزل ٽٽي هلڻ ٻيا. پلانٽ ۽ ڊسپوزل ۾ پيل لکين رپين جي قيمتي لوهه ۽ مشينري جي حفاظت نه ٿيڻ سبب مبينا طور چوري جا واقعا روز جو معمول بڻجي ويا هئا. معاملي جو نوٽيس وٺندي ٽائون آفيسر راجا سعيد اڪبر مهر ٽائون ڪاميٽي جي عملي کي هدايتون جاري ڪيون جنهن بعد عملي سمورو قيمتي لوهه ۽ مشينري پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏي شهرين پاران مطالبو ڪيو پيو وڃي ته ناڪاره بڻيل واٽر سپلائي آر او پلانٽ کي فعال بڻائي عوام کي سهولتون فراهم ڪيون وڃن ۽ قيمتي سرڪاري سامان جي حفاظت لاءِ اثرائتا قدم کنيا وڃن

TOWN COMMITTEE LAKHI
لڪي غلام شاهه آر او پلانٽ ۽ 3 ڊرينيج ڊسپوزل ٽائون ڪاميٽي حوالي ٿيڻ بعد تباهه ٿيل نظر اچي رهيا آهن

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم – سعودي عرب ۾ 2 ريال
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

آڱارو 27 آڪٽوبر 2026ع

ڪروم بڪس جي ورڇ ۽ تعليمي تبديليءَ جون گهرجون

وزيراعظم شهباز شريف پاران ملڪ جي سرڪاري اسڪولن ۽ مدرسن جي پنج لک هوشيار شاگردن ۽ شاگردياڻين کي ٻن سالن اندر ڪروم بڪس ۽ انٽرنيٽ فراهم ڪرڻ واري پروگرام جي شروعات هڪ ساراهه جوڳو قدم آهي. اڄ جڏهن علم، تحقيق ۽ روزگار جا موقعا تيزيءَ سان ڊجيٽل ذريعن سان ڳنڍجي رهيا آهن، تڏهن محدود وسيلن وارن ٻارن تائين جديد ٽيڪنالاجي پهچائڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. البت هن منصوبي جي حقيقي ڪاميابيءَ جو فيصلو ورهايل اوزارن جي تعداد بدران انهن جي تعليمي استعمال، شاگردن جي سکيا ۽ موقعن تائين برابريءَ واري رسائيءَ مان ٿيندو. وزيراعظم جو اهو چوڻ اصولي طور درست آهي ته قابليت کي غربت يا امارت ۾ قيد نه ٿيڻ گهرجي. اسان جي سماج ۾ ڪيترائي ذهين ٻار رڳو مالي ڪمزوريءَ سبب پنهنجي صلاحيتن کي اڳتي وڌائڻ کان محروم رهجي وڃن ٿا. ڪنهن ٻار وٽ ذاتي ڪمپيوٽر، انٽرنيٽ ۽ سکيا لاءِ سازگار ماحول موجود آهي، جڏهن ته ٻيو ٻار ڪتابن ۽ بنيادي تعليمي سهولتن لاءِ پريشان رهي ٿو. اهڙي اڻبرابريءَ ۾ مستحق شاگردن کي ڊجيٽل وسيلا ڏيڻ سندن اڳتي وڌڻ جا امڪان وڌائي سگهي ٿو، بشرطيڪ چونڊ جو عمل انصاف ڀريو هجي. انهيءَ ڪري ڪروم بڪس جي ورڇ لاءِ شفاف ۽ واضح معيار مقرر ڪرڻ لازمي آهي. ميرٽ کي رڳو امتحاني مارڪن تائين محدود رکڻ سان انهن ٻارن سان ناانصافي ٿي سگهي ٿي، جيڪي ڪمزور تعليمي ماحول باوجود محنت ڪن ٿا. چونڊ دوران قابليت سان گڏ معاشي حالت، علائقائي محرومي، معذوري ۽ سهولتن جي کوٽ کي به مناسب اهميت ڏيڻ گهرجي. سمورن صوبن، ڏورانهن ضلعن ۽ ڳوٺاڻن علائقن جي حصيداري يقيني بڻائڻي پوندي. مستحق شاگردن جي چونڊ، شڪايتن جي ٻڌڻي ۽ ورڇ جي نگرانيءَ جو اهڙو نظام هجي، جنهن تي عوام اعتماد ڪري سگهي.

هن پروگرام ۾ سرڪاري اسڪولن سان گڏ مدرسن جي شاگردن کي شامل ڪرڻ پڻ اهم آهي. جديد علم ۽ ٽيڪنالاجيءَ تائين رسائي هر تعليمي پسمنظر سان تعلق رکندڙ ٻار جو حق آهي. مدرسن جي شاگردن لاءِ ڪمپيوٽر جي بنيادي ڄاڻ، ٻولين، رياضي ۽ تحقيق جي طريقن بابت تربيت جا موقعا فراهم ڪيا وڃن ته اهي پنهنجي تعليم سان گڏ نيون مهارتون به حاصل ڪري سگهن ٿا. ساڳئي وقت شاگردياڻين جي شموليت تي خاص ڌيان ڏيڻ گهرجي، جيئن سماجي پابندين يا گهريلو وسيلن جي کوٽ سبب ڇوڪريون هن سهولت کان محروم نه رهن. ڪروم بڪ سان گڏ انٽرنيٽ فراهم ڪرڻ جو اعلان منصوبي جو هڪ ضروري پاسو آهي پر ان جي مدت، رفتار ۽ خرچ بابت به وضاحت گهرجي. جيڪڏهن شروعاتي عرصي کان پوءِ انٽرنيٽ جو خرچ خاندانن تي اچي ٿو ته ڪيترن غريب گهرن لاءِ ان کي جاري رکڻ ڏکيو ٿيندو. ڏورانهن علائقن ۾ ڪمزور نيٽ ورڪ ۽ بجليءَ جي اڻهوند پڻ استعمال ۾ رڪاوٽ بڻجي سگهن ٿا. تنهنڪري تعليمي ادارن ۾ چارجنگ، گڏيل انٽرنيٽ ۽ فني مدد جون سهولتون فراهم ڪرڻ سان گڏ انٽرنيٽ کان سواءِ هلندڙ تعليمي مواد جي دستيابي به يقيني بڻائڻ گهرجي. استادن جي تربيت کان سواءِ ڊجيٽل تعليم جو مقصد پورو ٿيڻ مشڪل آهي. جيڪڏهن استاد جديد اوزارن وسيلي سبق سمجهائڻ، مشقون تيار ڪرڻ ۽ شاگردن جي سکيا پرکڻ جا طريقا نه ڄاڻندا ته ڪروم بڪس جو استعمال محدود رهندو. حڪومت کي اوزارن جي ورڇ سان گڏ استادن لاءِ عملي تربيتي پروگرام شروع ڪرڻ گهرجن. اسڪولن ۾ اهڙو تدريسي ماحول جوڙيو وڃي، جتي شاگرد تيار جواب نقل ڪرڻ بدران سوال پڇڻ، معلومات جاچڻ، دليل ڏيڻ ۽ تخليقي ڪم ڪرڻ سکن. ٽيڪنالاجيءَ کي علم حاصل ڪرڻ ۽ سوچڻ جي صلاحيت وڌائڻ جو ذريعو بڻائڻ گهرجي. پنج لک ڪروم بڪس جي ورڇ کي پائيدار تعليمي اڳڀرائيءَ ۾ بدلائڻ لاءِ باقاعده جائزو، مرمت، فني سهڪار ۽ عوام آڏو جوابدهي ضروري آهي. حڪومت ٻڌائي ته ڪيترا مستحق ٻار فائدو وٺن ٿا ۽ سندن سکيا ۾ ڪهڙو سڌارو اچي ٿو. شفاف ورڇ، تربيت يافته استاد ۽ معياري مواد گڏ هوندا ته هي قدم نوجوانن لاءِ نوان در کولي سگهندو.

علم جا ڏيئا ٻاريندڙ استاد مولا بخش ناريجو جي شخصيت!

رميش راجا

ڪي ماڻهو وقت جي وهڪري ۾ گم ٿي ويندا آهن پر ڪي اهڙا به هوندا آهن جيڪي پنهنجي پويان علم، محبت ۽ انسانيت جي اهڙي روشني ڇڏي ويندا آهن جنهن کي وقت جون هوائون به وسائي ناهن سگهنديون. استاد مولا بخش ناريجو به اسان ڳمبٽ وارن جي زندگين جو نه وسامندڙ ۽ نه وسرندڙ شاندار ستارو هو. زندگيءَ جي هن وسيع ڪائنات ۾ ڪي انسان اهڙا به جنم وٺندا آهن جن جي عظمت جو اندازو سندن عهدن، دولت، شهرت يا دنياوي ڪاميابين مان نه پر انهن دلين مان لڳائي سگهجي ٿو، جن ۾ هو محبت جا گل پوکي ويندا آهن. فارسي ادب جي عظيم شاعر ۽ مفڪر سعدي شيرازي پنهنجي شاهڪار گلستان ۾ انساني عظمت کي دولت، طاقت ۽ مرتبي بدران دانائي، اخلاق ۽ انسان دوستيءَ سان وابسته ڪري ٿو. استاد مولا بخش جي زندگي انهيءَ فڪر جو هڪ جيئرو جاڳندو مثال هئي. هن انسانيت جا وڏا نعرا نه هنيا، نه ئي پنهنجي نيڪين جي نمائش ڪئي پر پنهنجي روزمره جي زندگيءَ، شاگردن سان محبت، غريبن جي همدردي ۽ علم جي ورڇ وسيلي انهن قدرن کي عملي صورت ڏني. اڄ 26 آڪٽوبر تي سندس وڇوڙي کي 10 سال پورا ٿي رهيا آهن. هو 26 آڪٽوبر 2016ع تي هن فاني جهان مان موڪلائي ويو هو پر ڏهن سالن جي عرصو سندس شاگردن ۽ چاهيندڙن جي دلين مان سندس محبت، عزت ۽ احترام کي گهٽائي ناهي سگهيو.

استاد مولا بخش ناريجو 9 ڊسمبر 1938ع تي ڳوٺ حاجي محمد عثمان ناريجو، راضيديرو ۾ هڪ پورهيت گهراڻي ۾ جنم ورتو. سندس والد حاجي محمد عثمان ناريجو هڪ محنتي هاري هو. جنهن پنهنجي پگهر جي پورهئي سان پٽ لاءِ علم جا دروازا کوليا. استاد پنهنجي ابتدائي تعليم دائود کهڙو اسڪول مان شروع ڪئي، پوءِ جادي شهر ۾ استاد سلطان احمد کهڙي وٽ پڙهيو. اڳتي هلي گورنمينٽ مراد هاءِ اسڪول مان انگريزي تعليم حاصل ڪيائين ۽ گورنمينٽ ممتاز ڪاليج خيرپور مان يارهين ٻارهين جماعت ۽ بي اي تائين تعليم جو سفر جاري رکيائين. 1960ع ۾ هن گورنمينٽ هاءِ اسڪول رک مان پنهنجي تدريسي زندگيءَ جي شروعات ڪئي. ان کان پوءِ اڳڙا، ريڙي ۽ ڳمبٽ جي هاءِ اسڪولن ۾ علم جا ڏيئا ٻاريندو رهيو. انگريزي ۽ رياضيءَ تي کيس غيرمعمولي عبور حاصل هو. هو انهن مضمونن کي اهڙي مهارت، سادگي ۽ دل سان پڙهائيندو هو جو ڏکيا سوال به شاگردن لاءِ سمجهه جا نوان دروازا کولي ڇڏيندا هئا. مون ناريجو صاحب کي هميشه ڳوٺن جي غريب، محنتي ۽ ذهين شاگردن جو همدرد ڏٺو. هو انهن استادن مان هڪ هو، جيڪي شاگرد جي پوشاڪ، گهراڻي يا معاشي حيثيت بدران سندس اکين ۾ ٻرندڙ علم جي اُڃ کي ڏسندا آهن. هو پراڻن ڪپڙن ۾ لڪل ذهانت کي سڃاڻندو هو. خاموش اکين ۾ پلجندڙ خواب پڙهي سگهندو هو ۽ غربت جي پردي پٺيان لڪل صلاحيتن کي روشنيءَ ۾ آڻڻ ڄاڻندو هو. هن لاءِ غربت ڪڏهن به گهٽ قابليت جي نشاني نه هئي. سندس ڪلاس ۾ هڪ غريب هاريءَ جو پٽ به اوترائي وڏا خواب ڏسي سگهندو هو، جيترا ڪنهن شاهوڪار جو پٽ ڏسي سگهي ٿو. اڄوڪي موقعي تي انگريزيءَ جي عظيم شاعر وليم ورڊسورٿ جي نظم (The Tables Turned) روايتي سوچ جو پاسو بدلائڻ جون هيءَ سٽون ياد اچي رهيون آهن:

"Come forth into the light of things,
Let Nature be your teacher."

(ترجمو: شين جي حقيقتن جي روشنيءَ ڏانهن وڌي اچو ۽ فطرت کي پنهنجو استاد بڻايو)

انهن سٽن ۾ تعليم جو جيڪو وسيع تصور سمايل آهي، انهيءَ جو عڪس استاد جي تدريسي شخصيت ۾ به نظر ايندو هو. هن لاءِ تعليم رڳو ڪتابن جا سبق ياد ڪرڻ يا امتحان ۾ نمبر کڻڻ جو نالو نه هئي پر ذهن جون دريون کولڻ، سوچ کي وسعت ڏيڻ ۽ انسان کي پنهنجي اندر لڪل صلاحيتن کان واقف ڪرائڻ جو ذريعو هئي. رابندرناٿ ٽئگور پنهنجي مشهور شعري مجموعي گيتانجلي ۾ هڪ اهڙي دنيا جو خواب ڏٺو هو:

"Where the mind is without fear and the head is held high."

استاد جي تعليم جو روح به انهيءَ تصور سان گهري هڪجهڙائي رکندڙ هو. هو چاهيندو هو ته نوجوان بي خوف ٿي سوچين، پنهنجي قابليت تي ويساهه رکن ۽ زندگيءَ ۾ عزت نفس سان اڳتي وڌن. سندس ويجهن سائين ۽ همعصرن ۾ استاد محڪم الدين پنهور، حاجي الهورايو جوڻيجو، شرف علي شاهه، محمد قاسم گلال ۽ سلطان علي ميمڻ جهڙا ناميارا استاد شامل هئا. حاجي الهورايو جوڻيجو سندس استاد پڻ رهيو هو. اهي ان نسل جا معلم هئا، جن لاءِ استاد ٿيڻ رڳو سرڪاري نوڪري نه پر علمي، اخلاقي ۽ سماجي ذميواري هئي. استاد مولا بخش جي انسان دوستي اسڪول جي چوديواريءَ تائين محدود نه هئي. هو عام ماڻهن، خاص ڪري غريب، محروم ۽ پيڙهيل طبقن سان وڏي محبت رکندو هو. سندس طبيعت ۾ سادگي، شرافت، عاجزي ۽ ٻين جي عزت ڪرڻ جا گڻ نمايان هئا. هو ڪنهن جي دل آزاري ڪرڻ بدران محبت ۽ نرميءَ سان پيش اچڻ کي ترجيح ڏيندو هو. سندس چار پٽ ۽ چار نياڻيون پنهنجي پيءُ کي هڪ محبت ڪندڙ انسان طور ياد ڪن ٿا. جڏهن ته سندس شاگرد کيس علم، شفقت ۽ رهنمائيءَ جي سرچشمي طور ياد ڪري رهيا آهن. پر سماج لاءِ سندس زندگيءَ جو پيغام ان کان به گهڻو وڏو آهي. استاد پنهنجي نالي جا وڏا محل نه اڏايا، شهرت جي خواهش رکي ۽ نه ئي دنياوي عظمت جي ڊوڙ ۾ شامل ٿيو. سندس اصل يادگار اهي شاگرد آهن، جن جي ذهن کي هن روشن ڪيو، دلين ۾ اعتماد پيدا ڪيو ۽ زندگين ۾ علم جو ٻج ڇٽيو. اڄ سندس وڇوڙي کي 10 سال گذري چڪا آهن پر منهنجي يادگيرين ۾ هو اڄ به رڳو انگريزي ۽ رياضيءَ جو ماهر استاد نه پر هڪ اهڙو انسان آهي، جنهن پنهنجي محبت ۽ شفقت سان تعليم کي انسانيت جو روپ ڏنو. هن اسان کي سيکاريو ته ذهانت جتي به هجي، ان جي همت افزائي ٿيڻ گهرجي، غربت ڪنهن به انسان جي خوابن کي دفن ڪرڻ جو جواز نٿي بڻجي سگهي ۽ تعليم جي سڀ کان وڏي حاصلات رڳو ڪاميابي نه پر هڪ باڪردار، باوقار ۽ انسان دوست شخصيت جي تعمير آهي. اڄ جڏهن سندس ياد ۾ دل عقيدت سان ڀرجي آئي آهي، تڏهن ائين محسوس ٿئي ٿو ته ڪنهن پراڻي اسڪول جي خاموش ورانڊي مان اڃا به سندس آواز گونجي رهيو آهي، بلڪ جڻ بليڪ بورڊ تي لکيل اکر اڃا مٽيا نه هجن. استاد مولا بخش ناريجو کي عقيدت، محبت ۽ احترام سان ڀيٽا پيش ڪجي ٿي.

'اين ايوننگ اِن پيرس'

مير اعظم علي ٽالپر

پاڪستان ۾ جڏهن به چونڊون ٿينديون آهن ته خاص ڪري سنڌ ۾ چونڊن جي ورڪ ڪرڻ دوران مختلف پارٽين جا بيٺل اميدوار پنهنجن جلسن ۽ جلوسن ۾ وڏين وڏين تقريرن ۾ پنهنجن شهرن کي 'پيرس بڻائيندا سين' جو چوندا آهن پر اليڪشن کٽڻ کانپوءِ پنهنجي تڪ کي پيرس بڻائڻ جون سندن سڀ دعوائون رڳو ڏٺا ثابت ٿينديون آهن ۽ عوام جا خواب اڌورا رهجي ويندا آهن جو ته سندن سڄو ڌيان ڪرپشن ۾ لڳي ويندو آهي پر هن وقت اتفاق سان اردو چوڻي موجب خود پيرس 'الٽي گنگا بهتي' وانگر سنڌ جو ڪو شهر بڻجي ويو آهي. پيرس، پيرس ته رهيو آهي پيرس جهڙو شهر، جنهن ۾ فرانس جي گادي آهي ۽ دنيا جو مشهور مينار 'الفا ٽاور' آهي. جنهن کي فرانسيسي ٻوليءَ ۾ ايفل ٽاور چوندا آهن ۽ هن کي هر سال گهٽ ۾ گهٽ 70 لک سياح دنيا جي جدا جدا ملڪن مان ڏسڻ ايندا آهن. هيءَ 1889ع دوران فرانسيسي 100 سالا جشنِ انقلاب فرانس وقت مشهور انجنيئر گوستاو ايفل ڊيزائن ڪيو هو. ان ڪري هن ٽاور کي ان جي نالي سان منسوب ڪندي ايفل ٽاور نالو ڏنو ويو. هن جي تعمير ۾ 2 سال 2 مهينا 5 ڏينهن لڳا هئا. ايفل ٽاور اڄ ۽ وچ جو گيٽ (در) به چيو ويندو آهي ۽ خاص ڪري يورپي يوٽيبن جي حوالي سان هن ايفل ٽاور تي پهچڻ وارن ۾ سنڌ جو خوش قسمت ۽ راقم جو عزيز برادر مير اقبال ٽالپر به هڪ آهي جيڪو فرانس جو دورو ڪندي به دفعا ايفل ٽاور تائين ويو آهي مير اقبال ٽالپر پهريون 2018ع ۾ فرانس جو دورو ڪندي پيرس ۾ ايفل ٽاور گهمڻ ويو هو. جڏهن ته ٻيو ڀيرو مير اقبال ٽالپر فرانس جي گاديءَ واري شهر پيرس 2023ع ۾ گهمڻ ويو هو ۽ الفا ٽاور جو به سير ڪيو هو. بقول مير اقبال ٽالپر، هتي ايفل ٽاور لاڙ ته ناممڪن آهي پر سنڌ جو ڪو به شهر پيرس جهڙو بڻائڻ به ڪنهن جي وس جي ڳالهه ناهي جو ته پيرس، پيرس آهي! بهرحال اڄڪلهه ان پيرس کي جلال چانڊيو جي ڪلام 'ڪنهن ته نياڳي نظر ماري' وانگر خبر ناهي ته دنيا جي هن سهڻي ۽ خوبصورت شهر کي ڪنهن جي نظر لڳي وئي آهي جو ته هن وقت فرانس جي ڪُنڊ ڪڙڇ ۾ احتجاج ۽ مظاهرا ٿي رهيا آهن. هيءَ احتجاج واري تحريڪ شاگردن پاران اسڪولن ۾ سهولت نه هئڻ ۽ استادن جي کوٽ کان شروع ٿي هئي پر هاڻ ته هنن مظاهرن ۾ لکين ماڻهو شريڪ آهن.

اسڪول ۾ هڪ، هڪ استاد واري، وارين سان ڪلاس ۾ پڙهائي ٿو ۽ شاگرد سج لٿي گهر اچن ٿا. اسڪول جون بلڊنگون تباهه حال آهن. تازو يورپ جي سخت گرميءَ فرانس جي هنن اسڪولي شاگردن کي سخت متاثر ڪيو هو ۽ هاڻي سردي به متاثر ڪندي. ان ڪري فرانس ۾ سرڪاري اسڪولن جو ڪو حال ڪونهي ۽ حالت اها آهي ته ڪلاسن ۾ ڪوئا به ڊوڙن پيا. جڏهن ته پرائيويٽ اسڪولن ۾ هر ڪو پڙهائي نٿو، ان ڪري سرڪار کي سرڪاري اسڪولن ۾ سڌارو آڻڻ گهرجي جنهن جي خاطر هي مظاهرا ڪيا پيا وڃن جو ته فرانس ۾ 2009ع وارو تعليمي نظام هلندڙ آهي جيڪو هن وقت لاءِ ناڪافي آهي. موجوده حالت ۾ اسڪولن ۾ 15000 ماسترن جون جايون خالي آهن. هيءَ اسڪولي شاگردن کي شروع ٿيل مظاهرا ملڪ گير احتجاج ۾ تبديل ٿي چُڪا آهن. فرانس ۾ 143 سال پراڻي تاريخي سٽي هال کي باهه ڏئي تباهه ڪيو ويو. جڏهن ته پيرس سميت مارسيل، ليون ۽ ليمون ۾ به دڪانن کي نقصان پهچايو ويو. بقول شاگرد ليڊرن جي ته سرڪاري ادارا ڪنٽريڪٽ بڻجي چُڪا آهن. حڪومت وٽ ادارا هلائڻ لاءِ مناسب رقم نه آهي. فرانس جي شهرن ۾ جتي مظاهرا ٿي رهيا آهن. انهن شهرن ۾ وڏي اڪثريت ٻين ملڪن مان اچي فرانس ۾ آباد ٿيڻ وارن جي آهي. جنهن ۾ الجزائر ۽ تيونس جا باشندا آهن جيڪي مسلمان آهن. هي مظاهرا 18 سيپٽمبر کان شروع ٿيا آهن. انهن مظاهرن کي ڏسندي آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ پنهنجي هڪ بيان ۾ دعويٰ ڪئي آهي ته مستقبل ۾ پيرس هڪ مسلم شهر بڻجي ويندو. سندس ان بيان تي فرانس جي صدر ايمانوئل ميڪرون سخت ردعمل ڏيندي ان کي بڪواس قرار ڏنو آهي. ميڪرون جو چوڻ آهي ته ڳجهن ادارن جي ناڪامي ۽ بروقت اطلاع نه ملڻ سبب حالتون وڌيڪ خراب ٿي ويون. تنهن هوندي به هن فرانس جي وزير اطلاعات نوئير جي استعيفيٰ منظور نه ڪئي آهي. ٻئي طرف صدارتي محل ايلزي (Elysée) مان جاري ڪيل سرڪاري پڌرائيءَ ۾ چاڻايو ويو آهي ته مظاهرين ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن وچ ۾ ڇڪرين سبب وڏو نقصان ٿيو آهي. جڏهن ته احتجاج ڪندڙ هزارين ماڻهن کي گرفتار پڻ ڪيو ويو آهي. ان جي باوجود به 5 لک مظاهرين روڊن تي احتجاج ۾ شريڪ آهن جيڪي ڦرلٽ ۽ ڀڃ ڊاهه ۾ مصروف آهن. اهڙي ڀڃ ڊاهه کي احتجاج ڇئو چئي سگهجي؟ مظاهرن جي حلتن کي ڏسندي فرانسيسي حڪومت شهرن ۾ ڪرفيو به لڳائي ڇڏيو آهي. ٻئي طرف فرانس جو صدر ايمانوئل ميڪرون اوچتو تار وارن ملڪن جي دوري تي قطر پهتو ۽ ان کانپوءِ سعودي عرب پهچي رياض ۾ ولي عهد محمد بن سلمان سان ملاقات ڪئي. هن دوري جو مقصد فرانس طرفان حوثين جي حملن خلاف سعودي عرب جي حمايت ڪرڻ چيو وڃي ٿو حالانڪ اِهو به ممڪن آهي ته فرانس ۾ مسلم ڪميونٽي مظاهرا نه ڪري، اِهو به ٿي سگهي ٿو.

فرانس جون سرحدون کليل هئڻ سبب ڪيترائي پاڙيسري ملڪن جا ڌاريا فرانس ۾ آباد ٿيا آهن. خاص ڪري تيونس ۽ الجزائر کي برطانوي نوآباديءَ مان فرانس آزاد ڪرايو هو. انهن ملڪن جا رهواسي آهن ۽ آهي بدامني جو باعث بڻجي رهيا آهن. فرانس ۾ مظاهرن ڪانسواءِ هڪ نئين مصيبت جانورن مان شيموندا وائرس پيدا ٿيڻ سبب انساني زندگيءَ کي خطرو لاحق ٿي ويو آهي. فرانس ۾ بدامنيءَ ڪانسواءِ يورپ جي ٻين ملڪن بيلجيم، پرتگال، اٽلي، اسپين ۽ البانيه ۾ هڪ پاسي مهانگائي ته ٻئي طرف بيروزگاري سبب احتجاج شروع ٿي ويو آهي. فرانس جي وزيراعظم سيباسيتن ليڪورنو پڻ ملڪ گير احتجاج تي پريشان آهي ته جرمنيءَ ۾ به مظاهرن لاءِ عوام تياري ڪري رهيو آهي. اڄڪلهه پاڪستان جو صدر آصف علي زرداري جرمنيءَ جي دوري تي ويل آهي. ان کان اڳ 23 سال پهرين جنرل پرويز مشرف 30 جون کان 2 جولاءِ 2003ع ۾ جرمنيءَ جو دورو ڪيو هو. پاڪستان جي حوالي سان هڪ ڳالهه مشهور آهي ته 50 ۽ 60 وارن سالن ۾ پاڪستاني سرڪار جرمني حڪومت کي قرض ڏنو هو. ان ۾ ڪيتري سچائي ۽ حقيقت آهي. انهيءَ جي خبر نه آهي البت ان زماني ۾ جرمني ٻن حصن ۾ هڪ مغربي جرمني (ميونخ وارو) ٻيو مشرقي جرمني (برلن وارو) پنهنجي جي وچ ۾ مشهور ڀت (ديوار برلن) اڏيل هئي جيڪا 1961ع ۾ ڊاهي ڏني وئي ۽ آخرڪار اُها (ڍوڪي جي ديوار جيان) 9 نومبر 1989ع ۾ عوام ڊاهي ان کي پٽ ڪيو ۽ ائين اوڀر ۽ اولهه جرمني هڪ ملڪ بڻجي ويا. فرانس ۾ مسلم ڪميونٽيءَ تي مخالف اڳواڻ مارين لي پين چئي ٿي ته 'مسلمان هتي خاص مقصد لاءِ آباد ٿيا آهن ۽ ڏڏا ڏڙ شاديون ڪري ٻار ڄڻن ٿا ۽ خانداني منصوبابنديءَ تي عمل نٿا ڪن. ان ڪري فرانس ۾ مسلمانن جا ٻار پيدا ٿي رهيا آهن. جڏهن ته اصل فرينچ آبادي وارا خانداني منصوبابنديءَ تي سختيءَ سان عمل ڪن ٿا ۽ مسلمان چار چار شاديون به ڪن ٿا.' ايندڙ سال 2027ع اپريل ۾ فرانس ۾ عام چونڊون ٿينديون ۽ هن مائي مارين لي پين کي هن وقت 37 سيڪڙو ووٽرن جي حمايت حاصل آهي ۽ ان لحاظ کان هوءَ ايندڙ سال فرانس جي صدر ٿي وڃي ته مسلم ڪميونٽيءَ کي تڪليفون ڏيندي. فرانس جيتوڻيڪ هڪ يورپي ملڪ آهي پوءِ به هو يورپ جي نيٽو معاهدي کان ٻاهر آهي ۽ هو نيٽو تنظيم جو ميمبر نه آهي ڏٺو وڃي ته فرانس ۾ هي ڪو پهريون دفعو احتجاجي مظاهرا ٿيندا هجن. هن کان 58 سال اڳ 1968ع دوران به فرانس ۾ صدر ڊڪٽيٽر چارلس ڊيگال جي وقت ۾ به مظاهرا ٿيا هئا. ان وقت شاگرد يونين پاران داخلائن کان وٺي سماجي تبديلين جا به مطالبا هئا. پر هن وقت اهڙو مسئلو نه آهي. ان جي باوجود پيرس ۾ مظاهرا ٿي رهيا آهن ته فرانسيسي صدر هڪ ميوزيڪل پروگرام ۾ لطف اندوز ٿي رهيو آهي جيئن روم سڙي رهيو هو ته نيرو بانسري پئي وڄائي. هيءَ 1968ع جي ڳالهه آهي جڏهن پاڪستان ۾ صدر ايوب خان جي ڪامياب حڪومت جا شاندار ڏهن سالن واري جشن ڪانپوءِ ملڪ ۾ نعرو لڳو هو 'انقلاب يا انتخاب' جيڪو نعرو پوءِ صدر ايوب هٽايو هٽائي کان به اڳتي وڌي ويو ته صدر ايوب خان پاڻ ڪرسي ڇڏي ۽ پنهنجي پٺي ڀائي يحيٰ خان کي ڪرسيءَ تي ويهاري ويو. جيئن چيو ويندو آهي 'صابو هار لاٿا، ڏني هار پاتا' البت انقلاب ته يحيٰ خان جي ڪرايل چونڊن بعد خود به خود ملڪ ٽٽڻ جي شڪل ۾ اچي ويو هو. انهن ڏينهن ۾ فرانس جي اندر ٻي مهاڀاري جنگ ٿاري ۽ جرمني خلاف وڙهندڙ چارلس ڊيگال صدر هو جيڪو 22 نومبر 1890ع دوران فرانس جي شهر لل جي هڪ مذهبي گهر ۾ ڄائو هو. هيءَ 1913ع دوران فرانس جي فوج ۾ شامل ٿي پهرين مهاڀاري لڙائيءَ ۾ وڙهندڙ زخمي ٿيو هو ۽ جنگِ آزاديءَ فرانس جو هيرو ٿيو ۽ هن ٻي جنگ عظيم جرمنيءَ اڳيان هٿيار ڦٽا ڪرڻ کان انڪار ڪيو هو حالانڪ جرمني فرانس تي قبضو به ڪري ورتو هو. هن بحران سبب 1958ع ۾ استعيفيٰ ڏني پر 1959ع کان 1969ع تائين فرانس جو صدر هو پر ريفرنڊم ۾ ناڪاميءَ تي حڪومت ڇڏي ڏني هئائين جڏهن ته هن عورتن کي ووٽ جو حق ڏيارايو هو ڊيگال 9 نومبر 1970ع تي گذاري ويو ۽ پيرس جي هوائي اڏي جو نالو سندس نالي جي پٺيان منسوب ڪندي ڊيگال ايئرپورٽ رکيو ويو آهي هيءَ تحرير لکڻ دوران خبر ملي آهي ته آڪٽوبر جي آخري هفتي ۾ فرانس ۾ جاري احتجاجن کي نظر ۾ رکندي ڪيترن ئي جلسن ۽ جلوسن تي پابندي لاڳو ڪئي وئي آهي. جڏهن ته امن امان برقرار رکڻ ۽ حڪومت جي تحفظ لاءِ سخت حفاظتي انتظام ڪيا ويا آهن پيرس ۾ فائرنگ جي واقعي ۾ ماڻهن جي مارجڻ جا اطلاع پڻ سامهون آيا آهن. ٻئي طرف البانيه ۾ مظاهرين سپريم ڪورٽ کي باهه ڏئي ڇڏي ته وينزويلا ۾ چونڊن لاءِ مظاهرا ٿي رهيا آهن. هنن مظاهرن ۽ احتجاج جو عوامي ردِ عمل دنيا تي ڪهڙا اثر ڇڏيندو؟ سو ته وقت ٻڌائيندو. جڏهن ته مزدورن وري نوان مظاهرا شروع ڪري ڇڏيا آهن ۽ ٻئي طرف پيرس ۾ فٽبال راند جا مقابلا رد ڪيا ويا آهن اسپين ۾ پاڪستان وانگر پينشن جي مسئلي تي سخت احتجاج آهي پاڪستان ۽ هندستان ۾ ڪيترن ئي فلمون دنيا جي مختلف ملڪن ۽ شهرن جي نالي سان ناهيون ويون آهن ۽ ڪيترائي گانا به جدا جدا ملڪن ۽ شهرن جي نالن پٺيان مشهور آهن. هندستان ۾ 10 مارچ 1967ع ۾ شمي ڪپور ۽ شرميلا ٽيگور جي فلم 'اين ايوننگ اِن پيرس' رليز ٿي هئي ۽ ان جو ٽائيٽل سانگ به اهو ئي هو 'اين ايوننگ اِن پيرس' جيڪو فلم شروع ٿيڻ کان پهرين ٽائيٽلن ڏيکارڻ سان شروع ٿيندو آهي ۽ اهو فلم جي هيرو شمي ڪپور تي فلمايل ۽ محمد رفيع جو ڳايل گانو هلندو رهندو آهي ۽ شمي ڪپور پوري پيرس جو نظارو رات جي پسمنظر ۾ شاندار نموني ڪرائيندو رهندو آهي 'اين ايوننگ اِن پيرس' پر اهو پيرس هن وقت عطر جي خوشبوءِ ۽ رنگين راتين بدران آنسو گيس ۽ ٽائرن کي لڳل باهه ۽ دونهين ۾ ٻُڏل آهي ۽ الفا ٽاور به ان کان محفوظ نه آهي سنڌ جا ليڊر ۽ حڪمران تقريرن ۾ سنڌ جي شهرن کي پيرس بڻائڻ جو چوندا آهن. سو سنڌ جا شهر ته پيرس نه ٿي سگهيا آهن پر ابتو پيرس ئي سنڌ جي شهرن جو ڏيک ڏئي رهيو آهي ان جي باوجود به ڪنن ۾ گونجي پيو محمد رفيع جو آواز ۽ شمي ڪپور جو چهرو 'اين ايوننگ اِن پيرس'

آمريڪا، اسرائيل، برازيل ۽ سربيا ۾ چونڊون

اسد حبيب

دنيا جي سياسي تاريخ ۾ ڪي موقعا اهڙا ايندا آهن جڏهن مختلف ملڪن اندر ٿيندڙ واقعا گڏجي علمي تبديليءَ جو احساس بڻجي پوندا آهن. برازيل، سربيا، اسرائيل ۽ آمريڪا جون چونڊون به اهڙي اهميت رکن ٿيون. انهن ملڪن جي تاريخ، معاشي حالتون ۽ سياسي جوڙجڪ هڪٻئي کان مختلف آهن پر انهن جي سياسي مقابلي مان هڪ گڏيل سوال اڀري ٿو: ڇا اقتدار عوام آڏو جوابده رهندو يا طاقتور اڳواڻ رياستي ادارن کي پنهنجي مرضيءَ جي تابع بڻائيندا؟ اهو سوال رڳو حڪومتن جي تبديليءَ تائين محدود ناهي. ان جو واسطو اظهار جي آزادي، انصاف، انساني حقن ۽ ايندڙ نسلن جي سياسي مستقبل سان آهي. علمي خبرو ادارن پٽاندر برازيل ۽ سربيا جي مقابلن کي ايندڙ چونڊن طور پيش ڪيو ويو آهي. پر 26 آڪٽوبر 2026ع تائين سامهون آيل رپورٽن موجب برازيل ۾ لولا ڊا سلوا، فليويو بولسونارو کي شڪست ڏئي ٻيهر چونڊ کٽي آهي. جڏهن ته سربيا ۾ شاگردن جي اڳواڻيءَ واري سياسي لڙ جي ڪاميابي ۽ ووچچ پاران شڪست قبول ڪرڻ جون خبرون آيون آهن. اهڙيءَ طرح بحث هاڻي رڳو امڪاني نتيجن جو ناهي پر انهن تبديلين جي معنيٰ ۽ اثرن جو پڻ آهي. البت ڪنهن به چونڊ ڪاميابيءَ کي جمهوريت جي سمورن مسئلن جو آخري حل سمجهڻ درست نه ٿيندو. جمهوريت بابت سڀ کان وڏي غلط فهمي اها آهي ته ووٽ وجهڻ ۽ حڪومت ٺهڻ سان ان جون سموريون گهرجون پوريون ٿي وڃن ٿيون. حقيقت ۾ چونڊون جمهوري عمارت جو بنيادي ٿنڀ آهن پر ان عمارت کي بيهارڻ لاءِ آزاد عدالتون، غيرجانبدار انتظاميا، آزاد صحافت ۽ بااختيار پارليامينٽ پڻ ضروري آهن. جيڪڏهن چونڊيل حڪمران تنقيد کي دشمني، اختلاف کي غداري ۽ قانون کي پنهنجي رستي جي رڪاوٽ سمجهي ته چونڊن باوجود جمهوري روح ڪمزور ٿي سگهي ٿو. عوامي مينڊيٽ حڪومت هلائڻ جو اختيار ڏئي ٿو؛ اهو ڪنهن شخص کي آئين ۽ قانون کان مٿانهون نٿو بڻائي. اڄوڪي دور ۾ جمهوريت لاءِ خطرو سدائين ٽينڪن يا کليل آمريت جي صورت ۾ ظاهر نٿو ٿئي. ڪڏهن اهو چونڊيل حڪومت جي اندر ئي جنم وٺي ٿو. اڳواڻ پهرين عوامي مقبوليت حاصل ڪري ٿو، پوءِ ادارن تي پنهنجي گرفت مضبوط ڪري ٿو، مخالفن کي ڪمزور بڻائي ٿو ۽ آخرڪار پنهنجي ذات کي ملڪ جي استحڪام سان ڳنڍيندي چلي ٿو. اهڙي سياست ۾ حڪمران جي مخالفت کي رياست جي مخالفت قرار ڏيڻ آسان ٿي پوي ٿو. ان ڪري جمهوري نظام جي حفاظت لاءِ اهو ڏسڻ ضروري آهي ته اقتدار حاصل ڪرڻ کان پوءِ اڳواڻ پنهنجي اختيارن تي قانوني پابنديون قبول ڪري ٿو يا انهن کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. برازيل جو سياسي مقابلو ان حوالي سان اهم سبق ڏئي ٿو. لولا ۽ بولسونارو خاندان جي وچ ۾ مقابلو مختلف معاشي ۽ سماجي ترجيحن سان گڏ رياست جي ڪردار بابت اختلاف پڻ ظاهر ڪري ٿو. برازيل جهڙي وڏي ملڪ ۾ غربت، اڻبرابري، امن امان، روزگار ۽ سرڪاري خدمتن جا سوال ووٽرن جي زندگيءَ سان سنئون ريت ڳنڍيل آهن. اتي جمهوريت جو دفاع تڏهن وڌيڪ اثرائتو ٿي سگهي ٿو، جڏهن ان سان عام ماڻهوءَ جي معاشي تحفظ جو سوال به شامل هجي. بک، بيروزگاري ۽ عدم تحفظ ۾ ورتل شهريءَ کي رڳو آئيني اصطلاحن سان مطمئن ڪرڻ ممڪن ناهي. کيس پنهنجي زندگيءَ ۾ سڌارو پڻ گهرجي.

سربيا جي صورتحال نوجوانن جي سياسي ڪردار کي نمايان ڪري ٿي. شاگردن جي تحريڪ بابت تازي رپورٽ ٻڌائي ٿي ته اها عوامي ڪاوڙ، احتساب جي مطالبي ۽ حڪمرانيءَ تي بي اعتماديءَ مان اڀري، پوءِ چونڊ مقابلي تائين پهتي. ان مان ظاهر ٿئي ٿو ته نوجوانن جي منظم شرڪت سياسي طاقت جي پراڻن حسابن کي بدلائي سگهي ٿي. البت احتجاجي تحريڪ کي حڪمرانيءَ ۾ تبديل ڪرڻ هڪ الڳ ۽ ڏکيو مرحلو هوندو آهي. روڊن تي گڏيل نعرو هڻندڙ ماڻهن کي حڪومت ۾ بجيٽ، انتظاميا، قانونسازي ۽ مختلف مفادن وچ ۾ توازن بابت فيصلا ڪرڻا پوندا آهن. نوجوانن جي سياست جي اهميت رڳو سندن عمر ۾ ناهي پر ان سوال ۾ آهي ته هو سياسي عمل لاءِ ڪهڙا معيار کڻي اچن ٿا. جيڪڏهن نئين قيادت پڻ شخصيت پرستي، مخالفن جي تذليل ۽ بند دروازن پٺيان فيصلن جو رستو اختيار ڪري ته تبديلي اڌوري رهندي. حقيقي جمهوري توانائي تڏهن پيدا ٿيندي، جڏهن سياسي جماعتون پنهنجي اندر چونڊون ڪرائين، مالي حساب پڌرا ڪن ۽ عام ڪارڪنن کي فيصلي ۾ حصو ڏين. پراڻي حڪمران کي هٽائڻ هڪ ڪاميابي ٿي سگهي ٿي پر اقتدار جي پراڻي غيرجوابده طريقي کي بدلائڻ وڌيڪ وڏي ڪاميابي هوندي آهي. هوڏانهن اسرائيل جي چونڊ سياست بابت مهيا ڪيل مواد نيتن ياهو ۽ سندس مخالفن جي مقابلي ڏانهن ڌيان ڇڪائي ٿو. هن معاملي کي سمجهڻ لاءِ حڪومت جي تبديليءَ کان اڳتي ڏسڻ ضروري آهي. ڪنهن به ملڪ جي جمهوري معيار کي رڳو ان جي اڪثريتي آباديءَ جي سياسي آزاديءَ سان نٿو ماپي سگهجي. اقليتن، ڪمزور گروهن ۽ ان جي پاليسين کان متاثر ٿيندڙ ماڻهن جا حق پڻ اهم آهن. اسرائيل بابت بحث ۾ فلسطيني عوام جي آزادي، سلامتي، وقار ۽ سياسي حقن کي نظرانداز ڪري جمهوريت جي مڪمل تصوير پيش نٿي ڪري سگهجي. انساني حقن جو اصول چونڊيل وابستگين مطابق تبديل ٿيڻ نه گهرجي. انهيءَ ڪري نيتن ياهو جي ڪنهن مخالف ترجي ڪاميابيءَ کي پاڻمرادو انصاف يا پائيدار امن جي ضمانت سمجهڻ مناسب نه ٿيندو. اصل سوال اهو هوندو ته نئين يا پراڻي حڪومت طاقت جي استعمال، شهري تحفظ، قانوني جوابدهي ۽ سياسي حل بابت ڪهڙو رويو اختيار ڪري ٿي. جمهوري سياست جو امتحان ڏکين حالتن ۾ ٿيندو آهي. جڏهن خوف ۽ ڪاوڙ ماڻهن کي سختگير قدمن ڏانهن ڌڪيندا آهن. اهڙي مهل قيادت جي ذميواري جذبات کي وڌيڪ ڀڙڪائڻ بدران ماڻهن جي جان، قانون جي بالادستي ۽ امن جي امڪانن جي حفاظت ڪرڻ آهي.

آمريڪا جي معاملي ۾ به چونڊن جي نوعيت سمجهڻ ضروري آهي. وچ مدتي چونڊن کي صدارتي چونڊن سان هڪجهڙو سمجهڻ سان سياسي نتيجن جي غلط تصوير ٺهي سگهي ٿي. صدر جو عهدو سنئون ريت مقابلي ۾ نه هئڻ باوجود ڪانگريس جي چونڊ حڪومت جي قانونسازي، خرچن، نگراني ۽ سياسي طاقت تي اثر وجهي سگهي ٿي. ٽرمپ جي سياست بابت بحث ۾ به اصل اهميت ادارن جي آزادي، اختيارن جي ورهاست ۽ قانوني حدن جي آهي. مضبوط جمهوري نظام اهو آهي جنهن ۾ ڪنهن اڳواڻ جي مقبوليت پارليامينٽ، عدالت ۽ آزاد صحافت جي ضرورت ختم نه ڪري.

انهن چئن ملڪن جي سياسي منظرنامي ۾ معاشي بيچيني هڪ اهم تجزياتي سوال آهي. ماڻهو جڏهن محسوس ڪن ٿا ته سندن محنت باوجود زندگي مهانگي ٿيندي پئي وڃي ته روايتي سياست بابت بي اعتمادي وڌي ٿي. اهڙي ماحول ۾ ڪو اڳواڻ پيچيده مسئلن جو انتهائي سادو حل پيش ڪري مقبول ٿي سگهي ٿو. برازيل، سربيا، اسرائيل ۽ آمريڪا جي چونڊن کي علمي جمهوريت لاءِ اهم موڙ ضرور سمجهي سگهجي ٿو پر دنيا جو سڄو جمهوري مستقبل چند نتيجن سان قطعي طور طئي نه ٿيندو. جمهوريت هڪ مسلسل اجتماعي ڪوشش آهي. اها هر ڀيري مضبوط ٿئي ٿي جڏهن حڪمران قانون آڏو جواب ڏئي ٿو، عدالت دٻاءَ کان آزاد فيصلو ڪري ٿي، صحافي ثبوت سان سوال اٿاري ٿو ۽ شهري مخالف جي حق کي پنهنجي حق جيترو اهم سمجهي ٿو. انهن چونڊن جي اصل اهميت به انهيءَ ۾ هوندي ته سندن نتيجا اقتدار کي ڪيترو جوابده، ادارن کي ڪيترو آزاد ۽ انسان کي ڪيترو باوقار بڻائين ٿا.

اڄوڪو ڏينهن —— 27 آڪٽوبر

ديوان تنديرام ميراڻي

ديوان تنديرام سنڌي ۽ فارسي ٻوليءَ جو ماهر، بلند پائي جو نثرنويس ۽ سنڌيڪار هو. هن کي سنڌي ٻوليءَ ۾ سائنسي ۽ سماجي علمن جي اصطلاحن جو باني سمجهيو وڃي ٿو. سنڌ جي هن انمول هيري جو جنم 27 آڪٽوبر 1819ع تي سيوهڻ شريف ۾ ٿيو. سندس والد جو نالو ٽلومل ميراڻي هو. هن فارسي ۽ عربيءَ جي تعليم سيوهڻ جي مدرسن مان حاصل ڪئي. پير حسام الدين راشديءَ کيس انگريزي دور جو 'فارسيدان' ڪوٺيو آهي. شروع ۾ هن سيوهڻ ۾ غريب ٻارڙن جي پڙهائيءَ لاءِ هڪ خانگي اسڪول کوليو پر اهو گهڻو وقت نه هلي سگهيو. اهو اسڪول بند ڪري 1850ع ۾ ڪراچيءَ ۾ سرڪاري طور منشي مقرر ٿيو. 1853ع ۾ جڏهن انگريز سرڪار سنڌي ابجد ناهڻ لاءِ هڪ ڪاميٽي جوڙي ته ديوان تنديرام انهيءَ ڪاميٽيءَ ۾ سرگرميءَ سان ڪم ڪيو ۽ موجوده سنڌي رسم الخط ناهڻ ۾ هن جو به بنيادي ڪردار رهيو. 1853ع ۾ سرڪار تاريخ معصوميءَ کي فارسيءَ مان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرڻ جو اشتهار ڏنو. انهيءَ اشتهار ڇپجڻ کان پوءِ ڪيترن ئي عالمن ۽ ليکڪن اهو ڪتاب ترجمو ڪيو پر ديوان تنديرام جي ترجمي کي پهريون انعام مليو. ان بعد هن ٻيا به ڪتاب سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيا. اڳتي هلي ڪراچيءَ جي نارمل اسڪول ۾ استاد مقرر ٿيو. اڄ به سائنس، جاگرافي، رياضي ۽ جاميٽري وغيره پڙهائڻ لاءِ سنڌيءَ ۾ تيار ٿيندڙ سنڌي ڪتابن ۾ جيڪي اصطلاح استعمال ٿين ٿا، تن مان اڪثر ديوان تنديرام جا جوڙيل آهن. هن جيڪي ڪتاب لکيا يا ترجمو ڪيا، تن ۾ باب نامون ايسپ جون آکاڻيون، سنڌ جي تاريخ، تاريخ معصوميءَ جو ترجمو، ڇٽ جي پاڙ، سيڪاتو نرول، حسابي سکيا، جبرومقابلہ، ليکي جو ڪتاب، جغرافيه جديد ۽ ٻيا ڪتاب شامل آهن. هن 15 مئي 1875ع تي هن دنيا مان موڪلايو. مشهور محقق مختيار ملاح "سنڌي ٻولي" رسالي جي ڊسمبر 2020ع واري شماري ۾ ديوان تنديرام جي ڪاوشن تي هڪ شاندار مقالو لکيو آهي. جنهن ۾ هن جي شخصيت ۽ ادبي ڪارنامن جو وڌيڪ احوال پڙهي سگهجي ٿو.

احمد خان شيدا ابڙو

هن مشهور اديب جو جنم 27 آڪٽوبر 1900ع تي هالا نوان ۾ ٿيو. هن 1916ع ۾ ورنيڪيولر امتحان پاس ڪيو. پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات هڪ پرائمري اسڪول جي استاد طور ڪيائين. 1958ع ۾ رٽائر ٿيو. هن هڪ مضمون نگار، افسانا نگار طور ادبي ڪيريئر ۾ پير پاتو. ان بعد شاعري ڪرڻ شروع ڪيائين. شاعريءَ ۾ "شيدا" تخلص اختيار ڪيائين. شاعريءَ ۾ استاد حافظ جان محمد جان هالائي سندس استاد هو. پاڻ هالا مان شايع ٿيندڙ ماهوار رسالي فردوس جي مئنيجر طور به ڪم ڪيو. هن 4 مارچ 1960ع تي دم ڌڻيءَ حوالي ڪيو. مشهور ليکڪ انور هالائي سندس پٽ هو.

داس طالب

هن ناميارو ساهتڪار ۽ صحافيءَ 27 آڪٽوبر 1927ع تي لاڙڪاڻي ۾ پنهنجي جيون جو سفر شروع ڪيو. سندس اصل نالو منوهر چترام بجلاڻي هو. هن بي اي تائين تعليم لاڙڪاڻي مان حاصل ڪئي. 1947ع واري ورهاڱي کان پوءِ هندستان جي شهر ممبئيءَ ۾ وڃي پنهنجا پکا اڏيائين. هو هڪ ناميارو ناول نگار ۽ سنڌيڪار هو. هن جي تخليقن ۾ "انسپيڪٽر جنرل" (روسي ناول جو ترجمو)، "چيخ"، "سنڌيءَ جو خون" ۽ "پهريون پيار" شامل آهن. هن 1986ع ڌاري وفات ڪئي.

الحاج مولانا مفتي عبدالرحيم لغاري

هن ناموَر ديني عالم ۽ معلم جي ولادت 27 آڪٽوبر 1929ع تي نصرپور ويجهو ڳوٺ باگي خان جتوئيءَ ۾ ٿي. سندس وڏا اصل ۾ تعلقي موري جي ڳوٺ احمداڻي لغاريءَ جا رهواسي هئا. هن ابتدائي تعليم ڳوٺ پراڻي ڳچيري جي پرائمري اسڪول مان حاصل ڪئي ۽ ابتدائي ديني تعليم هڪ مقامي مدرسي مان حاصل ڪئي وڌيڪ تعليم جامعه عربيه هاءِ اسڪول حيدرآباد مان حاصل ڪيائين ڪجهه عرصو روينيو کاتي ۾ نوڪري ڪيائين پر پوءِ اها نوڪري ڇڏي امينياڻين جي ڳوٺ ۾ مولانا سيد امير محمد شاهه جي مدرسي مان اعليٰ ديني تعليم حاصل ڪيائين 1956ع ۾ سندس دستاربندي ٿي اڳتي هلي موري شهر ۾ انوارالعلوم مدرسو قائم ڪري قوم جي ٻونهلن کي دين جي تعليم ڏيندو رهيو پاڻ پنهنجي دور جو وڏو مفتي پڻ هو هن بزرگ 11 نومبر 1980ع تي دم ڌڻيءَ حوالي ڪيو.

ڊاڪٽر رشيد احمد شاهه

ڊاڪٽر رشيد احمد شاهه کي 'ڊاڪٽر آر اي شاهه' جي نالي سان به ياد ڪيو وڃي ٿو هن مشهور تعليمي ماهر جو جنم 27 آڪٽوبر 1937ع تي ڪراچيءَ ۾ ٿيو سندس وڏا اصل ۾ ٺٽي جا رهواسي هئا. هن مئٽرڪ جو امتحان ڪراچيءَ جي اين جي وي هاءِ اسڪول مان پاس ڪيو بي ايس سي جي سند ڊي جي سائنس ڪاليج ڪراچيءَ مان پاس ڪيائين ايم اي جي سند يونيورسٽي آف بيروت ۽ پي ايڇ ڊي جي سند نيويارڪ يونيورسٽي آمريڪا مان حاصل ڪيائين هن عملي زندگيءَ جي شروعات سنڌ يونيورسٽيءَ جي انسٽيٽيوٽ آف ايجوڪيشن ۾ فيڪلٽي ميمبر جي حيثيت سان ڪئي اڳتي هلي ساڳيءَ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر طور ذميداريون سنڀاليائين پاڻ شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ۽ لياري يونيورسٽي ڪراچيءَ جي وائيس چانسلر طور به ڪم ڪيو ان کان علاوه وفاقي تعليم واري کاتي ۾ صلاحڪار ۽ سيڪريٽريءَ طور به خدمتون سرانجام ڏنائين.

ڊاڪٽر نوشاد احمد شيخ



اڄ مشهور سرجن ۽ تعليمي ماهر ڊاڪٽر نوشاد احمد شيخ جي جنم جو ڏينهن آهي ڊاڪٽر نوشاد اڄوڪي ڏينهن تي 1958ع ۾ شڪارپور ۾ پنهنجي زندگيءَ جو سفر شروع ڪيو هن ابتدائي تعليم شڪارپور مان حاصل ڪئي. ان بعد حيدرآباد ۾ پڙهيو اڳتي هلي ڪراچي يونيورسٽيءَ مان ايم بي بي ايس جي سند حاصل ڪيائين هن ڪيترن ئي اهم عهدن تي ڪم ڪيو. جن ۾ ڊائو يونيورسٽي آف هيلٿ سائنسز ۾ سرجريءَ جو پروفيسر، لياري جنرل اسپتال ۽ سول اسپتال ڪراچيءَ جو ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ، سنڌ ميڊيڪل ڪاليج ڪراچيءَ جو پرنسپال ۽ پاڪستان ميڊيڪل ڪائونسل جو اعزازي ڊائريڪٽر شامل آهن هن 2004ع کان 2007ع تائين سنڌ جي صحت کاتي جي سيڪريٽريءَ طور ڪم ڪيو 2007ع کان 2017ع تائين لياقت يونيورسٽي آف ميڊيڪل ۽ هيلٿ سائنسز جي وائيس چانسلر طور ذميداريون سنڀاليائين هن سنڌ هائير ايجوڪيشن ڪميشن جي چارٽر انسپيڪشن اينڊ اوليوئيشن ڪاميٽيءَ جي چيئرمين طور پڻ ڪم ڪيو.

سيد غلام مصطفيٰ شاهه



مختيار انڙ

سيد غلام مصطفيٰ شاهه پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو هڪ اهم اڳواڻ ۽ پاڪستان جي موجوده قومي اسيمبليءَ جو ڊپٽي اسپيڪر آهي هن نليواري سياستدان جو جنم 27 آڪٽوبر 1959ع تي خيرپور ميرس ضلعي جي ڳوٺ حاجي نواب وساڻ ۾ سيد شبير احمد شاهه جي گهر ۾ ٿيو هن شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپورميرس مان گريجوئيشن ڪئي

هو ڊسمبر 1987ع ۾ ڊسٽرڪٽ ڪائونسل نواب شاهه (هاڻي شهيد بينظيرآباد) جو چيئرمين منتخب ٿيو اڳتي هلي 2002ع وارين عام چونڊن ۾ سڀ کان پهريون ڀيرو قومي اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو ان بعد 2008ع، 2013ع، 2018ع ۽ 2024ع وارين عام چونڊن ۾ لاڳيتو سوپ ماڻي قومي اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊجندو رهيو آهي هن وقت سيد غلام مصطفيٰ شاهه پهرين مارچ 2024ع کان پاڪستان جي قومي اسيمبليءَ جي 21هين ڊپٽي اسپيڪر طور خدمتون سرانجام ڏئي رهيو آهي.

نسيم حيدري



هن ناموَر ليکڪا جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1965ع ۾ ٿيو هوءَ مشهور ليکڪ ۽ دانشور مرحوم شمشيرالحيدريءَ جي نياڻي آهي هن ڪراچي يونيورسٽيءَ مان سنڌي ادب ۾ ماستر ڊگري حاصل ڪئي هن زبيده ڪاليج حيدرآباد ۾ پڙهڻ دوران ادبي دنيا ۾ پير پاتو ۽ سندس پهريون لکڻيون انهيءَ ڪاليج جي مئگزين ۾ ڇپيون ادبي دنيا ۾ پاڻ هڪ شاعره ۽ ڪهاڻيڪاره طور پنهنجي سڃاڻپ رکي ٿي سندس شاعري ۽ ڪهاڻيون سنڌ جي مختلف اخبارن ۽ ادبي رسالن ۾ ڇپجنديون رهيون آهن.

مشتاق بخاري

هن مشهور شاعر، ليکڪ، صحافيءَ ۽ پبلشر جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1969ع ۾ تعلقي ڳڙهي ياسين ضلعي شڪارپور جي ڳوٺ لونگائيءَ ۾ ٿيو هن ايم اي (معاشيات)، ايم اي (سنڌي) ۽ ايم ايڊ جون سندون حاصل ڪيون ۽ هڪ اسڪول جي استاد طور نوڪري ڪري 2017ع ۾ رٽائر ٿيو هو ڪيترن ئي ادبي ۽ سماجي تنظيمن جو سرگرم ميمبر ۽ عهديدار رهيو آهي. انهن تنظيمن ۾ سنڌي ادبي سنگت، نثار بزمي ادبي سنگت ۽ شهنشاهه ويلفيئر آرگنائيزيشن وغيره شامل آهن. هن 'اڄيان پبليڪيشن' جو بنياد وجهي ڪيترائي ڪتاب ڇپرايا. هو مختلف اخبارن ۽ رسالن جو ايڊيٽر پڻ رهي چڪو آهي. شاعريءَ سميت هن جي لکيل ۽ ترتيب ڏنل ڪتابن جو تعداد 10 کان وڌيڪ آهي.

اختر هالائي



هن مشهور شاعر جي زندگيءَ جو مختصر احوال مخدوم طالب المولىٰ پنهنجي ڪتاب ياد رفتگان ۾ لکيو آهي اختر هالائيءَ جو اصل نالو خليفو محمد عمر ۽ والد جو نالو خليفو حافظ عبدالرحمان ميمڻ هو. هو 27 ڊسمبر 1917ع تي هالا ۾ ڄائو هن سنڌي، اردو، فارسي ۽ عربيءَ جي تعليم حاصل ڪئي هو هڪ بهترين يوناني حڪيم هو ۽ گلوڪو هوميوپيٿڪ ۾ به سٺي ڄاڻ حاصل هئس هو ڪپڙن اُڻڻ ۾ به چڱي مهارت حاصل هئس هو هڪ قادرالڪلام شاعر هو سندس شاعري ٽماهي مهراڻ، ماهوار نئين زندگي ۽ ٻين رسالن ۾ ڇپجندي رهي شاعريءَ ۾ پهريائين "مجرم" ۽ پوءِ "اختر هالائي" تخلص اختيار ڪيائين هن پهريائين هفتيوار "تعمير" ۽ پوءِ هفتيوار "ڪوثر" اخبار جاري ڪئي هو بنيادي طور تي غزل جو شاعر هو پر اصلاحي، اخلاقي ۽ سياسي نظم پڻ لکيائين هو 27 آڪٽوبر 1959ع تي دارالبقا ڏانهن روانو ٿيو.

ڪيول رام رتنمل ملڪاڻي



ڪيول رام رتنمل ملڪاڻي پنهنجي دور جو مشهور صحافي، ليکڪ ۽ سياستدان هو هن جو جنم 19 نومبر 1921ع تي حيدرآباد ۾ ٿيو هن ايڪانامڪس ۽ سوشالاجيءَ ۾ بمبئي (هاڻوڪي ممبئي) يونيورسٽيءَ مان ايم اي جي سند حاصل ڪئي هن 1945ع کان 1947ع تائين ڊي جي سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ ۾ ليڪچرار طور ڪم ڪيو اڳتي هلي 1961-62ع ۾ آمريڪا جي مشهور هارورڊ يونيورسٽيءَ ۾ نيمين (Niemen) فيلو طور ڪم ڪرڻ جو اعزاز حاصل ڪيائين 1947ع واري ورهاڱي کانپوءِ سنڌ ڇڏي هندستان جا وڃي وسايائين جتي 'هندستان ٽائيمس اخبار' ۾ اسسٽنٽ ايڊيٽر طور خدمتون سرانجام ڏنائين ان بعد هفتيوار آرگنائيزر جي ايڊيٽر طور سڄا سارا 35 سال ڪم ڪيائين سياسي طور تي هو ڀارتيه جنتا پارٽيءَ سان لاڳاپيل رهيو ۽ انهيءَ پارٽيءَ جي ٽڪيٽ تي 1994ع کان 2000ع تائين هندستان جي راجيه سڀا جو ميمبر رهيو هو هڪ وڏو ليکڪ پڻ هو سندس لکيل ڪتاب The Sindh Story، The Midnight Knock ۽ Political Mysteries ادبي ۽ سياسي حلقن ۾ گهڻو مشهور آهن تاريخ 27 آڪٽوبر 2003ع تي سندس زندگيءَ جو سفر پڄاڻيءَ تي پهتو.

مبارڪ عاطف لغاري

مبارڪ عاطف لغاري مشهور شاعر سگهڙ ۽ شاهه جي شاعريءَ جو وڏو پارکو هو هو 7 مئي 1958ع تي ضلعي ٽنڊي محمد خان جي ڳوٺ بچر خان لغاريءَ ۾ ڄائو ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪيائين ۽ مئٽرڪ جو امتحان ٽنڊي محمد خان مان پاس ڪيائين اڳتي هلي سنڌ يونيورسٽيءَ مان ايم اي جي سند حاصل ڪيائين هو هڪ قادرالڪلام شاعر هو سندس شاعريءَ ۾ غزل، جوسٽا، وايون، ڪافيون، دوها، سورٺا ۽ پنج ڪڙا وغيره شامل آهن هن 27 آڪٽوبر 2016ع تي هيءَ جهان ڇڏيو.

CLASSIFIED ADVERTISMENT

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب جوڊيشنل مئجسٽريٽ IV حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر 1925 سال 2026

مسمات مشل بلوچ ڌيءَ محمد شريف بلوچ رهندڙ گهر نمبر 101 عبدالله گارڊن فيز 1 قاسم آباد حيدرآباد ..پلينٽف ...بخلاف.. ولي حيدر ولد امان الله رهندڙ ڳوٺ شهمير خان چانڊيو تعلقو نوابشاهه .. ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 04-11-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

جوڊيشنل مئجسٽريٽ IV حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج IX حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

مسمات Sabiha قمبراڻي زال محمد علي رهندڙ گهر نمبر 381/13/B يونٽ نمبر 4 لطيف آباد حيدرآباد ..پلينٽف ...بخلاف.. محمد علي ولد الله بخش رهندڙ گهر نمبر 26 محلہ مڪي شاهه بابا ڪچو قلعو حيدرآباد .. ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 04-11-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج IX حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج 4th حيدرآباد
گارڊين سوٽ نمبر 332 سال 2026

نذيراحمد ولد ڪمال حاجاڻو رهندڙ ڪچي آبادي شيدي ڳوٺ قاسم آباد حيدرآباد ..ايپليڪينٽ ...بخلاف.. محمد يوسف مسلم بالغ رهندڙ شهباز ڪالوني فيز 2 قاسم آباد حيدرآباد .. اپوننٽس (1) محمد مزمل ولد نذيراحمد (2) منور ولد نذير احمد (3) Unza ولد نذير احمد (4) ابو بڪر ولد نذير احمد رهندڙ شهباز ڪالوني فيز 2 قاسم آباد حيدرآباد.. مائنر

مٿين اپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ توهان جي خلاف گارڊين درخواست زير قلم 7،10،25 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 06-11-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج 4th حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب ڊسٽرڪٽ جج حيدرآباد
سڪسيشن سوٽ نمبر 192 سال 2026

مسمات صدوري بيواهه مهر علي رهندڙ ڳوٺ اسماعيل ڪلهوڙو نزد انبس گلاس پوسٽ آفيس لطيف آباد حيدرآباد ..ايپليڪينٽ ...بخلاف.. (1) عاشق علي (2) محمد پيار علي (3) محبت علي (4) صدف (5) صفيه (6) صبا (7) محبوب علي سڀ پٽ ڌيئرون مهر علي سيريل نمبر 1 کان 5 مسلم بالغ ۽ سيريل نمبر 6 ۽ 7 مائنر معرفت گارڊين Ad-litem ايپليڪينٽ نالي صدوري بيواهه مهر علي (8) ايس ايڇ او حالي روڊ حيدرآباد (9) مختيارڪار روينيو تعلقو لطيف آباد (10) مينيجر نيشنل سيونگ سينٽر گورو نگر برانچ حيدرآباد (11) جنرل پبلڪ ايٽ لارج.. ريسپونڊنٽس

مٿين ريسپونڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ توهان جي خلاف سڪسيشن درخواست زير قلم 372 سڪسيشن ايڪٽ تحت داخل ڪئي آهي فوتي مرحوم مهر علي ولد محمد آڳر وفات جي تاريخ 25-04-2026 جو سڪسيشن سرٽيفڪيٽ حاصل ڪرڻ لاءِ پراپرٽي ۾ -/1000000 روپيا نيشنل سيونگ سينٽر گورو نگر برانچ حيدرآباد ۾ چٽيل تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 29-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ڊسٽرڪٽ جج حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب ڊسٽرڪٽ جج مٽياري
سڪسيشن سوٽ نمبر 54 سال 2026

مسمات شباڻ ميمڻ بيواهه مرحوم گل منير ميمڻ رهندڙ محلہ موسيٰ ستي مٽياري ..ايپليڪينٽ ...بخلاف.. (1) وجاهت (2) ثانيه (3) مرڪ (4) علي جي سڀ پٽ ڌيئرون گل منير ميمڻ رهندڙ موسيٰ ستي مٽياري سيريل نمبر 3 ۽ 4 مائنر معرفت گارڊين (5) جنرل پبلڪ ايٽ لارج.. اپوننٽس

مٿين اپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ توهان جي خلاف سڪسيشن درخواست زير قلم 372 سڪسيشن ايڪٽ تحت داخل ڪئي آهي سڪسيشن سرٽيفڪيٽ حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪي پراپرٽي ڇڏي آهي فوتي گل منير ميمڻ وفات جي تاريخ 07-12-2025 تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 07-11-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ڊسٽرڪٽ جج مٽياري

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج هالا
سڪسيشن سوٽ نمبر 53 سال 2026

مسمات فرحت جهان بيواهه سعيد احمد حال زال مختيار احمد مغل رهندڙ مغل هائوس نمبر 47 جتن جا پلاٽ هالا ضلعو مٽياري ..ايپليڪينٽ ...بخلاف.. (1) مسمات حميدا بانو (2) مسمات نسيمان بانو (3) مسمات سلميٰ (4) مسمات سيما معرفت قانوني وارث (a) عبدالمجيد (مڙس) (b) اسد علي (c) ندا (5) مسمات ثمينه ناز (6) مسمات غزال سيريل نمبر 1 کان 6 سڀ پٽ ڌيئرون الله بچايو سومرو (7) فرحان سومرو (8) نعمان ٻئي پٽ غلام حسين رهندڙ گهر نمبر C/2887 واڻن جو پڙ نزد المنان منزل نزد شهاب سينما حيدرآباد (9) جنرل پبلڪ ايٽ لارج... ريسپونڊنٽس

مٿين ريسپونڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ توهان جي خلاف سڪسيشن درخواست زير قلم 372 سڪسيشن ايڪٽ تحت داخل ڪئي آهي سڪسيشن سرٽيفڪيٽ حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪي پراپرٽي ڇڏي آهي فوتي سعيد احمد سومرو شناختي ڪارڊ نمبر 4130380621733 وفات جي تاريخ 07-05-2023 پراپرٽي ۾ اين بي پي فاطمه جناح روڊ برانچ حيدرآباد جي اڪائونٽ نمبر 3054468680 ۾ چٽيل رقم -/1252824 روپيا تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 27-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج هالا

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج ڄامشورو
فيملي سوٽ نمبر 377 سال 2026

مسمات افشان ..پلينٽف ...بخلاف.. وقار علي ولد خادم علي رهندڙ واڙو واهه الفلاح نزد سنڌڙي هوٽل قاسم آباد حيدرآباد سيل نمبر 03073518921 .. ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 28-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج ڄامشورو
فيملي سوٽ نمبر 364 سال 2026

مسمات Malaika ..پلينٽف ...بخلاف.. نذير ولد صديق ذات گل رهندڙ ميمڻ ڳوٺ ڪراچي نزد فيضان مسجد گهر نمبر 86 ڊسٽرڪٽ ڪراچي سيل نمبر 03113859261/03198355746 .. ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ، رڪوري آف مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 28-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فرسٽ سول / فيملي جج ڄامشورو
فيملي سوٽ نمبر 126 سال 2026

مسمات فضا ..پلينٽف ...بخلاف.. عبدالباسط ولد شڪيل بلوچ رهندڙ اسٽريٽ نمبر 1 گهر نمبر 1 بلاڪ ڪورٽ ڪراچي سائوٿ ڪراچي 03191010112 .. ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف ريسٽوريشن آف ڪانجوگل رائيٽس اينڊ مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 28-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ فيملي جج ٽنڊوالهيار
فيملي سوٽ نمبر 150 سال 2026

مسمات ڪاجل ڌيءَ Ladhiyo هندو بالغ ذات ميگهواڙ رهندڙ ڳوٺ غلام قادر دل ضلعو ٽنڊو الهيار ..پلينٽف ...بخلاف.. ديوان ولد Khushalo هندو بالغ ذات ميگهواڙ رهندڙ ڳوٺ ددو خان پنهور پي ايس جهول تعلقو سنجهورو ضلعو سانگهڙ .. ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار جوڊيشنل سيپريشن، رڪوري آف ڊاوري آرٽيڪلز اينڊ مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 06-11-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ فيملي جج ٽنڊوالهيار

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فرسٽ سينئر سول جج ٽنڊو الهيار
ايف سي سوٽ نمبر 146 سال 2026

گل حسن جتوئي ولد غلام رسول رهندڙ چمبڙ سٽي تعلقو چمبڙ ضلعو ٽنڊوالهيار ..پلينٽف ...بخلاف.. (1) اسسٽنٽ مينيجر نادرا ٽنڊو الهيار (2) ڊي جي نادرا اسلام آباد (3) جنرل پبلڪ ايٽ لارج .. ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار ڊڪلريشن اينڊ مينڊيٽري انجڪشن لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 03-11-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فرسٽ سينئر سول جج ٽنڊو الهيار

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
فيملي سوٽ نمبر 384 سال 2026

مسمات مريم راهو..پلينٽف ...بخلاف.. عدنان منير ولد محمد انور رهندڙ نزد پوليس لائن دادو تعلقو ضلعو دادو RGS ڊپارٽمينٽ پرائيوٽ گارڊ ڪراچي .. ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 27-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/فيملي/گارڊين II قاضي احمد
گارڊين سوٽ نمبر 33 سال 2026

مسمات دادل (Dadlli) بيواهه پورو خان رهندڙ ڳوٺ لاکاٽ پي او قاضي احمد ضلعو شهيد بينظير آباد ..ايپليڪينٽ ...بخلاف.. (1) مسمات روبينا (2) منصور علي (3) فرزانه (4) مسمات حسينا (5) مسمات صدوري (6) مسمات ارباب خاتون (7) مسمات گلان سڀ پٽ ڌيئرون پورو خان مسلم بالغ رهندڙ ڳوٺ لاکاٽ پي او قاضي تعلقو سڪرنڊ (8) جنرل پبلڪ.. اپوننٽس

مٿين اپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ زير قلم 7،9،10،29 تحت درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 29-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/فيملي/گارڊين II قاضي احمد

ڪورٽ نوٽيس

سول/فيملي جج اينڊ جي ايم-MTMC ميرپورخاص
گارڊين سوٽ نمبر 23 سال 2026

شريمتي پوجا ڪماري بيواهه پگراتو هندو بالغ رهندڙ وهاڻيون ڏڙو تعلقو کپرو ضلعو سانگهڙ ..ايپليڪينٽ ...بخلاف.. (1) مهيش ڪمار ولد پگراتو (2) جينا نند ولد پگراتو هندو بالغ رهندڙ وهاڻيون ڏڙو تعلقو کپرو ضلعو سانگهڙ (3) جنرل پبلڪ ايٽ لارج.. اپوننٽس (1) جينا تاريخ پيدائش 10-10-2009 (2) رجيش تاريخ پيدائش 01-02-2011 (3) جيوت تاريخ پيدائش 18-09-2016 (4) ڪرشما تاريخ پيدائش 18-09-2016 ... اپوننٽس

مٿين اپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ زير قلم 7،10،29 تحت درخواست داخل ڪئي آهي صغيرن جي گارڊين جي مقرري بابت تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 04-11-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/فيملي جج اينڊ جي ايم-MTMC ميرپورخاص

عام اطلاع

هرخاص و عام کي اطلاع ٿو ڪجي ته مان نالي الومل ولد جوڳت رام رهاڪو ٿرو شهر جيئن ته منهنجي پراپرٽي جيڪا واقع آهي پلاٽ جنهن جو سٽي سروي نمبر 1669 ايريا 1377 اسڪوائر يارڊ نزد جامع مسجد ٿرو وارڊ اي تعلقو ضلعو ٿر جيئن ته منهنجي مٿين پراپرٽي جا اصل ڪاغذ نيشنل بينڪ آف پاڪستان ۾ جمع هئا ۽ 27 ڊسمبر 2007 تي محترمہ بينظير ڀٽو جي شهادت ٿيڻ تي سنڌ جي سرڪاري عمارتن کي باهه ڏيڻ لڳڻ سبب منهنجا به اصل ڪاغذ سڙي ويا جنهن جي ايف آءِ آر نيشنل بينڪ وارن پڻ ڪرائي آهي جيڪا ڪرائيم نمبر 158 سال 2007 ٿرو ۾ درج ٿيل آهي هاڻي مان ايچ بي ايل مان ان پراپرٽي تي لون به ڪڍان پيو ۽ پراپرٽي گروي ڪرائي آهي اگر ڪنهن کي ڪو اعتراض هجي ته 03 ڏينهن اندر رابطو ڪري معياد گذرڻ کانپوءِ ڪو به اعتراض قابل قبول نه هوندو

الومل ولد جوڳت مل شناختي ڪارڊ نمبر 4140942785311 سيل نمبر 03008228599

عام اطلاع

هرعام وخاص کي هن اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته آئون ڪر نمبر 1 عبدالستار راجپوت ولد محمد علي راجپوت شناختي ڪارڊ نمبر 4130424536987 رهندڙ گهر نمبر 88/A يونٽ نمبر 4 لطيف آباد حيدرآباد هڪ عدد دڪان نمبر 02 گرائونڊ فلور ايراضي 265.27 اسڪوائر فوٽ 29.04 اسڪوائر يارڊ واقع مدينه مارڪيٽ ويسٽ ڪوڪر محلہ گاڏي کاتو وارڊ ايف ضلعو حيدرآباد جو سودو ڪر نمبر 2 نالي محمد منصور احمد صديقي ولد محمد افتخار احمد صديقي شناختي ڪارڊ نمبر 4130423196695 سان ڪيو آهي اگر ڪنهن به شخص يا اداري کي ڪنهن به قسم جو ڪو به قانوني اعتراض هجي ته هن اشتهار شايع ٿيڻ جي 07 ستن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض جمع ڪرائيندا بي صورت ۾ معياد گذرڻ کانپوءِ ڪو به اعتراض قابل قبول نه هوندو ۽ سودي جي ڪاروائي مڪمل ڪئي ويندي

عبدالستار راجپوت ولد محمد علي راجپوت

گمشده پاليسي بابت اطلاع

جيئن ته منهنجي اسٽيٽ لائف انشورنس ڪارپوريشن جي پاليسي نمبر 502490039-3 جو فائل ڪٿي ڪري گر ٿي وئي ڪافي تلاش باوجود ملي نه سگهيو آهي اگر ڪنهن کي هٿ اچي ته ڏياري موڪلي

وزيران زال ميرمحمد شناختي ڪارڊ نمبر
4540204078398 رهندڙ مهراڻ ڪالوني سڪرنڊ
موبائل نمبر 03013621748

بقايا 1 روزاني عبرت

تبديل ، گهر اندر ڪهرام مچي ويو لڳ ٽنڊو مستي خان پوليس ٿاڻي جي حد ڳوٺ لعل ڏنو اڄڻ ۾ عابد اڄڻ جي شادي جي تقريب جاري هئي ته خوشي ۾ فائرنگ ڪئي وئي ، جڏهن ته فائرنگ دوران گولي لڳڻ سبب گهوٽ جو ڀائٽيو اٺ سالا معصوم ٽينگر عبدالحفيظ اڄڻ موقعي تي مارجي ويو ۽ نوجوان نسيم اڄڻ سخت زخمي ٿي پيو ، واقعي جو اطلاع ملڻ بعد ٽنڊو مستي خان پوليس واقعي واري هنڌ پهچي فوتي ٽينگر جو لاش ۽ زخمي نوجوان کي سول اسپتال خيرپور منتقل ڪيو ويو ، جتان ضروري ڪارروائي بعد فوتي ٽينگر جو لاش سندس وارثن حوالي ڪيو ويو ۽ نوجوان جو علاج جاري آهي ، جڏهن ته ٽينگر جو لاش گهر پهچڻ تي گهر اندر ڪهرام مچي ويو ۽ شادي جون خوشيون ماتم ۾ تبديل ٿي ويون ،جڏهن ته شادي ۾ فائرنگ ڪندڙ شاهنواز اڄڻ فرار ٿي ويو آهي هوڏانهن ٽنڊو مستي خان پوليس موجب ته واقعي جي وڌيڪ جاچ ڪري رهيا آهيون ۽ ملوث جوابدارن کي جلد گرفتار ڪيو ويندو

بقايا 2 روزاني عبرت

منتقل ڪيو ويو جڏهن ته سي اين جي اسٽيشن تي باهه لڳڻ واري واقعي ۾ مسافر وين سڙڻ کان بچي وئي جنهن ڪري ڪنهن به مسافر جو معجزاتي طور جاني نقصان نه ٿيو آهي ٻڌايو وڃي ٿو ته مسافر وين دادو کان حيدرآباد وڃي رهي هئي ته سيوهڻ ۾ گئس ڀرائڻ لاءِ سي اين جي پمپ تي بيٺي ۽ گئس ڀرڻ دوران گئس جو نوزل گاڏي جو نوزل ٽڪري هيٺ ڪري پيو جنهن جي نتيجي ۾ سي اين جي عملي جا 2 ملازم ۽ هيٺ بيٺل وين ڊرائيور زخمي ٿي پيا، ٻئي طرف سيوهڻ پوليس واقعي جي ابتدائي رپورٽ داخل ڪري وڌيڪ جاچ ڪري رهي آهي.

بقايا 3 روزاني عبرت

ڌمڪيون ڏئي ناحق پريشان ڪري رهيا آهن هنن الزام لڳائيندي چيو ته ڳوٺ ٻاهران زمين تي رکيل سنڌن ڪڻڪ جي باردانا 35 سئو کان وڌيڪ ٽوڻن کي باهه ڏئي ساڙي ڇڏيو آهي باهه سبب سنڌن لکين رپين جو نقصان ٿي ويو آهي اهڙو باهه واقعي جو اطلاع احمدپور پوليس کي به ڏنو آهي پر پوليس ڪا به ڪارروائي نه ڪئي آهي هنن ايس ايس پي خيرپور کان گهر ڪئي ته مبينا زيادتين جو نوٽيس وٺي باهه سبب سنڌن ٿيل نقصان جو ازالو ڪري جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪري تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 4 روزاني عبرت

ڏنو آهي ته ڊاڪٽرن جي سروس اسٽرڪچر کي منظور رکي ڊاڪٽرز ڪميونٽي کي پريشان ڪرڻ جو سلسلو بند نه ٿيو ته سرڪاري اسپتالن تائين احتجاجي تحريڪ جو دائرو وڌايو ويندو. اهڙو اظهار ينگ ڊاڪٽرز ايسوسيئيشن جي مرڪزي چيئرمين ڊاڪٽر محبوب علي ٿوناري ينگ ڊاڪٽرز ايسوسيئيشن سنڌ جي صدر ڊاڪٽر روشن چانڊيو ينگ ڊاڪٽرز ايسوسيئيشن حيدرآباد جي اڳواڻ ڊاڪٽر راڪيش ڪمار ينگ ڊاڪٽرز ايسوسيئيشن ضلعي ٺٽي جي صدر ڊاڪٽر ساجد شيخ ڊاڪٽر آڪاش عباسي ۽ ٻين مڪلي تي ڊاڪٽرن جي مسئلن بابت سڏايل ويهڪ ۾ خطاب ڪندي ڪيو. اُن موقعي تي خطاب ڪندي ينگ ڊاڪٽرز ايسوسيئيشن جي مرڪزي چيئرمين ڊاڪٽر محبوب علي ٿوناري چيو ته سنڌ جي اسپتالن ۾ سياسي مداخلت سبب سيڪريٽري کان وٺي اهم عهدن تي ڊاڪٽرن بجاءِ نان ٽيڪنيڪل عملدار مقرر ٿيل آهن جنهن سبب ڊاڪٽرز ڪميونٽي لاءِ مشڪلاتون وڌي رهيون آهن هن چيو ته هڪ طرف ايف بي آر جي حراسمينٽ پاليسين سبب ڊاڪٽر غير محفوظ بڻيل آهن ته ٻئي طرف سرڪاري اسپتالن ۾ سهولتون فراهم ڪرڻ بدران ڊاڪٽرن کي پريشان ڪرڻ لاءِ غلط پاليسيون اختيار ڪيون پيون وڃن جنهن جو تازو مثال حيدرآباد جي 27 ڊاڪٽرن تي غير قانوني طور ڪيس داخل ڪرڻ آهي جڏهن ته هيلٿ ڪميشن پنهنجي انڪوائري ۾ ڊاڪٽرن کي بي ڏوهي قرار ڏنو آهي. هن وڌيڪ چيو ته سنڌ جي سرڪاري اسپتالن کي صرف پي پي ايڇ آءِ ۽ ٻين ادارن حوالي ڪرڻ توڙي رٽائرڊ ڊاڪٽرن جي مقرري سان نوجوان ڊاڪٽرن جي حق تلفي ٿي رهي آهي هن چيو ته پي ايم اي سميت مختلف فورمن کي استعمال ڪندي ينگ ڊاڪٽرز ايسوسيئيشن پاران ايڪشن ڪميٽيون ٺاهي ڊاڪٽرن جي تحفظ ۽ بهتري لاءِ قدم کنيا ويندا چاڪاڻ جو اسپتالن ۾ مقرر ڊي ايڇ اوز ۽ ايم ايس عهدن تي مقرر انتظامي عملدارن جي غير ذميواري سبب سرڪاري اسپتالن جي هر ڊاڪٽر کي ڏيڍ سئو کان 2 سئو مريض روزانو ڏسڻا پون ٿا جنهن سبب بدانتظامي پيدا ٿئي ٿي ۽ ڊاڪٽرن کي خانگي ادارن جي پيٽ ۾ سرڪاري سطح تي گهٽ پگهارون ڏنيون وڃن ٿيون. ينگ ڊاڪٽرز ايسوسيئيشن جي مرڪزي چيئرمين ڊاڪٽر محبوب علي ٿوناري پاران اعلان ڪيو ويو ته ايف بي آر جي غلط پاليسين ۽ ڊاڪٽرن کي حراسان ڪرڻ خلاف پهرين نومبر تي پي ايم اي سان گڏجي سڄي سنڌ ۾ ڊاڪٽرن پاران احتجاجي مظاهرا ڪيا ويندا ۽ ڊاڪٽرن بابت حڪومتي پاليسيون تبديل نه ڪيون ويون ته احتجاجي تحريڪ سرڪاري اسپتالن تائين وڌائي سخت احتجاج ڪيا ويندا. اُن موقعي تي ينگ ڊاڪٽرز ايسوسيئيشن ضلعي ٺٽي جي ٿئين باڊي جو اعلان پڻ ڪيو ويو جنهن تحت صدر ڊاڪٽر ساجد شيخ نائب صدر ڊاڪٽر شيارام ڪمار نائب صدر ڊاڪٽر عطاءالله ڪلمتي نائب صدر ڊاڪٽر غلام علي دايو جنرل سيڪريٽري ڊاڪٽر آڪاش عباسي ڊپٽي جنرل سيڪريٽري سلام الله شاهه خزانچي ڊاڪٽر مدد علي جوکيو اطلاعات سيڪريٽري ڊاڪٽر مبشر جوکيو ميڊيا ڪوآرڊينيٽر ڊاڪٽر صفدر علي خواجه سميت ٻيا ڊاڪٽر مختلف عهدن تي مقرر ڪرڻ جو اعلان پڻ ڪيو ويو.

بقايا 5 روزاني عبرت

ڪان جروار روڊ، پي پي ايڇ آءِ پاران قائم ڪيل گورنمينٽ ڊسپينسري خانگوهر ڪيمپس ۽ گورنمينٽ ڊسپينسري حيات پتافي ڪيمپس سميت مختلف ترقياتي اسڪيمن جو افتتاح ڪرڻ دوران ڪيو ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي منظور احمد ڪنراڻي بابر علي خان ڳنڊ ۽ لاڳاپيل انجنيئر پڻ صوبائي وزير سان گڏ موجود هئا ان موقعي تي ڳالهائيندي صوبائي وزير سردار محمد بخش خان مهر چيو ته سنڌ حڪومت عوام جي ڀلائي ۽ بهبود کي نظر ۾ رکندي مختلف ترقياتي اسڪيمون شروع ڪيون آهن، جن جو بنيادي مقصد عوام کي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ ۽ سنڌن زندگيءَ جو معيار بهتر بڻائڻ آهي، هن چيو ته تعليم ۽ صحت جا شعبا ڪنهن به معاشري جي ترقيءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا، تنهنڪري حڪومت انهن شعبن جي بهتري لاءِ خاص ڌيان ڏئي رهي آهي. صوبائي وزير چيو ته ترقياتي اسڪيمون عوام جي گڏيل ملڪيت آهن ۽ انهن مان وڌ کان وڌ فائدو حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته عوام به انهن جي حفاظت ۽ سار سنڀال ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري ته جيئن ڪين وڌ کان وڌ لاڀ ملي سگهي. سردار محمد بخش خان مهر چيو ته حڪومت جو بنيادي مقصد صوبي جي عوام جي حالت بهتر بڻائڻ ۽ ڪين جديد بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ آهي، پي پي ايڇ آءِ پاران قائم ڪيل پنهنجي صحت مرڪزن ذريعي هزارين ماڻهن کي علاج جون سهولتون سنڌن علائقن ۾ ملي سگهنديون جڏهن ته حامله عورتن لاءِ الٽراسائونڊ ۽ ويٽر جي سهولت به موجود هوندي. هن چيو ته چيئرمين پاڪستان پيپلز پارٽي بلاول ڀٽو زرداري جي هدايتن تي ترقياتي اسڪيمن جي رڳو باقاعدگي نگراني ڪئي پئي وڃي، پر لاڳاپيل عملدارن ۽ انجنيئرن کي پڻ سختيءَ سان هدايتون ڏنيون ويون آهن ته سمورا ترقياتي منصوبا مقرر وقت اندر مڪمل ڪيا وڃن ۽ تعميراتي ڪم جي معيار تي ڪنهن به قسم جي ڪوتاهي برداشت نه ڪئي ويندي. هن وڌيڪ چيو ته سنڌ حڪومت عوامي ڀلائيءَ جي منصوبن کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ پرعزم آهي، جيئن صوبي جي هر علائقي ۾ ترقيءَ جو عمل تيز ٿئي ۽ عوام کي بهتر سهولتون فراهم ڪري سگهجن. صوبائي وزير وڌيڪ چيو ته مختلف علائقن ۾ جن رستن جو ڪم رکيل يا سست روي جو شڪار آهي به جلد مڪمل ڪيا ويندا جڏهن ته ضلعي جي غير فعال آر او پلانٽن کي به فعال بڻايو ويندو ان سلسلي ۾ ضلعي انتظاميه حڪمت عملي تيار ڪري ورتي آهي.

بقايا 6 روزاني عبرت

پاڪٿيو نبيل گذريل 4 سالن کان جيمر خاتر حيدرآباد ۾ملازم آهي 24 آڪٽوبر ڇنڇر ڏينهن رات جو لڳ ڀڳ ڏيڍ وڳي جيمر خاتر کان گهر اچي رهيو هو ته پراسرار طور لاپتا ٿي ويو ۽ اڃا تائين گهر نه موٽيو آهي .نبيل جي گمشدگي سبب سندس امڙ تمام گهڻو پريشان ۽ بيمار آهي هن وس وارن ۽ پوليس جي اعلي اختيارين کي اپيل ڪئي ته لاپتا ٿيل نبيل احمد ڀٽي جي ڳولا ۾ مدد ڪئي وڃي.

بقايا 7 روزاني عبرت

خان، صحت کاتي ۽ لاڳاپيل انتظاميا کان مطالبو آهي ته فوري نوٽيس وٺي کٽن جي آزار جي خاتمي لاءِ هنگامي قدم کنيا وڃن

بقايا 8 روزاني عبرت

جڏهن ته ٽرڪ ڊرائيور ٽرڪ سميت واقعي واري هنڌان فرار ٿي ويو جڏهن ته وارثن لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو آهي ته واقعي جو نوٽيس وٺي ٽرڪ ڊرائيور کي گرفتار ڪرڻ ۾ مدد ڪئي وڃي

بقايا 9 روزاني عبرت

وصول ڪرڻ بعد سروي ڪرڻ بدران پنهنجو سامان ڇڏي غائب ٿي وئي آهي،جڏهن ته آفيس جو عملو به ڪين ڪو تسلي بخش جواب ڏيڻ لاءِ تيار ناهي،اسلام ڪوٽ جي مختلف ڳوٺن جهاتڱرو، منڱو آريس سنهيون منڱيو رائيڏڙي، ڪرڙيو احسان شاهه، ڪاٺڙ، منڱانو چاڪر ۽ ويري پيٽ جي رهواسي ڏڪار متاثر غريب ۽ مستحق عورتن ڏائي ٻائي، ناملي ٻائي، مهربي ٻائي، لاڏو ٻائي، بصران ٻائي سميت ٻين عورتن ۽ مردن علي اصغر حجام، ڪندو ڀيل، الجي ڀيل ۽ ٻين پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪندي ڏانهيو ته ٿر ۾ ڏڪار سبب غريب خاندان اڳ ئي سخت معاشي ڏکيائين جو شڪار آهن،فصل ناهن ٿيا،روزگار جي ڪوٽ ۽ مهانگائي سبب سندن گذر سفر به مشڪل بڻيل آهي،اهڙي صورتحال ۾ مستحق عورتن کان سروي جي نالي تي هزارين رپيا وٺڻ سندن لاءِ وڌيڪ پريشاني جو سبب بڻجي ويو آهي،متاثر عورتن الزام هنيو ته بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي آفيس ۾ هڪ عورت جيڪا پاڻ کي ليڊي هيلٿ ورڪر سڏرائيندي هئي،تنهن سروي ڪرائڻ جي بهاني ڪاٺن پنج پنج هزار رپيا وصول ڪيا پر سروي ڪرڻ بدران اها عورت پنهنجو سامان ڇڏي غائب ٿي وئي آهي جيڪو سامان اسان وٽ موجود آهي،هنن چيو ته هو غريب ۽ مستحق عورتون آهن،جن بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي سروي بعد انهي مان سهارو ملڻ گهرجي پر سروي جي نالي تي ڪاٺن رقم وصول ڪري ڪين مبينا طور فراڊ جو نشانو بڻايو ويو آهي،آفيس ۾ رشوت خوري جي بازار گرم آهي،هنن وڌيڪ ڏانهيندي چيو ته واقعي بابت بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي آفيس جي عملي کان بار بار پڇا ڳاڇا ڪئي وئي پر ڪين ڪو به تسلي بخش جواب نه مليو،عملو چوي ٿو عورت کي اسان سڃاڻون نٿا،اگر هو سڃاڻن ٿا ته انهي کي آفيس اندر ڪرسي ڏئي عورتن کي ڦرڻ جو ڏياريو،انڪم پروگرام آفيس جو عملو هن سموري عمل ۾ ملوث آهي،عورتن الزام هنيو ته آفيس جي عملي جي مبينا ملي ڀڳت ڪانسواءِ ڪو به شخص آفيس اندر ويهي اهڙي نموني عورتن کان رقم وصول نٿو ڪري سگهي،تنهنڪري معاملي جي مڪمل جاچ ڪرائي وڃي ۽ اهو به معلوم ڪيو وڃي ته رقم ونڊندڙ عورت ڪهڙي حيثيت سان آفيس ۾ موجود هئي،احتجاج ڪندڙ عورتن چيو ته ڏڪار سٽيل ٿر ۾ غريب خاندان لاءِ هن ويلن جي مانيءَ جو بندوبست ڪرڻ به ڏکيو ٿي پيو آهي،اهڙي وقت ۾ مستحق عورتن کي امداد فراهم ڪرڻ بدران سروي جي بهاني ڪاٺن رقم وٺڻ واري مبينا واقعي سندن پريشانين ۾ اضافو ڪري ڇڏيو آهي،هنن مطالبو ڪيو ته غريب ۽ ڏڪار متاثر عورتن جي شڪايتن جو فوري ازالو ڪيو وڃي،متاثر عورتن اعليٰ اختيارين ضلعي انتظاميا ۽ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي لاڳاپيل عملدارن کان مطالبو ڪيو ته واقعي جو فوري نوٽيس وٺي شفاف جاچ ڪرائي وڃي،سروي جي بهاني ورتل رقم واپس ڪرائي وڃي ۽ جيڪڏهن آفيس جو ڪو عملدار ملوث ثابت ٿئي ته ان خلاف قانوني ڪارروائي ڪري ڏڪار متاثر غريب ۽ مستحق عورتن کي انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا 10 روزاني عبرت

سبب شاهپور پوليس علاج لاءِ اسپتال منتقل ڪيو جنهن کي طبي امداد بعد حيدرآباد اسپتال منتقل ڪيو ويو. خاصخيلي برادري جي ماڻهن جو چوڻ آهي ته ضلعي ڪائونسل ميمبر باسط رند جي فائرنگ ۾ امجد عرف امجو خاصخيلي، پٽ ارباب خاصخيلي، زخمي ٿيو جڏهن ته پوليس پاران اهو چيو ويو آهي ته واقعي جو ڪارڻ في الحال معلوم نه ٿي سگهيو آهي. جڏهن ته واقعي جي سلسلي ۾ هن وقت تائين ڪا به گرفتاري عمل ۾ نه اچي سگهي آهي هوڏانهن ضلعي ڪائونسل ميمبر باسط رند پاران معاملي بابت رابطو ڪيو ويو ته هن ٻڌايو ته ڪيس واقعي بابت ڪا به ڄاڻ ناهي.

بقايا 11 روزاني عبرت

فائر ڪري ڏنو جنهن جي نتيجي ۾ اشرف چانڊيو کي گولي لڳڻ سبب زخمي ٿي پيو واقعي بعد شهرين بهادري جو مظاهرو ڪندي ٻن ڦورن کي موٽر سائيڪل تان ڪيرائي ورتو پر ڦورو پنهنجي موٽر سائيڪل ڇڏي پستل جي زور تي فرار ٿي ويا. فرار ٿيڻ بعد ڦورو اڳتي وڃي ٿنار مري کان ٻي سي ڊي موٽر سائيڪل ڦر ڪري فرار ٿي ويا. زخمي کي فوري طور اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي، جڏهن ته پوليس واقعي واري هنڌ پهچي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي. شهرين پاران ايس ايس پي خيرپور کان مطالبو ڪيو ويو آهي ته فقيرآباد ۾ وڌندڙ بدامني جو نوٽيس وٺي ڦورن کي گرفتار ڪيو وڃي.

بقايا 12 روزاني عبرت

۽ موتمار ڌمڪيون ڏيڻ سميت مؤسن ۽ ساهرن تي ڪوڙا ڪيس ڪرڻ جو الزام ميڊيا آڏو دانهون انصاف جي گهر رپورٽ موجب ٽنڊوآدم جي ڳوٺ جان محمد مڱسي جي رهواسي پيڻين زبيده زال عبيدالله مڱسي ۽ اميران زال عبدالحئي مڱسي پريس ڪلب پهچي ميڊيا آڏو دانهيندي چيو آهي ته سنڌن ٻائر محبوب مڱسي . عبدالعظيم. هدايت الله زين العابدين امام الدين ۽ شاهه محمد مڱسي پاران پيءُ جي زمين مان حصو گهرڻ تي اسان تي تشدد ڪرڻ سميت موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن ٻائر اسان جي مؤسن ۽ ساهرن تي 5 ڪوڙا ڪيس داخل ڪري گرفتاريون به ڪرائي چڪا آهن گذريل ڏينهن به هنن اسان جي مردن جي غير موجودگيءَ ۾ گهر ۾ گهڙي تشدد جو نشانو بڻايو باٿر هٿن ڪري پوليس به اسان جي ته ٿي ٻڌي بار بار پوليس گهرن تي چڙهايون ڪري حراسان ڪري رهي آهي هنن اعلي اختيارين کان انصاف ۽ تحفظ جي گهر ڪئي آهي

بقايا 13 روزاني عبرت

نتيجي ۾ هڪ معصوم ٻار جي فوت ٿيڻ ۽ ٻئي ٻار جي زخمي ٿيڻ واري واقعي جو آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو نوٽيس وٺندي ايس ايس پي خيرپور کان رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي. آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو هدايت ڪئي آهي ته فائرنگ ۾ ملوث جوابدارن جي نشاندهي ڪري ڪين فوري طور قانون جي گرفت ۾ آندو وڃي ۽ واقعي جي شفاف ۽ غيرجانبدارانه جاچ کي يقيني بڻايو وڃي. آءِ جي سنڌ معصوم ٻار جي فوت ٿيڻ تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي زخمي ٻار کي بهترين طبي سهولتون فراهم ڪرڻ ۽ متاثر خاندان کي هر ممڪن سهڪار ڏيڻ جون هدايتون پڻ جاري ڪيون آهن هن وڌيڪ هدايت ڪئي آهي ته اهڙن افسوسناڪ واقعن جي روڪٿام لاءِ اثرائتا قدم کنيا وڃن ۽ قانون جي پڪڙ ڪندڙن خلاف بنا ڪنهن فرق جي قانوني ڪارروائي عمل ۾ آندي وڃي.

بقايا 14 روزاني عبرت

روحاني هستي ۽ پوڄيه شداڻي دربار صاحب جي پنجين گادي نشين سنت ماتا صاحب هاسي ديوي جن جي 200هين جنم جينتي جي موقعي تي 25 آڪٽوبر 2026ع تي يادگاري پوسٽل ٽڪليون ۽ سووينئر شيٽ جاري ڪيا ويا آهن، جنهن کي هندو برادريءَ لاءِ هڪ اهم اعزاز ۽ سنڌ جي گڏيل ثقافتي روايتن جي مڃتا طور ڏٺو پيو وڃي. پوڄيه ماتا صاحب هاسي ديوي جن جي 200 سالا جنم جينتيءَ جي موقعي تي يادگار ڊاڪ ٽڪلي جاري ڪرڻ هندو برادريءَ لاءِ فخر، خوشي ۽ اعزاز جو تاريخي لمحو آهي. هندو برادري حڪومت پاڪستان ۽ پاڪستان پوسٽ جا دل جي گهراين سان ٿورا مڃيندي چيو ته هي قدم مذهبي رواداري، بين المذهبي هم آهنگي ۽ اقليتن جي مذهبي عقيدن جي احترام جو سهڻو مثال آهي. حڪومت پاڪستان جي هن تاريخي قدم کي سنڌ ۽ پاڪستان جي هندو برادري هميشه قدر جي نگاهه سان ياد رکندي...

بقايا 15 روزاني عبرت

رهيا آهن. هن منصوبي تحت جديد صحت جون سهولتون، بايو ميڊيڪل ۽ طبي صنعت ۽ ميڊيڪل تعليم کي هٿي ڏني ويندي. ياد رهي ته هيلٿ سٽي گمبٽ جو اعلان 2023ع ۾ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ڪيو هو. جڏهن ته هن منصوبي لاءِ 100 ايڪڙ زمين پڻ الاٽ ڪئي وئي هئي. پر افسوس جو هي اهم منصوبو اڃا تائين پنهنجي تڪميل جو منتظر آهي. هيلٿ سٽي گمبٽ نه رڳو گمبٽ پر سڄي پاڪستان لاءِ صحت جي شعبي ۾ هڪ اهم سنگ ميل ثابت ٿيندو هن منصوبي سان جديد طبي سهولتن جي فراهمي، ميڊيڪل تعليم جي واڌاري ۽ صحت سان لاڳاپيل صنعت جي ترقيءَ جا نوان رستا کلندا. سنڌ حڪومت جي اعليٰ قيادت کي خصوصي اپيل اسان سيڪريٽري صحت طاهر سانگي، هيلٿ منسٽر ميڊم عذرا پيچوهو، چيف سيڪريٽري سنڌ سيد آصف حيدر شاهه، وڏي وزير سنڌ سيد مراد علي شاهه ۽ چيئرمين پاڪستان پيپلز پارٽي بلاول ڀٽو زرداري کي اپيل ٿا ڪريون ته هيلٿ سٽي گمبٽ جي هن اهم ۽ عوامي مفاد واري منصوبي جي عملي جامو پهرائڻ لاءِ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪن. جڏهن منصوبي لاءِ زمين الاٽ ٿي چڪي آهي ۽ ان جو اعلان به ٿي چڪو آهي، ته هاڻي ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته اُن تي عملي ڪم تيز ڪيو وڃي. جيئن سنڌ جي عوام کي هن منصوبي جا فائدا جلد ملي سگهن. هيلٿ سٽي گمبٽ رڳو هڪ شهر جو منصوبو نه، پر سنڌ جي لکين ماڻهن لاءِ بهتر صحت، جديد طبي تعليم ۽ روشن مستقبل جي اميد آهي.

بقايا 16 روزاني عبرت

۽ پنهنجي ٻچڙن جو پيٽ گذر ڪيان مان مجبوري ۾ هن وقت پنهنجي پائرن سان گڏ رهان ٿي پر ڪيستائين هو منهنجو بوجھ برداشت ڪندا هن وڌيڪ ٻڌايو ته منهنجي مؤس تعلقي دوڙ ضلعي شهيد بينظير آباد ۾ 16 ايڪڙ زمين وڪرو ڪئي آهي جنهن مان منهنجي ٻچن کي حصو نه پيو ڏئي ۽ حق گهرڻ تي مون کي موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي هن ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي ڄامشورو ۽ وس وارن کان مطالبو ڪيو آهي ته مون سان ۽ منهنجي ٻچن سان انصاف ڪري حق ڏياريو وڃي

بقايا 17 روزاني عبرت

پوليس ڏسي روڪڻ جو اشارو ڏنو پر جوابدارن بيهڻ بدران پوليس مٿان حوالي فائرنگ ڪئي ۽ ڀڄڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن جي نتيجي ۾ جوابدار ياسر ماڇي سولنگي زخمي ٿي پيو جنهن کي پوليس زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعوي ڪئي آهي سندس وٽان پستل پڻ هٿ ڪيو آهي. جڏهن ته سندس ساٿي موقعي تان فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. جڏهن ته پوليس جي ٻئي ڪارروائي ۾ چيڪ پوسٽ نسيم نگر جي پوليس نسيم نگر پوائنٽ جي ويجهو اطلاع ملڻ تي ٻن موٽر سائيڪلن تي سوار 5 جوابدارن خلاف ڪارروائي ڪئي جنهن جي نتيجي ۾ جوابدارن پوليس مٿان فائرنگ شروع ڪري ڏني پوليس جي جوابي ڪارروائي دوران هڪ جوابدار کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعوي ڪئي آهي جوابدار وٽان ڦر ڪيل موبائل فون ۽ پستل هٿ ڪيوويو آهي سندن 2 ساٿي موقع تان فرار ٿي ويا . جڏهن ته زخمي جوابدار جي سڃاڻپ ڪامران سولنگي طور ٿي آهي جيڪو پوليس کي اڳ ئي مختلف ڪيسن ۾ گهربل هيو حيدرآباد پوليس جي پي آر او ارسلان مهر موجب گرفتار ڪيل سمورن جوابدارن مٿان ڪيس داخل ڪري ڪين علاج لاءِ اسپتال موڪلي ڇڏيو آهي. جڏهن ته ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي حيدرآباد شاهزيب چاچڙ جي حڪمن موجب ڏوهارين خلاف سخت ڪارروائين جو سلسلو جاري آهي

بقايا 18 روزاني عبرت

550 رپيا ڪري ڇڏي آهي، پر ضلعي انتظاميه ۽ پرائس ڪنٽرول ڪميٽيون وڌندڙ قيمتن کي روڪڻ ۾ ناڪام نظر اچن ٿيون. ٻئي طرف ايل پي جي جي وڌيڪ قيمت سبب مسافر گاڏين جا ڀاڙا به وڌائي ڇڏيا آهن، جنهن جو بار سڌو سنئون شهرين تي پئجي رهيو آهي. شهري حلقن سخت ڳڻتي ۽ ڪاوڙ جو اظهار ڪيو آهي ۽ سوال اٿاريو آهي ته سڪر ۾ قيمت ڪنٽرول ادارا ڪهڙي ذميواري لاءِ قائم آهن؟ عوام کي مهانگائي ۽ منافع خورن جي رحم ڪرم تي ڇڏيو ويو آهي، شهرين اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته فوري طور تي نوٽيس وٺي، سرڪاري اگهن تي ايل پي جي جي وڪرو کي يقيني بڻايو وڃي، وڌيڪ وڪرو ڪندڙن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ قيمت ڪنٽرول سسٽم کي فعال بڻايو وڃي.

بقايا 19 روزاني عبرت

ڪيل فيصلن ۾ سالن کان هلندڙ ڪيسن ۾ ٺامڙ روينيو آفيسرن ۽ ٺجي ماڻهن کي بري ڪيو ويو سمورن جوابدارن طرفان ايڊووڪيٽ ذوالفقار عباسي ڪيسن جي پيروي ڪئي. تفصيل موجب ٺٽي ضلعي جي روينيو کاتي جي تپيدارن علي اڪبر مڱسي، گلزار مڱسي، جان محمد مڱسي ۽ 9 ٺجي ماڻهن خلاف سال 2009ع ۾ زمين جي رڪارڊ ۾ هيراڦيري ۽ ڪوڙو پاور آف اٽارني ٺاهي ڪروڙين رپين جي مبينا ڪرپشن جو ڪيس داخل ڪيو ويو هو جيڪو لڳ ڀڳ 15 سالن تائين هلڻ بعد عدالت جوابدارن کي باعزت بري ڪري ڇڏيو ٻئي ڪيس ۾ ڄامشوري ضلعي جي تپيدار رضا محمد لاشاري، ڏرهر داس ۽ سنڌس گهرواري خلاف ڪاڻي ٻولا خان واري علائقي ۾ زمين جو ڪوڙو کاتو ٺاهي لکين رپين جي مبينا ڪرپشن ڪرڻ جو الزام هو سال 2004ع ۾ داخل ڪيل ڪيس ۾ عدالت 21 سالن ڪانپوءِ جوابدارن کي بري ڪرڻ جو حڪم ڏنو ساڳئي ريت ڄامشوري ضلعي جي روينيو کاتي جي اڳوڻي مختيارڪار قادر بخش ڀٽي ۽ ٺجي شخص سڪندر پالاري خلاف سال 2004ع ۾ لکين رپين جي مبينا ڪرپشن جي الزام هيٺ داخل ڪيس جو فيصلو ٻڌائيندي عدالت پنهنجي جوابدارن کي ٻه 21 سالن کانپوءِ باعزت بري ڪري ڇڏيو ٺٽي ضلعي ۾ روينيو کاتي ۽ زرعي بئنڪ جي آفيسرن اسدالله سولنگي، منظور شاهه، عبدالماجد ڀٽو، سجاد وسطڙو اڳوڻي مختيارڪار محمد عثمان، تپيدار محمد سومار ۽ ٺجي ماڻهن سڪندر ۽ سومار ملڪاڻي خلاف ڪوڙا کاتا ٺاهي زرعي بئنڪ مان لکين رپين جي مبينا ڪرپشن جي الزام هيٺ سال 2011ع ۾ داخل ڇڙ ڪيسن ۾ پڻ عدالت جوابدارن کي باعزت بري ڪري ڇڏيو آهي ڪيس لڳ ڀڳ 15 سالن کان هلندڙ هئا حيدرآباد جي اڳوڻي سب رجسٽرار شبير قريشي ۽ ٺجي شخص منور خلاف سال 2016ع ۾ ڪوڙو پاور آف اٽارني رجسٽرڊ ڪري لکين رپين جي مبينا ڪرپشن ڪرڻ جي الزام هيٺ داخل ڪيس ۾ پڻ عدالت 10 سالن کانپوءِ جوابدارن کي باعزت بري ڪرڻ جو حڪم ڏنو عدالت جي انهن فيصلن سان روينيو کاتي جي حيدرآباد، ٺٽي ۽ ڄامشورو ضلعن سان لاڳاپيل سالن کان هلندڙ ڪرپشن جي ڪيسن ۾ ٺامڙ مجموعي طور 26 جوابدارن بري ٿي ويا. سمورن ڪيسن ۾ جوابدارن جي وڪالت ايڊووڪيٽ ذوالفقار عباسي ڪئي.

بقايا 20 روزاني عبرت

هڪ عظيم الشان جلسو درگاهه جي گادي نشين حضرت آغا فقير محمد جان نقشبندي جي نگراني ۾ منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ اهل سنت جماعت جي صوبائي امير مفتي محمد جان نعيمي، مفتي پير خليل احمد جان اشرفي، علامه زبير احمد هزاري، علامه عبيد الله ڏاهري، پير عبدالرحيم جان اشرفي، علامه محمد ابراهيم غفاري، ڊاڪٽر پير تجمر الدين اشرفي، علامه محمد صادق اشرفي سميت مختلف علماءِ ڪرام خطاب ڪندي چيو ته حضرت رهنماءِ سالڪين رح نقشبندي طريقي سان گڏ قادري طريقي جو روشن ڏيئو آهن، جنهن هزارين پنهنجي ماڻهن کي سڌي رستي تي آندو. سنڌن ڪشيل قلبن کي پنهنجي فيض سان روشن ڪيو. هن چيو ته اڄوڪي عرس مبارڪ جي هي محفل عام ناهي. رب تعاليٰ پنهنجي صالح ٻندن کي هن پاڪ محفلن ۾ گهرائيندو آهي. اهڙين محفلن ۾ رحمت نازل ٿيندي آهي. هن چيو ته هي عرس معمولي شخصيت ناهي، هي الله جو ڪامل ولي آهي. هنن عوام تي زور ڀريو ته پنهنجي مرشد جي نسبت اختيار ڪيو. پنهنجي اولاد کي ديني تعليم ڏياريو. پراڻو حق نه ڪائو. نماز قائم ڪيو. ان ۾ آخرت جي ڀلائي آهي. هن موقعي تي درود شريف 4 ڪروڙ 97 لک 66 هزار 950 ٻارا پڙهيو ويو. جڏهن ته قرآن شريف جا 7896 ختما، سوره يٰس 22075، سوره ملڪ 22345، سوره مزمل 137114، دلائل الخيرات 883، ڪلمو شريف 5 لک 51 هزار 223 پيرا پڙهي حضرت رهنماءِ سالڪين رح جن جي روح مبارڪ کي بخش ڪيا ويا. ٻئي طرف احمد زمان اشرفي، توفيق احمد اشرفي، اويس شاهه رضوي، سيد محبوب علي شاهه، فقير صالح محمد اشرفي، زيشان علي اشرفي، نور محمد ۽ نور احمد اشرفي جي ٻين مختلف نعتون پڙهي سامعين کي لطف اندوز ڪيو. ٻئي طرف عرس مبارڪ ۾ سنڌ ۽ پنجاب جي مختلف درگاهن جي گادي نشين ۽ علماءِ ڪرام پير شفيق احمد جان نقشبندي، پير محمد عارف جان نقشبندي، پير نثار احمد بوگر، پير منظور احمد دادوي، صاحبزاده پير اسد الله اشرفي، ڊاڪٽر پير منظور احمد اشرفي، پير رفيق احمد اشرفي، ايڊووڪيٽ پير فاروق احمد، قاري عزيز الله ٻگهيو سميت هزارين عقيدتمند ۽ معتقد حضرات شرڪت ڪئي. هوڏانهن ملڪ پاڪستان ۽ سنڌ جي ترقي ۽ خوشحالي، ايل زائرين جي حق ۾ خصوصي دعا گهري وئي. جڏهن ته درگاهه وهڙو شريف سان تعلق رکندڙ مختلف عقيدتمندن جي وفات تي سندن روح جي مغفرت لاءِ فاتحه قل پڙهيا ويا. ٻئي طرف پوليس انتظاميا سميت درگاهه جي جماعت پاران سيڪيورٽي جا انتظام سخت ڪيا ويا هئا. عرس مبارڪ جي موقعي تي ايل زائرين جي لاءِ لنگر جو پڻ بندوبست ڪيو ويو هو.

بقايا 21 روزاني عبرت

جوکيو جي آفيس ۾ اڪائونٽس رڪارڊ جي چڪاس پڻ ڪئي وئي آهي. اينٽي ڪرپشن آفيسر آغا حسين ۽ محمد نواز جي اڳواڻيءَ ۾ ڪارروائي بابت آفيسر آغا حسين ٻڌايو ته ڪاليج ۾ ڪرپشن بابت لکيل شڪايت ملڻ بعد جاچ شروع ڪئي وئي آهي. هن ٻڌايو ته ڪاليج انتظاميا کان لڳاتار ٻه ڀيرا رڪارڊ طلب ڪيو ويو آهي پر رڪارڊ فراهم نه ڪيو ويو جنهن تي اعليٰ اختيارين سان رابطو ڪيو ويو انهن جي اجازت ملڻ کان پوءِ ڪارروائي رد عمل ۾ آندي ويئي . هن ٻڌايو ته سال 2023ع کان 2026ع تائين جو رڪارڊ پڻ طلب ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ بجيٽ، ڪمپيوٽر ليب، اسٽيشنري ۽ ٻين خرچن جا تفصيل به شامل آهن. ٽيم لاڳاپيل رڪارڊ جون فوٽو ڪاپيون حاصل ڪيون آهن، جن جي ڇنڊڇاڻ کانپوءِ ڪرپشن ثابت ٿيڻ جي صورت ۾ قانون موجب ڪارروائي ڪئي ويندي. ٻئي طرف ڪاليج جي پرنسپال نجمه جوکيو اينٽي ڪرپشن ٽيم جي ڪارروائي تي پنهنجو رد عمل ڏيندو آهي ۽ سخت اعتراض پڻ ڪيو آهي هن جو چوڻ هو ڪنهن جي شرارت آهي جيڪا ڪوڙ تي مبني آهي . الزام هلندڙ چيو ته عورت پرنسپال کي اڪيلو ڏسي اينٽي ڪرپشن ٽيم حراسان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ ڪري ۾ اڪيلو واڙي بند ڪري رڪارڊ طلب ڪرڻ پڻ ڪئي. پرنسپال نجمه جوکيو ٻڌايو ته ڪاٺن سال 2023 ع کان 2026ع تائين جو رڪارڊ طلب ڪرڻ جي گهر ڪئي جنهن ۾ ڪمپيوٽر ليب، اسٽيشنري، بجيٽ ۽ ٻين خرچن جا تفصيل شامل آهن. هن وڌيڪ چيو ته هن معاملي کي سنجيدگي سان ڏسي رهي آهيان پنهنجي وڪيل سان صلاح مشورو ڪري قانوني طور ڪيس وڙهندس

بقايا 22 روزاني عبرت

آفيسر ۽ ٽيماٽنڊا، سماجي تنظيمن جا عهديدار، شاگرد، واپاري، ڊاڪٽر، شهر جا معزز ۽ مختلف شعبن سان واسطو رکندڙ ماڻهو شرڪت ڪندا.

بقايا 23 روزاني عبرت

سنڌ جي ٿالهياري ڦنڪارن رفيق فقير استاد الله ڏنو جوڻيجو سرهايا سومرو شازيه ماروي خوشي بلوچ صوبيا سومرو برڪت جمال فقير سڪندر شفيق فقير ۽ ٻين ڦنڪارن مختلف صوفيانا ڪلام ٻڌائي محفل ۾ ويٺل ماڻهن کي جهومائي واهه واهه ڪرائي جڏهن ته بهترين محفل ٻڌائيندڙ سرهايا سومرو کي درگاهه جي ولي عهد پير علي محمد شاهه جيلاني پاران خصوصي ايوارڊ پيش ڪيو ويو عرس مبارڪ جي موقعي تي پلن گهوڙن جي ڊوڙ جو زبردست مقابلو جاري آهي ان کان علاوه سنڌ جي قديمي راند ملاڪڙو جي ٽورنامينٽ ۾ ڪراچي جڏهن ته ٿرپارڪر ۽ اتر ۽ لاڙ جي مشهور پهلوانن جا مقابلا پڻ جاري آهن جڏهن ته عوام جي تفريح لاءِ سرڪس جهولا ۽ ميناڻين جا دڪان پڻ سنگاريا ويا آهن.

بقايا 24 روزاني عبرت

ڪري ڇڏي ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو فوتي جو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو

بقايا 25 روزاني عبرت

شاهاڻي کي گرفتار ڪيو گرفتار جوابدار جي قبضي مان پستل هٿ ڪري سنڌس خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو آهي پوليس موجب گرفتار جوابدار جو ڪرمنل رڪارڊ پڻ چيڪ ڪيو پيو وڃي، جڏهن ته واقعي بابت وڌيڪ جاچ جاري آهي

بقايا 26 روزاني عبرت

سياسي سماجي واپاري اڳواڻن ڏکڙي تي پهچي سيٺ اڳر مل جي ديهانت تي ڏک جو اظهار ڪيو سيٺ اڳر مل جي پٽن پاران ڪيرو ۽ ڦاڻر ڪيل ڪاٺ فيڪٽري بهترين ڪيهو جي سيل ڪرڻ سبب ايوارڊ پڻ مليو هو سيٺ اڳر مل جي ديهانت تي ڪيرو لوهاڻا پنچايت واپاري ايسوسيئيشن جي اڳواڻن پڻ دلي ڏک جو اظهار ڪيو آهي.

بقايا 27 روزاني عبرت

ڏنو آهي ته ڊاڪٽرن جي سروس اسٽرڪچر کي منظور رکي ڊاڪٽرز ڪميونٽي کي پريشان ڪرڻ جو سلسلو بند نه ٿيو ته سرڪاري اسپتالن تائين احتجاجي تحريڪ جو دائرو وڌايو ويندو. اهڙو اظهار ينگ ڊاڪٽرز ايسوسيئيشن جي مرڪزي چيئرمين ڊاڪٽر محبوب علي ٿوناري ينگ ڊاڪٽرز ايسوسيئيشن سنڌ جي صدر ڊاڪٽر روشن چانڊيو ينگ ڊاڪٽرز ايسوسيئيشن حيدرآباد جي اڳواڻ ڊاڪٽر راڪيش ڪمار ينگ ڊاڪٽرز ايسوسيئيشن ضلعي ٺٽي جي صدر ڊاڪٽر ساجد شيخ ڊاڪٽر آڪاش عباسي ۽ ٻين مڪلي تي ڊاڪٽرن جي مسئلن بابت سڏايل ويهڪ ۾ خطاب ڪندي ڪيو. اُن موقعي تي خطاب ڪندي ينگ ڊاڪٽرز ايسوسيئيشن جي مرڪزي چيئرمين ڊاڪٽر محبوب علي ٿوناري چيو ته سنڌ جي اسپتالن ۾ سياسي مداخلت سبب سيڪريٽري کان وٺي اهم عهدن تي ڊاڪٽرن بجاءِ نان ٽيڪنيڪل عملدار مقرر ٿيل آهن جنهن سبب ڊاڪٽرز ڪميونٽي لاءِ مشڪلاتون وڌي رهيون آهن هن چيو ته هڪ طرف ايف بي آر جي حراسمينٽ پاليسين سبب ڊاڪٽر غير محفوظ بڻيل آهن ته ٻئي طرف سرڪاري اسپتالن ۾ سهولتون فراهم ڪرڻ بدران ڊاڪٽرن کي پريشان ڪرڻ لاءِ غلط پاليسيون اختيار ڪيون پيون وڃن جنهن جو تازو مثال حيدرآباد جي 27 ڊاڪٽرن تي غير قانوني طور ڪيس داخل ڪرڻ آهي جڏهن ته هيلٿ ڪميشن پنهنجي انڪوائري ۾ ڊاڪٽرن کي بي ڏوهي قرار ڏنو آهي. هن وڌيڪ چيو ته سنڌ جي سرڪاري اسپتالن کي صرف پي پي ايڇ آءِ ۽ ٻين ادارن حوالي ڪرڻ توڙي رٽائرڊ ڊاڪٽرن جي مقرري سان نوجوان ڊاڪٽرن جي حق تلفي ٿي رهي آهي هن چيو ته پي ايم اي سميت مختلف فورمن کي استعمال ڪندي ينگ ڊاڪٽرز ايسوسيئيشن پاران ايڪشن ڪميٽيون ٺاهي ڊاڪٽرن جي تحفظ ۽ بهتري لاءِ قدم کنيا ويندا چاڪاڻ جو اسپتالن ۾ مقرر ڊي ايڇ اوز ۽ ايم ايس عهدن تي مقرر انتظامي عملدارن جي غير ذميواري سبب سرڪاري اسپتالن جي هر ڊاڪٽر کي ڏيڍ سئو کان 2 سئو مريض روزانو ڏسڻا پون ٿا جنهن سبب بدانتظامي پيدا ٿئي ٿي ۽ ڊاڪٽرن کي خانگي ادارن جي پيٽ ۾ سرڪاري سطح تي گهٽ پگهارون ڏنيون وڃن ٿيون. ينگ ڊاڪٽرز ايسوسيئيشن جي مرڪزي چيئرمين ڊاڪٽر محبوب علي ٿوناري پاران اعلان ڪيو ويو ته ايف بي آر جي غلط پاليسين ۽ ڊاڪٽرن کي حراسان ڪرڻ خلاف پهرين نومبر تي پي ايم اي سان گڏجي سڄي سنڌ ۾ ڊاڪٽرن پاران احتجاجي مظاهرا ڪيا ويندا ۽ ڊاڪٽرن بابت حڪومتي پاليسيون تبديل نه ڪيون ويون ته احتجاجي تحريڪ سرڪاري اسپتالن تائين وڌائي سخت احتجاج ڪيا ويندا. اُن موقعي تي ينگ ڊاڪٽرز ايسوسيئيشن ضلعي ٺٽي جي ٿئين باڊي جو اعلان پڻ ڪيو ويو جنهن تحت صدر ڊاڪٽر ساجد شيخ نائب صدر ڊاڪٽر شيارام ڪمار نائب صدر ڊاڪٽر عطاءالله ڪلمتي نائب صدر ڊاڪٽر غلام علي دايو جنرل سيڪريٽري ڊاڪٽر آڪاش عباسي ڊپٽي جنرل سيڪريٽري سلام الله شاهه خزانچي ڊاڪٽر مدد علي جوکيو اطلاعات سيڪريٽري ڊاڪٽر مبشر جوکيو ميڊيا ڪوآرڊينيٽر ڊاڪٽر صفدر علي خواجه سميت ٻيا ڊاڪٽر مختلف عهدن تي مقرر ڪرڻ جو اعلان پڻ ڪيو ويو.

بقايا 28 روزاني عبرت

وصول ڪرڻ بعد سروي ڪرڻ بدران پنهنجو سامان ڇڏي غائب ٿي وئي آهي،جڏهن ته آفيس جو عملو به ڪين ڪو تسلي بخش جواب ڏيڻ لاءِ تيار ناهي،اسلام ڪوٽ جي مختلف ڳوٺن جهاتڱرو، منڱو آريس سنهيون منڱيو رائيڏڙي، ڪرڙيو احسان شاهه، ڪاٺڙ، منڱانو چاڪر ۽ ويري پيٽ جي رهواسي ڏڪار متاثر غريب ۽ مستحق عورتن ڏائي ٻائي، ناملي ٻائي، مهربي ٻائي، لاڏو ٻائي، بصران ٻائي سميت ٻين عورتن ۽ مردن علي اصغر حجام، ڪندو ڀيل، الجي ڀيل ۽ ٻين پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪندي ڏانهيو ته ٿر ۾ ڏڪار سبب غريب خاندان اڳ ئي سخت معاشي ڏکيائين جو شڪار آهن،فصل ناهن ٿيا،روزگار جي ڪوٽ ۽ مهانگائي سبب سندن گذر سفر به مشڪل بڻيل آهي،اهڙي صورتحال ۾ مستحق عورتن کان سروي جي نالي تي هزارين رپيا وٺڻ سندن لاءِ وڌيڪ پريشاني جو سبب بڻجي ويو آهي،متاثر عورتن الزام هنيو ته بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي آفيس ۾ هڪ عورت جيڪا پاڻ کي ليڊي هيلٿ ورڪر سڏرائيندي هئي،تنهن سروي ڪرائڻ جي بهاني ڪاٺن پنج پنج هزار رپيا وصول ڪيا پر سروي ڪرڻ بدران اها عورت پنهنجو سامان ڇڏي غائب ٿي وئي آهي جيڪو سامان اسان وٽ موجود آهي،هنن چيو ته هو غريب ۽ مستحق عورتون آهن،جن بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي سروي بعد انهي مان سهارو ملڻ گهرجي پر سروي جي نالي تي ڪاٺن رقم وصول ڪري ڪين مبينا طور فراڊ جو نشانو بڻايو ويو آهي،آفيس ۾ رشوت خوري جي بازار گرم آهي،هنن وڌيڪ ڏانهيندي چيو ته واقعي بابت بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي آفيس جي عملي کان بار بار پڇا ڳاڇا ڪئي وئي پر ڪين ڪو به تسلي بخش جواب نه مليو،عملو چوي ٿو عورت کي اسان سڃاڻون نٿا،اگر هو سڃاڻن ٿا ته انهي کي آفيس اندر ڪرسي ڏئي عورتن کي ڦرڻ جو ڏياريو،انڪم پروگرام آفيس جو عملو هن سموري عمل ۾ ملوث آهي،عورتن الزام هنيو ته آفيس جي عملي جي مبينا ملي ڀڳت ڪانسواءِ ڪو به شخص آفيس اندر ويهي اهڙي نموني عورتن کان رقم وصول نٿو ڪري سگهي،تنهنڪري معاملي جي مڪمل جاچ ڪرائي وڃي ۽ اهو به معلوم ڪيو وڃي ته رقم ونڊندڙ عورت ڪهڙي حيثيت سان آفيس ۾ موجود هئي،احتجاج ڪندڙ عورتن چيو ته ڏڪار سٽيل ٿر ۾ غريب خاندان لاءِ هن ويلن جي مانيءَ جو بندوبست ڪرڻ به ڏکيو ٿي پيو آهي،اهڙي وقت ۾ مستحق عورتن کي امداد فراهم ڪرڻ بدران سروي جي بهاني ڪاٺن رقم وٺڻ واري مبينا واقعي سندن پريشانين ۾ اضافو ڪري ڇڏيو آهي،هنن مطالبو ڪيو ته غريب ۽ ڏڪار متاثر عورتن جي شڪايتن جو فوري ازالو ڪيو وڃي،متاثر عورتن اعليٰ اختيارين ضلعي انتظاميا ۽ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي لاڳاپيل عملدارن کان مطالبو ڪيو ته واقعي جو فوري نوٽيس وٺي شفاف جاچ ڪرائي وڃي،سروي جي بهاني ورتل رقم واپس ڪرائي وڃي ۽ جيڪڏهن آفيس جو ڪو عملدار ملوث ثابت ٿئي ته ان خلاف قانوني ڪارروائي ڪري ڏڪار متاثر غريب ۽ مستحق عورتن کي انصاف فراهم ڪيو وڃي

Oil & Gas Development
Company Limited

ogdcl the energy

INVITATION TO E-BIDS
THROUGH SAP ARIBA DISCOVERY

E-Bids are invited through SAP-Ariba Discovery for the service/material given below under competitive bidding procedure as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) rules:

SR #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	CLOSING DATE & TIME
1.	OGDC-SCM-SER-CB-DO-342082381-2026	HIRING OF 2500-3000HP RIG	17.11.2026 AT 1430 Hrs
2.	OGDC-SCM-FC-CB-DO-342255232-2026	PROCUREMENT OF 5 INCH LINER HANGERS	30.11.2026 AT 1430 Hrs
3.	OGDC-SCM-FD-CB-ML-341867750-2026	MUD LOGGING SPARES	30.11.2026 AT 1430 Hrs
4.	OGDC-SCM-FC-CB-DO-342249935-2026	PROCUREMENT OF 7 INCH LINER HANGERS	01.12.2026 AT 1430 Hrs
5.	OGDC-SCM-FC-CB-PNP-NASHPA-341818781-2026	FLOW SERVE POSITIONERS	02.12.2026 AT 1430 Hrs

2. All bids will be opened 30 minutes after the bids closing date & time.
3. This Tender Notice is available on PPRA **website at www.ppra.org.pk.**
4. Tender documents are available online and bids are also required to be submitted online through e-procurement portal at **https://ogdcl.com/sap-ariba-tenders** or **https://discovery.ariba.com/profile/AN01562899621.** For details see "Instruction for Bidders Section" of the tender documents.

General Manager
(Supply Chain Management)
Oil & Gas Development Company Limited
OGDC Headquarters, Plot 03, F-6/G-6, Jinnah Avenue, Blue Area Islamabad-Pakistan
Tel: +92 (51) 920023540/3795

ogdcl.com
No. 255/18

LARGEST TAX PAYER COMPANY OF THE NATION   WE EXPLORE PROSPERITY

گمبٽ لڳ شادي تقريب ۾ فائرنگ دوران هڪ نينگر مارجي ويو، ٻيو زخمي، خوشيو ماتم ۾ تبديل

ڳوٺ لعل ڏنو اڄڻ ۾ عابد اڄڻ جي شادي جي تقريب ۾ فائرنگ دوران گهوٽ جو ڀائٽيو 8 ورهين جو عبدالحفيظ مارجي ويو

اطلاع تي پوليس پهچي فائرنگ ۾ زخمي ٿيل نوجوان نسيم اڄڻ ۽ لاش ڪٺائي اسپتال منتقل ڪيو

لاش پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪيو، نينگر جو لاش گهر پهچڻ تي شادي جون خوشيون ماتم ۾ تبديل ٿي ويون

گمبٽ (رپورٽ : مريد ڪاتوري) گمبٽ لڳ ڪنڊو مستي ٿاڻي جي حد ڳوٺ لعل ڏنو اڄڻ ۾ شادي جي تقريب دوران فائرنگ جي نتيجي ۾ اٺ سالا نينگر مارجي ويو ۽ هڪ نوجوان زخمي ، شادي جون خوشيون ماتم ۾

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

خانپور مهر: فوت ٿيل نينگر جو لاش پيل آهي

خانپورمهر ويجهو معصوم ٻارڙي تلاءَ ۾ ٻڏي فوت، گهر ۾ ڪهرام

ڳوٺ جادو پتافي ۾ 4 ورهين جو انس علي پٽ رفيق پتافي راند ڪندي ٻڏي ويو

نينگر کي وارث اسپتال پهچا جتي ڊاڪٽرن فوتگي جي تصديق ڪئي ته ڪهرام مچي ويو

خانپور مهر(ن ع) خانپور مهر ويجهو ڳوٺ جادو پتافي ۾ افسوسناڪ واقعو پيش آيو جتي چار ورهين جو معصوم ٻار انس علي پٽ رفيق پتافي پاڻيءَ جي تلاءَ ۾ ٻڏي فوت ٿي ويو وارثن موجب ٻارڙو گهر ٻاهران راند ڪيڏي رهيو هو ته اوچتو پير ترڪڻ سبب تلاءَ ۾ ڪري پيو ۽ ٻڏي ويو ٻارڙي کي فوري طور ويجهي اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي ڊاڪٽرن سندس فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي واقعي سبب گهر ۾ ڪهرام مچي ويو جڏهن ته علائقي جي فضا سوڳوار بڻجي وئي

CHIEF GUEST
Barrister Pir Mujeeb-ul-

دادو: اڪيڊمڪ ايڪسيلينٽ ايوارڊ تقريب ۾ اڳواڻن جو روٽل گروپ فوٽو

ملاڪاتيار ويجهو رولو ڪتن جي حملي ۾ وڌيڪ ٻه عورتون زخمي، ويڪسين نه ملي

ڳوٺ وسي ملوڪ شاهه لڪڙ ۾ ڪتن جا حملا معمول بڻجي ويا، اڳ ۾ چار ٻار زخمي ٿي چڪا

پي پي ايڇ آءِ سينٽر ۾ ويڪسين موجود نه هجڻ سبب زخمي مريض سخت پريشان

ملاڪاتيار (ن ع) ملاڪاتيار ويجهو ڳوٺ وسي ملوڪ شاهه لڪڙ ۾ ڪتن جا حملا روز جو معمول بڻجي ويا! تازو چار ٻار زخمي ٿيڻ ڪانپوءِ اڄ وڌيڪ ٻن عورتن کي ڪتن چڪ هڻي زخمي ڪري ڇڏيو علائقي واسين ۾ خوف پکڙيل آهي هڪ طرف ڪتن جا حملا ٻئي طرف ويڪسين جي کوٽ پي پي ايڇ آءِ سينٽر ۾ ڪتن جي چڪ واري ويڪسين موجود نه هجڻ سبب زخمي مريض سخت پريشانين کي منهن ڏئي رهيا آهن ڊپٽي ڪمشنر ٽنڊو محمد

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

گمبٽ ويجهو ٽرڪ جي گڏهه گاڏي کي ٽڪر لڳڻ سبب نوجوان ٿاڏي تي فوت

ڪرونڊي ڪاليج وٽ پيش آيل حادثي ۾ نوجوان لکمير مجيداڻو ٿاڏي تي دم ڏنو

اطلاع تي پوليس پهچي نوجوان جو لاش ڪٺائي اسپتال منتقل ڪري جاچ شروع ڪئي

گمبٽ (ت.ر) مهراڻ هاءِ وي روڊ تي خوفناڪ حادثو ٽرڪ جي ٽڪر لڳڻ سبب نوجوان فوت ٽرڪ ڊرائيور ٽرڪ سميت فرار! ڪرونڊي لڳ ڪرونڊي ڪاليج وٽ مهراڻ هاءِ وي روڊ تي تيز رفتار ٽرڪ جي ٽڪر لڳڻ سبب ڳوٺ محمد ملوڪ مجيداڻو جو رهواسي گڏ گاڏي سوار نوجوان لکمير مجيداڻو ٿاڏي تي فوت ٿي ويو اطلاع تي حد جي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش کي اسپتال منتقل ڪيو جتان ضروري ڪاروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

اسلام ڪوٽ ۾ بي آءِ ايس پي سروي بهاني اوڳاڙي خلاف عورتن جو مظاهرو

ليڊي هيلٿ ورڪر سڏائيندڙ عورت رقم وصول ڪرڻ بعد غائب ٿي وئي آهي: متاثر

بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي آفيس جو عملو پڻ ڪابه واهر نٿو ڪري: الزام

اسلام ڪوٽ (ن ع) ٿر ۾ ڏڪار سبب اڳ ئي معاشي پريشانين کي منهن ڏيندڙ غريب ۽ مستحق عورتن کان اسلام ڪوٽ جي بينظير انڪم سپورٽ پروگرام آفيس ۾ سروي جي بهاني پنج پنج هزار رپيا وصول ڪرڻ جو انڪشاف سامهون آيو آهي.انهي سلسلي ۾ متاثر عورتن اسلام ڪوٽ پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪندي ڏانهيواحتجاج ڪندڙ عورتن الزام هنيو ته پاڻ کي ليڊي هيلٿ ورڪر سڏائيندڙ هڪ عورت ڪانئن رقم

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

پريس ڪلب اسلامڪوٽ

اسلامڪوٽ: ڳوٺاڻا مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

ڪوٽڙي سائيٽ ۾ مڙس پاران لاتعلق ڪيل عورت دربدر، فاقاڪشي جو شڪار

مڙس قربان شاهه راشدي مان کيس ٻن ٻچن جو اولاد آهي، جن کي ملڪيت مان حصو نٿو ڏئي: سلمه ناز

مجبوري ۾ پنهنجي ٻارن سان گڏ رلي رهي آهيان، جن گهرن تي مونکي ڌمڪيون ملي رهيون آهن: الزام

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) ڪوٽڙي سائيٽ جي رهواسڻ سلمه ناز ڪوٽڙي ٿاڻڪ لڳ ڊي سي آفيس وٽ احتجاج ڪندي چيو 17 سال اڳ منهنجو نڪاح سيد قربان شاهه راشدي سان ٿيو هيو جنهن مان مون کي ٻن ٻچن جو اولاد آهي منهنجي مڙس مون کان لاتعلقي ڪري ڇڏي آهي مان فاقاڪشي جي زندگي گذاري رهي آهيان تمام ڏکي آهيان ٻئي طرف منهنجي ٻارن جو مستقبل تباهه ٿي رهيو آهي مون کي رستو نه ٿو ملي جنهن تي هلي مان پنهنجو

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد پوليس پاران 2 جوابدار مقابلي دوران زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعوي

مڪي شاهه ٿاڻي جي پوليس مقابلي بعد جوابدار ياسر ماڇي سولنگي کي گرفتار ڪيو

نسيم نگر پوليس پوليس پاران ڪامران سولنگي کي مقابلي بعد گرفتار ڪرڻ جي دعوي ڪئي

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد پوليس جون مختلف هنڌن تي ڏوهارين خلاف سخت ڪريڪ ڊائون، پوليس پاران 2 جوابدار پوليس مقابلي دوران زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعوي , سندن قبضي وٽان غير قانوني هٿيار هٿ ۽ موبائل فون هٿ ڪيا ويا آهن. خبر موجب حيدرآباد پوليس جي پي آر او ارسلان مهر موجب مڪي شاهه ٿاڻي جي پوليس ڪينٽ قبرستان وٽ چيڪنگ ڪري رهي هئي ته هڪ موٽر سائيڪل تي ويندڙ مشڪوڪ جوابدارن کي

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

سکر ۾ ايل پي جي قيمت 550 رپيا في ڪلو تائين پهچي وئي، انتظاميه غائب

مهانگي گئس سبب مسافر گاڏين جا ڀاڙا وڌڻ سبب مسافر ۽ گهرو صارفين سخت پريشان

پرائس ڪنٽرول ڪميٽين جي ڪارڪردگي تي سواليا نشان بڻيل، رهواسين پاران نوٽيس جو مطالبو

سکر (بيورو رپورٽ) سکر ۾ ايل پي جي مافيا عروج تي آهي قيمت 550 رپيا في ڪلو تائين پهچي وئي آهي انتظاميه غائب آهي مهانگي گئس سبب شهرين تي مهانگائي جو هڪ ٻيو ڏک مسافر گاڏين جا ڀاڙا به وڌي ويا آهن پرائس ڪنٽرول ڪميٽين جي ڪارڪردگي تي سواليا نشان خبر موجب، سکر ۾ ايل پي جي جون قيمتون من ماني سان وڌي رهيون آهن ايل پي جي گئس وڪرو ڪندڙ دڪاندار في ڪلو گئس جي قيمت 400 رپين کان وڌائي

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي سائيٽ: اينٽي ڪرپشن ٽيم مقامي اسپتال جو دورو ڪري رهي آهي

ڄامشورو لياقت ڪاليج آف نرسنگ فيميل ۾ اينٽي ڪرپشن ڪارروائي، ڇهن سالن جو رڪارڊ طلب

اينٽي ڪرپشن آفيسر آغا حسين ۽ محمد نواز جي اڳواڻيءَ ۾ ڪرپشن بابت شڪايتن تي جاچ شروع ڪئي وئي

ڪاليج انتظاميا کان لڳاتار ٽي ڀيرا رڪارڊ طلب ڪيو ويو آهي پر رڪارڊ فراهم نه ڪيو ويو : عملدار

عورت پرنسپال کي اينٽي ڪرپشن ٽيم حراسان ڪري رهي آهي، قانوني طور ڪيس وڙهندس: نجمه جوکيو

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) ڄامشورو جي لياقت ڪاليج آف نرسنگ فيميل ۾ اينٽي ڪرپشن ٽيم جي ڪارروائي ڪاليج انتظاميا کان ڇهن سالن جو سالي رڪارڊ طلب ڪري ورتو ٻئي پاسي پرنسپال نجمه

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

سکر ضلعي انتظاميا پاران
ڪشميري عوام سان حمايت لاءِ
اڄ يوم سياهه ملهايو ويندو

سکر(بيورو رپورٽ) ضلعي انتظاميا سکر پاران ڪشميري عوام سان يڪجهتي جي اظهار ۽ سندن حق خوداراديت جي حمايت لاءِ اڄ 27 آڪٽوبر تي يوم سياهه ملهايو ويندو ان سلسلي ۾ 27 آڪٽوبر تي صبح جو 10 وڳي سکر ميونسپل اسٽيڊيم کان سکر پريس ڪلب تائين يڪجهتي ريلي ڪڍي ويندي ريلي جي اڳواڻي ڊپٽي ڪمشنر نادر شهزاد خان ڪندو ريلي ۾ سمورن سرڪاري ۽ غير سرڪاري ادارن جا

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوغلام علي: خودڪشي ڪندڙ نوجوان جو لاش پيل آهي

ٽنڊوغلام علي ويجهو نوجوان
پورهيت ڦاهو کائي خودڪشي
ڪري ڇڏي، گهر ۾ ڪهرام

ٽنڊوغلام علي (ن ع) ٽنڊوغلام علي لڳ صابن دستي ويجهو ڳوٺ حاجي ڏٽي بخش احمداڻي ۾ گهر پرسان انبن جي باغ ۾ 18 سالا نوجوان پورهيت پريو ولد پريمو ڪولهي گهڄيءَ ۾ ڦاهو وجهي زندگي جو انت آڻي ڇڏيو اطلاع تي ٽنڊوغلام علي پوليس سرڪلن تي پهچي جتي وارثن ٻڌايو ته نوجوان جو ذهني توازن صحيح نه هئڻ ڪري گهر مان نڪري اچ هن خودڪشي

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار لڳ روحاني پيشوا حضرت پير شير محمد شاهه جيلاني رح عرس شروع

ڳاڄيلو شريف ۾ سجاده نشين پير ڇڻن شاهه جيلاني ولي عهد پير علي محمد شاهه ٻين درگاهه تي چادر چاڙهي

راڳ رنگ جي محفل ۽ نديمي راند ملاکڙو منعقد، اتر ۽ لاڙ جي مشهور پهلوانن جوهر ڏيکاريا

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) ٽنڊوالهيار لڳ ڳاڄيلو شريف ۾ اوليا الله عظيم روحاني پيشوا حضرت پير شير محمد شاهه جيلاني رح جو 99 هون ساليانو عرس مبارڪ نهايتي عقيدت ۽ احترام سان شروع ٿي ويو آهي درگاهه جي حويلي مان مهيندي جي رسم نڪتي جيڪا درگاهه جي سجاده نشين پير ڇڻن شاهه جيلاني ولي عهد پير علي محمد شاهه جيلاني ۽ مريدن سان گڏجي درگاهه تي پهتي جتي چادر چاڙهي ميلي جي رسمن جو باقاعده افتتاح ڪيو ۽ ملڪ جي سلامتي لاءِ دعائون پڻ گهريون ويون جڏهن ته راڳ رنگ جي محفل ٿي گذري جنهن ۾

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

جهيم خاني حيدرآباد جو نوجوان ملازم
نبيل احمد پٺي مبينا طور لاپتا، وارثن
پاران ڳولا ۾ مدد جي اپيل

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) پٺي ڳوٺ حيدرآباد جو رهواسي نبيل پٽ نعيم راڄ جو جهيم خاني مان ڊيوٽي ڏئي گهر رهي رهيو هو ته هو رستي مان پراسرار طور لاپتا ٿي ويو ۽ گهر نه پهتو گذريل سڄو ڏينهن مائٽن توڙي دوست ڳولا ڪئي پر ڪائين ان جو ڪو ڏس پتو نه پئجي سگهيو آهي. رابطي ڪرڻ تي نبيل احمد پٺي جي وارثن چاچي شڪيل احمد پٺي ٻڌايو ته

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

گمبٽ .شادي ۾ فائرنگ دوران فوت ٿيل نينگر جو لاش پيل آهي

مٽياري پرسان هٿيابندن فائرنگ
ڪري نوجوان کي زخمي ڪري
ڇڏيو، اسپتال منتقل

مٽياري (ڊ ر) مٽياري پرسان الهڏنو سانڌ ۾ رند برادري ماڻهن پاران خاصخيلي برادري جي نوجوان کي فائرنگ دوران زخمي ڪري ڇڏيو نوجوان اسپتال منتقل مٽياري پرسان الهڏنو سانڌ ۾ وچ شهر ۾ افسوسناڪ واقعو پيش آيو جنهن ۾ امجد خاصخيلي نالي نوجوان کي گوليون هڻي زخمي ڪري ڇڏيو جنهن دوران فائرنگ ۾ امجد عرف امجو خاصخيلي گوليون لڳڻ

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

فقيرآباد ۾ ڏينهن ڏٺي ڦر جون
ٻه وارداتون، مزاحمت ڪرڻ تي
هڪ ڄڻو زخمي

فقيرآباد(ن ع) فقيرآباد ۾ موٽر سائيڪل تي سوار ڪي هٿيارٻند ڦورو علي وارث پٺي کان سندس سي ڊي موٽر سائيڪل ڦر ڪري رهيا هئا ته ان دوران اشرف چانڊيو مزاحمت ڪئي جنهن تي ڦورن پستل جو

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم ۾ عورت جو پاڙن جي
زيادتين خلاف احتجاج، انصاف ۽
تحفظ جو مطالبو

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم جي ڳوٺ جاڙ محمد مڪسي جي رهواسي پيٽن جو پاڙن تي زمين مان حصو گهرڻ تي تشدد ڪرڻ

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

هيلٿ سٽي گمبٽ جي قيام ۽ ترقيءَ لاءِ ڪم ڪري رهيو آهيان: ڊائريڪٽر گمس

منصوبو سڄي پاڪستان لاءِ صحت جي شعبي ۾ اهم سنگ ميل ثابت ٿيندو

چيئرمين بلاول ڀٽو کي اپيل ٿا ڪريون ته منصوبي کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ ڪردار ادا ڪري

گمبٽ (رپورٽ : مريد ڪاتوري) سنڌ جي صحت، تعليم ۽ طبي صنعت جي ترقيءَ لاءِ هڪ اهم منصوبو گمس گمبٽ جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر رحيم بخش ڀٽي سان سندس آفيس ۾ هڪ اهم ملاقات ٿي، جنهن ۾ ڊائريڪٽر فنانس آصف کهڙو ڊاڪٽر نديم ٻاجڪاڻي، عبدالمجيد پنهور، عامر عباسي , مريد حسين ڪاتوري ۽ اسد تاريجو پڻ موجود هئا. ملاقات دوران ڊاڪٽر رحيم بخش ڀٽي ٻڌايو ته هو هيلٿ سٽي گمبٽ جي قيام ۽ ترقيءَ لاءِ ڪم ڪري

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

گمبٽ: ڊي جي گمس سان هيلٿ سٽي ۾ آيل وفد ملاقات ڪري رهيو آهي

حيدرآباد جي اينٽي ڪرپشن اسپيشل ڪورٽ پاران محفوظ فيصلا جاري

ٺٽي، ڄامشورو ۽ حيدرآباد جي 26 جوابدارن کي باعزت بري ڪرڻ جو حڪم جاري

زمينن ۾ هيراڦيري ۽ ٻين ڪيسن ۾ جوابدارن پاران ايڊووڪيٽ ذوالفقار عباسي پيروي ڪئي

حيدرآباد (رپورٽ: غلام حسين خاصخيلي) صوبائي اينٽي ڪرپشن جي اسپيشل ڪورٽ حيدرآباد روينيو کاتي جي حيدرآباد ٺٽي ۽ ڄامشوري ضلعن سان لاڳاپيل زمينن جي رڪارڊ ۾ مبينا هيراڦيري، ڪوڙا ڪاتا ۽ پاور آف اٽارني ڏاهي مالي ڪرپشن ڪرڻ جي الزامن هيٺ داخل 5 محفوظ ڪيل ڪيسن جا فيصلا جاري ڪندي 26 جوابدارن کي باعزت بري ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي اسپيشل جج سيد خليل انور حسين جعفري جي عدالت پاران جاري

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

پاڻ لڳ حضرت خواجا فقير محمد جان نقشبندي جو 72 هون عرس ملهايو ويو

درگاهه جي گادي نشين حضرت آغا فقير محمد جان نقشبندي جي نگراني ۾ جلسو منعقد

عرس جي موقعي تي درود شريف 4 ڪروڙ 97 لک 66 هزار 950 ڀيرا ۽ قرآن شريف جا 7896 ختما ڪيا ويا

پاڻ سيد آباد (ن ع) سنڌ جي عظيم روحاني رهنما بزرگ حضرت خواجه فقير محمد جان نقشبندي المعروف رهنما سالڪين رح جن جو 72 هون ساليانو عرس مبارڪ پاڻ سيس آباد ويجهو سنڌن درگاهه ويهڙ شريف ۾ نهايت عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو. عرس مبارڪ جي موقعي تي

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

خيرپور پوليس پاران
جوابدار کي هٿيارن سميت
گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

خيرپور(ڊر)خيرپور پوليس پاران ڏوهاري سرگرمين ۾ ملوث هجڻ جي شڪ ۾ ايڪٽو ڪرمنل جوابدار عبدالجبار شاهاڻي کي گرفتار ڪري سندس قبضي مان پستل هٿ ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي وئي آهي.پوليس موجب گمبٽ ٿاڻي جي ايس ايڇ او محمد هاشم هڪڙو گشت دوران ڪارروائي ڪندي جوابدار عبدالجبار

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

ڪيهرو جي سنڌ گولڊ ڪاٽن
فيڪٽري جو مالڪ سيٺ آڳر
مل لوهاڻو ديهانت ڪري ويو

ڪيهرو(ن ع) ڪيهرو جي ڪاروباري شخصيت سنڌ ڪاٽن فيڪٽري جو مالڪ سيٺ آڳر مل لوهاڻو ڪجه عرصو بيمار رهڻ بعد ڪراچي ۾ ديهانت ڪري ويو سرڳواسي جو آخري رسمون ڪراچي ۾ ادا ڪيون ويون پوئيرن سيٺ ڪرشن مل سيٺ هري رام ،ڊاڪٽر ڇتو مل آڳر مل سان مختلف

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

چڪ: ڳوٺاڻا مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

سوڊان: نيم فوجي گروپ ريپڊ سپورٽ فورسز ڊرون حملن بعد پاور پلانٽس مان دونهو اٿي رهيو آهي

سيوهڻ ويجهو سي اين جي اسٽيشن تي وين ۾ گئس ڀرڻ دوران باهه، 3 ڄڻا زخمي

قلندر سي اين جي تي گئس ڀرڻ دوران گاڏي جو نوزل نڪرڻ سبب باهه وڪوڙي وئي

باهه سبب ۾ ملازم علي اختر ٻگهيو، عبدالرشيد شاهه ۽ وين ڊرائيور زخمي ٿي پيا، اسپتال منتقل

سيوهڻ(ن ع) ڪول پلازا سيوهڻ ويجهو انڊس هاءِ وي تي سي اين جي اسٽيشن تي وين ۾ گئس ڀرڻ دوران گئس جو نوزل وين مان نڪري هيٺ ڪري پيو جنهن جي نتيجي ۾ گئس جو نوزل وين مان نڪري هيٺ ڪري پيو جنهن مان باهه جو شعلو ڀڙڪي اٿيو ۽ 3 ڄڻا زخمي ٿي پيا. زخمين ۾ قلندر سي اين جي اسٽيشن جا 2 ملازم علي اختر ٻگهيو عبدالرشيد شاهه ۽ وين ڊرائيور شامل آهن. واقعي بعد زخمين کي طبي امداد لاءِ سيد عبدالله شاهه انسٽيٽيوٽ

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

پيرجوڳوٺ لڳ جوابدارن آبادگار جي ڪچين جي بارداني کي ساڙي ڇڏيو، احتجاج

متاثرين عبدالغفور ميتلو، زليخان، روبينه، سڪينه ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

باهه لڳڻ سبب 35 سئو کان وڌيڪ ٽوٽا سڙي رک ٿي ويا: متاثر عبدالغفور ميتلو

گمبٽ (ت.ر) پيرجوڳوٺ جي ڳوٺ الهورايو ميتلو ۾ جوابدارن آبادگار عبدالغفور ميتلو جي ڪچين جي بارداني ٽوڪن کي باهه ڏئي ساڙي ڇڏيو باهه لڳڻ سبب 35 سئو کان وڌيڪ ٽوٽا سڙي رک ٿي ويا آبادگار جو لکين رپين جو نقصان حوالي سان متاثرين زليخا ميتلو روبينا ميتلو سڪينا ميتلو عبدالغفور ميتلو ۽ ٻين احتجاج ڪندي الزام هڻندي چيو ته ڳوٺ جي بااثر سنڌن جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي ڳوٺ مان لڏڻ زمينن تي قبضا ڪرڻ جون

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

ينگ ڊاڪٽرن پاران جائز مطالبن جي مڃتا لاءِ ٻهرين نومبر کان احتجاج جو اعلان

سيڪريٽري کان وٺي اهم عهدن تي ڊاڪٽرن بجاءِ نان ٽيڪنيڪل عملدار مقرر آهن: اڳواڻ

حڪومتي پاليسيون تبديل نه ڪيون ته سڄي سنڌ ۾ مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪيو ويندو

ٺٽو (ن ع) سنڌ جي ينگ ڊاڪٽرن ايف بي آر جي پاليسين کي ڊاڪٽرن کي حراسان ڪرڻ قرار ڏيندي صحت کاتي ۾ ميرٽ تي انتظامي عملدارن جي مقرري ۽ اهم عهدن تي نان ٽيڪنيڪل ماڻهن کي هٽائي پروفيشنل ڊاڪٽر مقرر ڪرڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو آهي ۽ حڪومتي غلط پاليسين خلاف ٻهرين نومبر تي سڄي سنڌ ۾ پي ايم اي جي گڏيل سهڪار سان ڊاڪٽرن کي حراسان ڪرڻ خلاف احتجاجي مظاهرن جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي ۽ چتاءُ

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

سنڌ حڪومت عوام کي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي: محمد بخش خان مهر

تعليم ۽ صحت جي شعبن کي بهتر بڻائڻ لاءِ مختلف ترقياتي منصوبا شروع ڪيا ويا آهن

ترقياتي اسڪيمن جو مقصد عوام کي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ ۽ معيار بهتر بڻائڻ آهي

ميرپور ماٿيلو/ خانپورمهر (نمائندن وٽان) صوبائي وزير زراعت، اينٽي ڪرپشن ۽ اسپورٽس سردار محمد بخش خان مهر چيو آهي ته سنڌ حڪومت عوام کي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ ڀرپور ڪوششون ڪري رهي آهي. تعليم ۽ صحت جي شعبن کي ترجيحي بنيادن تي بهتر بڻائڻ لاءِ مختلف ترقياتي منصوبا شروع ڪيا ويا آهن. ته جيئن عام ماڻهن کي بهتر تعليمي ۽ طبي سهولتون ملي سگهن اهڙن خيالن جو اظهار هن ماٿيلو مومل جي ماڙي

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

WORKS & SERVICES DEPARTMENT
GOVT. OF SINDH
INAUGURATON CEREMONY OF
SUGAR CANE CESS FUNDS
BY
Sardar Muhammad Bux Khan Mahar

ماٿيلو: صوبائي وزير محمد بخش خان مهر روڊ جي ترقياتي ڪم جو افتتاح ڪندي

ٽنڊو مستي پرسان شاديءَ جي تقريب دوران ٻار جي فوت ٿيڻ جو آءِ جي نوٽيس ورتو

جاويد عالم اوڍو نوٽيس وٺندي ايس ايس پي خيرپور کان رپورٽ طلب ڪري ورتي

فائرنگ ۾ ملوث جوابدارن جي نشاندهي ڪري کين فوري طور قانون جي گرفت ۾ آندو وڃي: آءِ جي سنڌ

خيرپور(ڊر) خيرپور ضلعي جي ڪنڊو مستي ٿاڻي جي حد ۾ ڳوٺ لعل ڏنو اڄڻ ۾ شاديءَ جي تقريب دوران هوائي فائرنگ جي

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

پاڪستان پوسٽ پاران ماتا هاسي ديوي جنم ڏينهن تي يادگاري ٽڪليون جاري

200هين جنم جينتي جي موقعي تي يادگاري پوسٽل ٽڪليون ۽ سوونيئر شيٽ جاري ڪيا ويا

يادگار ڊاڪ ٽڪلي جاري ڪرڻ هندو برادريءَ لاءِ فخر، خوشي ۽ اعزاز جو تاريخي لمحو آهي: هندو برادري

خانپورمهر (ن ع) پاڪستان حڪومت ۽ پاڪستان پوسٽ پاران سنڌ جي عظيم

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

مقصودو رند لڳ بي ايڇ ايس جيئندو رند ۾ مبينا غلط ٽڪو لڳڻ سبب معصوم ٻار فوت

ٻن مهينن جي ايان علي ولد الهداد رند 10 ڏينهن اڳ بيسڪ هيلٿ سينٽر جيئندو رند مان نينگر کي ٽڪو لڳرايو: وارث

ڊاڪٽرن بدران سيڪرائن ٽڪو لڳايو ته حالت خراب ٿي وئي، واپس آياسين ته ڊاڪٽرن جي غفلت سبب نينگر فوت ٿي ويو

اپيل ٿا ڪريون حڪومت کي ته ڊاڪٽرن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي ته جيئن ڪنهن ٻي ماءُ جي جهولي خالي نه ٿئي

مقصودو رند (رپورٽ علي احمد رند) مقصودو رند ۾ بيسڪ هيلٿ سينٽر جيئندو رند اسپتال ۾ مبينا غلط ٽڪو لڳڻ سبب ڳوٺ خيرو رند جو ٻن مهينن جو معصوم نينگر ايان علي ولد الهداد رند فوت ٿي ويو

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

مقصودو رند:فوت ٿيل نينگر جو لاش پيل آهي

قبوسعيد خان لڳ پرڻيل ناري جو گولين لڳل لاش هٿ آيو، قتل جو شڪ ظاهر

ڳوٺ پنهل خاصخيلي ۾ 22 ورهين جي بينظير زال ضمير علي خاصخيلي جو لاش مليو

ناري پاڻ تي فائر ڪري خودڪشي ڪئي آهي (سائرا) ناري کي سندس ڏيرن قتل ڪيو آهي: وارث

قبوسعيد خان(ن ع) قبوسعيد خان ٿاڻي جي حد ۾ ميرڻ ماڇي لڳ ڳوٺ پنهل خاصخيلي ۾ 22 ورهين جي بينظير زال ضمير علي خاصخيلي جو پنهنجي گهر مان پستل جون گوليون لڳل لاش هٿ آيو جنهن کي پوسٽ مارٽم لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو فوتڻ جي چاچي وزير علي ٽوڪائي، ڏاڏي خان محمد ٽوڪائي ۽ ماءُ ضميران ٽوڪائي ميڊيا سان ڳالهائيندي الزام هنيو ته ڪين صبح جو اطلاع ڏنو ويو ته بينظير پاڻ تي فائر ڪري خودڪشي ڪئي

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

ڊي سي حيدرآباد جي صدارت ۾ ٽريفڪ مئنيجمينٽ بورڊ جو اجلاس

ٽريفڪ روانيءَ ۽ غلط پارڪنگ کي روڪڻ لاءِ غيرقانوني قبضا ختم ڪرايا وڃن: ڊي سي

حيدرآباد(رپورٽ غلام حسين خاصخيلي) حيدرآباد ۾ ٽريفڪ جي رواني بهتر بڻائڻ لاءِ ضلعي ٽريفڪ مئنيجمينٽ بورڊ جو اجلاس ٿيو حيدرآباد جي ضلعي ٽريفڪ مئنيجمينٽ بورڊ جو اجلاس ڊپٽي ڪمشنر حيدرآباد زين العابدين ميمڻ جي صدارت هيٺ سنڌس آفيس ۾ منعقد ٿيو اجلاس کي خطاب ڪندي ڊپٽي ڪمشنر لاڳاپيل عملدارن کي هدايت ڪئي ته حيدرآباد ۾ ٽريفڪ جي رواني بهتر بڻائڻ ۽ گاڏين جي غلط پارڪنگ کي روڪڻ لاءِ رستن تان

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: بورڊ آفيس جا ملازم مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

پنوعاقل لڳ قتل ٿيل صائمه
سميجو جو ڪيس 5 جوابدار
خلاف داخل

پنوعاقل(ن ع) پنوعاقل:گذريل ڏهاڙي قتل ٿيل صائمه سميجو جي قتل جي ايف آءِ آر داخل سندس سڳي پٽ ۽ ڏير سميت پنجن جوابدارن مٿان سرڪار جي فرياد ايف آءِ آر ڪاٽي وئي"مختلف هنڌن تي جوابدارن جي گرفتاري لاءِ پوليس جا ڇاپا جاري: عورت صائمه سميجو کي ٻن سڳن

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

پنوعاقل لڳ هٿيارٻند
شهرين کان روڪ رقم ۽
سامان ڦري ويا

پنوعاقل(ن ع) پنوعاقل جي ڏاڏلوءَ ٿاڻي جي حد قومي شاهراهه پنج موڙ وٽان هٿيارٻند ڏينهن ڏٺي جو رزاق فلور جي ملازمن ديو ۽ سنديش ڪمار کان ٻه موبائل فون ۽ هڪ لک روڪ رقم ڦر ڪري فرار ٿي ويا

چونڊڪو جي آر ايڇ سي ناراگيٽ ۽ آر ايڇ سي عمارتن دوران نڪتل سامان غائب

پراڻين عمارتن مان نڪتل لوهه، سرون، دروازا، دريون، فرنيچر ۽ ٻيو سرڪاري سامان وڪرو ٿيڻ جا انڪشاف

ايڪسري، الٽرا سائونڊ مشين، سولر سسٽم، بيٽريون، فرج سميت اسپتالن ۾ استعمال ٿيندڙ ٻين قيمتي شين جو رڪارڊ غائب

اسپتالن احاطن مان قيمتي وڻن جي واڍي سميت شفاف جاچ ڪري ملوث ماڻهن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي: رهواسي

چونڊڪو(رپورٽ منور علي پنهور) آر ايڇ سي ناراگيٽ ۽ آر ايڇ سي چونڊڪو جون نيون عمارتون منظور ٿيڻ ۽ تعميراتي عمل اڳتي

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

سڳيون: فوتي شخص جو لاش پيل آهي

خيرپور ۾ وڌندڙ بدامني خلاف شاگردن پاران احتجاجي مظاهرو

مظاهرين راشد، مهتاب خاصخيلي ،حسين علي شر جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

شاگردن کان ڦر ٿيل موٽرسائيڪلون، موبائيل فون ۽ ٻيو سامان جلد رڪور ڪرائي ڏنو وڃي

خيرپور(ڊ ر) خيرپور ۾ وڌندڙ بدامني خلاف شاگردن پاران پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو احتجاج جي مظاهري جي

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

سکر ۾ ميونسپل ملازمن جو پگهارن ۽ پينشنن جي عدم ادائيگي خلاف احتجاجي ڌرڻو

ملازمن علي مردان شيخ، دانش قريشي، شاهد حسين جتوئي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ميئر ۽ ميونسپل آفيس آڏو ڌرڻو هنيو

گذريل ٽن مهينن کان حاضر سروس ملازمن کي پگهارون ۽ رٽائرڊ ملازمن کي پينشنون ادا نه ڪيون ويون آهن: مظاهرين

جيستائين سندن مطالبا منظور نه ڪيا ويندا، تيستائين سندن پرامن احتجاجي ڌرڻو جاري رهندو

سکر(بيورو رپورٽ) محنت ڪش اسٽاف يونين سي بي اي سکر ميونسپل ڪارپوريشن جي سڏ تي ملازمن پگهارن ۽ پينشن جي عدم ادائيگي سميت ٻيا مطالبا منظور نه ٿيڻ خلاف ميئر سکر ۽ ميونسپل ڪمشنر جي آفيسن ٻاهران احتجاجي ڌرڻو هنيو ۽ مطالبن جي مڃتا لاءِ سخت نعريبازي ڪئي احتجاج جي اڳواڻي محنت ڪش اسٽاف يونين جي جنرل سيڪريٽري علي مردان شيخ سينيئر نائب صدر دانش قريشي رابطي واري سيڪريٽري

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

سکر: سي بي اي جا ملازم مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

27 OCTOBER KASHMIR
BLACK DAY
يومِ سیاہ
ڪارو ڏينهن

27 آڪٽوبر ڪشميري عوام جي حق خوداراديت ۽ بنيادي انساني حقن سان يڪجهتيءَ جو ڏينهن

ڪيترين ئي ڏهاڪن کان جاري جدوجهد قربانين ۽ ڏکيائين جي باوجود ڪشميري عوام پنهنجي مستقبل جو فيصلو پاڻ ڪرڻ جي حق جو منتظر آهي.

سنڌ حڪومت ڪشميري عوام سان يڪجهتيءَ جو اظهار ڪندي انهن جي حق خوداراديت، بنيادي انساني حقن جي تحفظ ۽ ڪشمير مسئلي جي پرامن ۽ منصفاڻي حل جي حمايت ڪي ورجائي ٿي.

ڪشميرين جي حق خودارادیت جي حمايت
اسان جو اٽل عزم

اطلاعات کاتو، حڪومتِ سنڌ

INF/KRY/4690/26

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.